جاڳ اي انسان



ليک:

نند سوامي سرسوتي

جاڳ — اي — انسان

ليکڪ:

مهاتما آنند سوامي سرسوتي

انوادڪ:

رامچند اين. ياڳچنداڻي "گيان"

پرڪاشڪ:

مهرشي ساهتيہ پرڪاش منڊل

ڪاريالیہ:

آريہ سماج سهجپور (احمد آباد)

قيمت: ۲ رپيا

مهرشي نرواڻ ڏينهن

ديپاولي ۱۹۷۳

ٻه اکر......

لکڻ جو اُديش مهرشي ساهتيه پرڪاش منڊل جي طرفان ڇپجندڙ نئين ڪتاب جاڳ- اي- انسان لاءِ ٿيو آهي اصل ڪتاب جا ليکڪ - آنند سوامي جي مهراج آهن، جن جا لکيل ڪيئي ڪتاب اڳ ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي مهرشي ساهتيه پرڪاش منڊل طرفان سنڌي جنتا کي پيش ڪيا ويا آهن آنند گائتري ڪٿا هڪ نئي رستو ڀڳت ۽ ڀڳوان گهور گهڻي جهنگل ۾ نئين ڪتاب جو نالو سوامي جن رکيو آهي جاڳ - اي - مانو سڀ ٻچ جي مانوتا جاڳي پئي ته سنسار سرڳ بڻجي پوي هن ڪتاب جي پڙهڻ سان جي ڪيئي انسان ۾ مانوتا کي سمجهي سگهيا آهن ته سوامي جن جي محنت سڦل ٿي ويندي شل پرڀو سڀني کي سمتي پردان ڪري جو مانو سڀ ٻچ مانو بڻجي سگهي.

شيوا ۾ :-

نارائڻ داس پوج ٿاراچند

(ايشين فوٽ انڊسٽريز، احمدآباد.)

گھرائي پڙھو ھيٺيان پستڪ سنڌيءَ ۾

١- ڀڳت ۽ ڀڳوان
٢- راشٽر ڀڳتي پرڀو ڀڳتي
٣- ھڪ نئين رستو
٤- گھور گھني جھنگل ۾
٥- سکي گرھست
٦- مھامنتر

ليکڪ:

مھاتما آنند سوامي سرسوتي

ملڻ جو ھنڌ:

١- آريہ پرنٽنگ پريس
ريلوي لائين پرسان، سھجپور، احمدآباد.

٢- آريہ سماج سھجپور بوگھا، (احمدآباد)



مهاتما آنند سوامي سرسوتي

گهرائي پڙهو هيٺيان پسٽڪ هندي ۾

١— پريو درشن
٢— دو راستي
٣— اپنيشدون کا سنديش
٤— گهور گهني جهنگل ۾
٥— پريو ملن کي راه
٦— پريو ڀڳتي
٧— ايڪ هي راستا
٨— يه ڏن ڪسڪا هئه
٩— آنند گايتري ڪٿا
١٠- شنڪر ۽ ديانند پوٿ ڪٿائين
١١- ويدڪ ستيه نارائڻ ڪٿا
١٢- سکي گرهست
١٣- مهامنتر
١٤- مانو اور مانوتا
١٥- تتو گيان
١٦- **THE ONLY WAY [In English]**

مٿين سڀني پسٽڪن جو ليکڪ
مهاتما آنند سوامي سرسوتي آهي.

١٧- شري آنند سوامي سرسوتي جي کا جيون چرتر
ليکڪ:- رنوير

اي انسان جاڳ!

ڀيريون ڏينهن:-

منهنجون پياريون مائٽون ۽ ڀينرو!

پورا ساڍا چار سال ٿيا جڏهن مان حيدرآباد ۾ آيو هوس. تڏهن کان راڄا پرتاپگر جي کوٺيءَ تي لاڳيتا ست ڏينهن اوهان جي سيوا ڪئي هئي. اڄ پڻ ساڍن چئن سالن کان پوءِ اوهان جي درشن ڪرڻ جو سوڀاڳيه مليو آهي. وقت ڪيئن نه جلد گذرندو پيو وڃي اُنهن ساڍن چئن سالن ۾ ڪيتريون نئي ڳالهيون ٿيون آهن. تڏهن ۽ اڄ ۾ ڪيڏو نه تفاوت اچي ويو آهي. منش پنهنجي عمر جي هڪ سال گذرڻ تي جنم ڏينهن ملهائيندو آهي. پارٽي ۽ بريتڀوڄن ڪندو آهي- خوشيون منائيندو آهي. ته ڇا اهو ڏينهن خوشيءَ جو آهي يا سوچ ويچار جو؟ اُن لاءِ هڪ اُردو شاعر اڇو هيئن چيو آهي.

"جيري گردؤ عمر اپني، دن بہ دن ڪٽتي گئي؛
جس قدر بڙهتي گئي هم، زندگي گهٽتي گئي."

هاڻي اوهين ٻڌايو ته اهو ڏينهن خوشي منائڻ جو آهي يا سوچڻ ويچارڻ جو.

جڏهن اوهان جي جيون ۾ هڪ سال گهٽجي ويو. هتي اوهان کي جيترا سال ٻيا رهيا آهن اُنهن مان هڪ ڏهاڙو ته چنتن ڪرڻ جو آهي. اسين ڏسون ته اسان

اهڙا ڪار ۽ ڪام (واسنا) وڌندا ويندا تيئن سمجهو ته
تباهي به وڌيڪ ٿيندي ويندي.

اها ڳالهه اڄ کان هزارين سال اڳ جي آهي اڄ ته
پاڻ اهي وڪار هر طرح وڌيل ئي آهن. تڏهن ٻڌايو
ته تباهي نه وڌندي ته ڇا وڌندو؟

ان باري ۾ وڏو مهاراج هڪ ڪٿا ٻڌائي هئي.
هڪ خوفناڪ ۽ اجاڙ جهنگل، جو شينهن ۽ چيتن سان
ڀريل هو. ان ۾ هڪ شخص گهمندو گهمندو هڪ اهڙيءَ
جڳهه تي اچي پهتو جتي ڪيس هڪ وڏو زهري نانگ
۽ هڪ استري ڪيس نظر آيا. اهي ٻئي هن ڏانهن وڌندا
پئي آيا هو انهن کان گهٻرائجي ڀڄڻ لڳو ڀڄندي -
ڀڄندي وڃي هڪ تلاءَ ۾ ڪريو. جو وڻن ٻوٽن وغيره
سان ڀريو پيو هو هيٺ ڪرندي ڪيس وڻ جي هڪ
ٽاري هٿ اچي ويئي ۽ ان ۾ لٽڪڻ لڳو. ته ڇا ٿو
ڏسي جو اُتي هيٺ هڪ وڏو اجگر ويٺو آهي. وڻن
جي وچ ۾ هڪ ٻارهن منهن وارو هاٿي بيٺو آهي. ان
ٽاريءَ کي ڪارا ۽ اڇا ڪوئا واٽ سان ڪتري رهيا
آهن ان ٽاريءَ ۾ مٿي ماکيءَ جو مانارو به آهي. جنهن
مان ماکي، بوند بوند ٿي هيٺ ٽپڪي رهي آهي.
ڪڏهن ان ماکيءَ جي لار سندس منهن ۾ به
اچي ٿي پيئي جنهن تي هو جيئرو رهي سگهيو هو.
هيٺ نانگ، مٿي وڻن ۾ هاٿي؛ چوڌاري تلاءَ ۽ ٻاهر

اڳ ڇا ڪيو آهي ۽ هاڻي باقي ڇا ڪرڻو آهي —

جهڙي طرف نديءَ جو وهندڙ پاڻي وهي وڃي ٿو ۽ واپس نٿو موٽي اهڙيءَ طرح منش جي عمر به رات - ڏينهن وهي ٿي گذرندي ٿي ۽ واپس ورڻ واري نه آهي.

اهڙو ئي اسانجو هيءُ جيون آهي. اسانکي ته اهو ئي سوچڻ گهرجي. هن سنسار ۾ اسانکي ڪيئن رهڻو آهي جڏهن هيءُ سنسار بگڙيل آهي. تڏهن هن بگڙيل دنيا ۾ اهڙا ڪهڙا سادن يا وسيلا آهن جن سان اسين نيڪ ڍنگ سان هن سنسار ۾ رهي سگهون.

پنج هزار ورهيه اڳ جي ڳالهه آهي جڏهن مهاڀارت جي يڌ اڃان شروع ڪانه ٿي هئي تڏهن مهاتما ودر ڀڳت هڪ ڏينهن راجا ڌرتراشٽر وٽ ويو. مهاراج ڌرتراشٽر سنگهاسن تي براجمان هئا. تڏهن ڌرتراشٽر ڀڳت ودر کان پڇيو "مهاتما! اڄ سنسار دکي ڇو آهي؟" تڏهن مهاتما ودر چيو —

"هي راجن حيرت آهي جو سنسار ۾ جتي ڪٿي لوڀ ئي لوڀ ڦهليل نظر اچي ٿو. سنسار ڪروڌ ۽ ڏپ ۾ پاڳل ٿي پنهنجي آتما کي ڀلجي ويو آهي"

ڌرتراشٽر پڇيو "هي مهاتما ان جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟" ودر ڀڳت چيو "راجن! ان جو نتيجو نڪرندو پرلم - بربادي. جيئن لوڀ، موهه، ڪروڌ،

ڪوئي سڀ ويد ڪسي نه وڃي پر اسان وٽ ان جو ھڪ ٻه منتر باقي رهجي ويا، ۽ اھو منتر يجر ويد جي چاليھين اڌياءَ جو پھريون منتر آھي تنھن اسين ان مان گھڻو ڪجھه پرائي سگھون ٿا. اگر سارو ويد رھي ته ٻيو ڇا گھرجي؟ يجر ويد جي چاليھين اڌياءَ جي پھرين منتر ۾ سنسار ۾ نيڪ ڍنگ سان رھڻ لاءِ ٻڌايو ويو آھي. اھو يجر ويد جو چاليھون اڌياءَ ان ويد جو پڇاڙيون اڌياءَ آھي. ان کي **ايشاوسيوپنشد** به چوندا آھن ۽ ويدانت به.

اسان کي نيڪ وڏيءَ سان ڪھڙيءَ طرح رھڻ گھرجي، ڪيئن جيئڻ گھرجي ان جي لاءِ چار مکيه ڳالھيون چيل آھن.

"پھرين ڳالھه"

پھرين ڳالھه آھي سرير. ھن جسم کي نيڪ رکيو وڃي جو جيون کي سکي رکڻ جو پھريون ساڌن آھي. جنھن جو سرير نيڪ نه آھي ان کان ڪھڙو ڪم سرندو؟ اتم ۽ تندرست سرير بنان ڀڳوان جو ڀڄن ڪيئن ڪري سگھبو؟ سرير کي تندرست رکڻ لاءِ ھڪڙو اُپاءُ اسان جي وڏن ٻڌايو آھي:-

"اھي ڪھڙا استري پرش آھن جي نروڳي رھن ٿا. نيڪ پدارٿ کائڻ وارن کي ڪڏھن به روڳ لڳو نٿي. اھي شيون جيڪي اسان کي نيڪ لڳن ٿيون اھي

پنج زهري نانگ ۽ هڪ استري.

هاڻي اوهين ٻڌايو ته ان جو تاپرج ڇا آهي؟ ٻڌو، اهو خوفناڪ جهنگل هيءُ سنسار آهي ۽ خطرناڪ جانور دک، چنتا ۽ ڪشت آهن. اهي پنج زهري نانگ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه اهنڪار آهن ۽ اها استري آهي اهو جوڀن جواني جيڪو سرير کي ڪوري ڪوري ٻڍاپي ڏانهن وٺي پيو هلي.

هيٺين اڄگر لاءِ جو چيو ويو آهي، اهو آهي موت ۽ مٿي جيڪو ٻارهن منهن وارو هاٿي چيو ويو آهي اهو آهي هڪ سال. جيڪي ٻه ڪوئا (اڇو ۽ ڪارو) چيا ويا آهن اهي آهن ڏينهن ۽ رات جيڪي جيون کي هر روز ڪتريندا پيا وڃن ۽ جيڪا ماکيءَ جي لار آهي اها آهي آشا ترشنا. جنهن جي سهاري منش زنده رهي ٿو.

چئني ڏسائن ۾ بگاڙو ئي بگاڙو نظر پيو اچي هيٺ ۾ بگاڙو ته مٿي ۾ بگاڙو ته اندر ۽ ٻاهر بس بگاڙو پوءِ ٻڌايو ته زنده رهون ته ڪيئن رهون؟ اها ڳالهه مون پنج هزار ورهيه اڳ جي ٻڌائي جڏهن مهاڀارت جي لڙائي اڃان ڪانه ٿي هئي. هاڻ ته ٻاڻ اڳ کان بدتر حالت آهي. تڏهن اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي، هن سنسار ۾ ڪيئن رهڻ گهرجي؟

مهاتما گانڌيءَ هڪ هنڌ لکيو آهي ته اسان کان

ونڊ چيس اهي ڪهڙيون شيون سنهيون آهن ان ڪري اهي
خوب کائو انهن مان ٿي لاڀ آهن. ٻهريون لاڀ اهو
آهي تہ ڪنگهہ ۾ جيڪڏهن آچار ۽ ڪٿو کائيندا تہ گهر
۾ چور ڪڏهن نہ ايندو - ٻيو اهو تہ جيڪڏهن ڪنگهہ ۾
گڏاهڙي يا ڪت وغيره کائيندا تہ ڪتو ڪڏهن بہ چڪ
نہ پائيندو - ٽيون اهو جيڪڏهن ڪنگهہ ۾ ڪٿي ڏهي وغيره
کائيندا تہ ٻڍاپو ڪڏهن نہ ايندو. سيٺ اهو ٻڌي گڏ-
گڏ ٿيو ۽ پڇڻ لڳو "پر اهو وري ڪيئن ونڊ صاحب؟"
ونڊ کيس ٻڌايو "سيٺ صاحب ٻڌو، ڪنگهہ ۾ ڪٿي يا
آچار کائڻ سان ساري رات ڪنگهہ جي ڪٿون ڪٿون لسہ
جاري رهندي ٿي. ان ڪري ننڊ ڪانہ ايندي تہ پوءِ
گهر ۾ ان جي جاڳندي چور ايندو ڪيئن؟ گڏاهڙي يا
ڪت وغيره کائڻ سان ڪنگهہ وڌيڪ وڌندي ۽ بدن ۾
ڪمزوري بہ ضرور ايندي ۽ هلڻ چلڻ لاءِ لٺ جو
سهارو وٺڻو پوندو. لٺ ڏسي ڪتو ڪڏهن بہ ويجهو
نہ ايندو ۽ نہ چڪ ئي پائيندو. ڪنگهہ ۾ انهن ڪٿين شين
کائڻ سان ايترو ڪمزور ٿي ويندو جو ٻڍاپي کان اڳ
۾ ئي پرلوڪ پڌاربو ۽ هن وٽ ٻڍاپو ايندو ئي ڪونہ"
هاڻي سيٺ کي سمجهہ ۾ آيو تہ کيس ڪنگهہ ۾ اهڙيون
شيون واپرائڻ گهرجن جي سرير جي لاءِ نيڪ هجن.

پيلا جيڪي شيون سرير جي لاءِ نيڪ آهن اهي
جيتريون چاهيون اوتريون کائون؟ مونکي کيرڻي ڏاڍي

کائون نہ پوءِ ڪابہ بيماري نزديڪ نہ ايندي. جيڪڏهن ڪنهن کي کنگهہ آهي اهو لسي، ڏهي، کٽ آچار- يا ڪا ٻيلي شيءِ کائيندو تہ ان کي کنگهہ ڪين ڇڏيندي ان حالت ۾ دوا سان گڏ اهي شيون کائڻ جي سرير کي ڀاڻ پون.

مان اوهان کي هڪ سيٺ جي ڪٿا ٻڌايان ٿو. ان کي ڏاڍي کنگهہ هئي. ڊاڪٽر وٽ ويو. ڊاڪٽر کيس دوا ڏني ۽ چيو "سيٺ! کٽي شيءِ کائڻ بند ڪندا تہ ڏهن فائدو ٿيندو" سيٺ چيو "ڊاڪٽر صاحب! آچار نہ کان؟" ڊاڪٽر چيو، "نہ" ڀلا گدامڙي نہ کان. ڊاڪٽر کيس ساڳيو انڪاري جواب ڏنو. سيٺ کي ڊاڪٽر جي ڳالهہ نہ وڻي. ڊاڪٽر جي دوا نہ ڪئي. اهو سيٺ هڪ وئد وٽ ويو. ان کي چيائين "وئدجي! مونکي کنگهہ آهي. ۽ ان جي دوا اهڙي ڏيو جو دوا بہ وٺان کاڌي ۾ ڏهي، کٽاڻ بہ کائيندو رهان. وئد سياڻو هو. سمجهي ويو تہ هيءُ سيٺ جڀ جي سواد کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي. هن کي دوا ڏنائين ۽ چيو "هن دوا سان ڀلي ڏهي. کٽاڻ وغيره کائو." سيٺ ڏاڍو خوش ٿيو. سيٺ ڪجهہ ڏينهن دوا وٺندو رهيو. وئد وٽ ويو ۽ چيو "وئدجي! اوهان جي دوا سان اهو ضرور ٿيو آهي جو کنگهہ وڌي ڪونہ آهي ۽ گهٽي بہ ڪونہ آهي ان ڪري اها دوا ٺيڪ آهي ۽ اها دوا وري بہ ڏيو.

ڪر، ڪرم ڪر!

ولبير جڏهن آمريڪا کان واپس آيو ته مون کانئس پڇيو ته آمريڪا ۾ انهن ماڻهن جي تندرستي ڪيئن ٺيڪ رهي ٿي؟ هن ٻڌايو ته اتان جون سڀ استريون هر ڪو ڪم پاڻ ڪن ٿيون رسوئي- ٻهاري ٻاسڻ- ڪپڙا پريس ڪرڻ وغيره سڀ پاڻ ڪن ٿيون. اسانجي ديس ۾ به استريون اڳ ائين ڪنديون هيون. پر اڄ رسوئيءَ کي هوٽل وٺي هليو ويو آهي. چاهه ۾ ٻاهه ٻارڻ کي ٻجلي ۽ گئس کڻي وئي آهي جنهن کي (انڌي پيهڻ جو) چڪي کڻي وئي آهي. چرخي هلائڻ لاءِ جو مهاتما گانڌيءَ ڪم ڪيو اهو ڪٽي- ڪٽي رهجي ويو آهي چرخي هلائڻ سان ايڪاگرتا ملي ٿي ۽ چت کي شانتي اچي ٿي.

اڄ ته ڏيوڙون ڪو ڪر ڪن ڪونه ٿيون هنن کي اها خبر ڪانهي ته ڪم ڪرڻ ۽ ورزش ڪرڻ سان سرير هلڪو ۽ نروگي رهي ٿو. هن ورزش کي وڏي معنيٰ آهي. اسان پرڌان منتري جواهرلعل کي ڏٺو ان عمر ۾ به هو پوٽن جي اتائين پهاڙين تي سؤلائيءَ سان نوجوان وانگر چڙهي ٿي ويو چاڪاڻ جو هو مشغول جيون ۾ رهندي به برياڻ جو وهه منٽ يا اڌ ڪلاڪ يوگ آسن ڪندا هئا. جو ورزش ٿو ڪري ان جي سيني جهڙي حالت ٿئي ٿي. اهي سيني پنيءَ پنيان وڏا ويهاتا جوانيءَ ۾ ڏيڻ لي شروع ڪن ٿا. صبح کان

وڌندي آهي ته ڇا ان جا مان ڪتورا پري - پري پيٽان ؟ نه، گيتا ۾ چيل آهي ته پورو ٻارڇن کائو. جو کاڌو سرير جي لاءِ نيڪ آهي اهو به حد اندر کائو. ايترو کائو جيترو هضم ٿي سگهي. مريادا اندر کائو مريادا کان ٻاهر ڪوبه ڪم نه ڪرڻ گهرجي.

لاهور ۾ هڪ درگوءِ نالي ٿاهو آدمي هو اُنجي هلي ان ٿلائپ جو فائدو وٺي هو فلمن ۾ ڪم ڪرڻ لڳو، هو ٿلهو ايڏو هو جو ڇا چئجي. جنگ وقت جڏهن راشن جي لنگهي ٿي ته هن کي پورو پوي ئي ڪونه پيو. تڏهن اهو پنجاب جي مکيه وزير خضر حيات وٽ ويو ۽ چيو "صاحب، منهنجو هن ٿوري راشن مان پورائي ڪانه ٿي ٿئي. مکيه وزير چيو ته ڏسان هو سڄو ڏينهن ڪيترو ٿو کائي هن پنهنجي نوڪر کي چيو هن درگوءِ کي هڪ سير اٽي مان مانيون تيار ڪري ڏي. هو اهي سڀ روٽيون جهٽ کائي ويو ۽ هن جي ڪک ۾ ته پري ۽ ٻئي هڪ سير اٽي مان روٽيون ليار ڪيون ويئون اهي به هو کائي ويو پر هن جو پيٽ نه ڀريو. سو کائجي ايترو جو هضم ٿي سگهي مريادا اندر کائجي.

"ٻي ڳالهه"

سرير کي تندرست رکڻ لاءِ جيتري کاڌي جي ضرورت آهي اولري منش لاءِ ورزش به ضروري آهي ورزش سان تندرستي نيڪ رهي ٿي. اي انسان! ورزش

وقت ڀڳوان **ٻنروسوءَ** ڪان شش پڇيو، "ڀڳوان! اڄ ڪلهه، هيءَ ٻگاڙو ڪٿان آيو آهي؟ هوا ٻگڙيل، جل بگڙيل، اناج بگڙيل- ائين سڀ ڇو؟ ڀڳوان **ٻنروسوءَ** چيو، "ڀاڪاڻ جو اڄ ڪلهه ونسپتيون بگڙي ويئون آهن. دوائون بگڙي ويئون آهن. اڌرم وڌيل آهي. راجا ۽ پرجا ٻنهي جي اڌرمي هئڻ ڪري هي سڀ ڪجهه بگڙي ويو آهي."

"اڌرم ڇو وڌي رهيو آهي؟" **اگنويش** ورڻي پڇيو. ڀڳوان چيو، "ٻڌي بگڙي وڃڻ جي ڪري سڀ ڪجهه بگڙي وڃي ٿو. ٻڌي ناس ٿيڻ تي تباهي اچيو ٿي وڃي. **ٻنروسوءَ** جتي اها ڳالهه ٻڌائي آهي اتي دوائن جو ورڻن به ڪيل آهي ۽ اهو به ٻڌايو آهي ته بيماريون اچن ڇو ٿيون. اسين ڪو بيمارين کي وينتي نا ڪريون ڇا ته توهان اسان وٽ اچو. ڪڏهن اسان ٽائفائيڊ، مليريا، ٽي-بي يا دم ڪشيءَ کي چوائي موڪليو آهي، "هي بيماريون اسان وٽ جڳهه خالي آهي توهان هليون اچو." يا ڪا به بيماري اسان وٽ ڪڏهن پڇي به اچي ٿي؟ نه، اسين انهن کي پرارٿنا ڪريون ٿا ۽ نه اهي پڇي ڪري اچن ٿيون. ڪڏهن به بيماري هليو ٿي اچي. ڀڳوان **ٻنروسوءَ** چيو، "پرگيا جي اپراڌ ڪري سڀ روڳ پيدا ٿين. ٿا جيڪڏهن ٻڌي نه بگڙي ته بيماري يا ڪنهن روڳ کي مجال

سانجهن تاء ائين وينا رهن تا ان سان (Scientific
Process) ٽئي تي جو ڪجهه وقت ڪالهوء پنيءَ جو
ڪمدو به ڪبو تي باهر نڪري اچي تو جيڪي
ڪسرت لڳا ڪن. ان ڪري ورزش سرير لاء تمام
ضروري آهي.

"ٽئين ڪٿا"

ٽئين ڳالهه جا ٻڻ سرير کي تندرست رکڻ لاء تمام
ضروري آهي اهو آهي پراستري سنگ ۽ پربرش سنگ
پرش پنهنجي من ۾ پراستريءَ جي لاء ۽ پراستريءَ کي پر-
پرش جي لاء برا ويچار ڪڏهن به نه آڻڻ گهرجن جنهن
ان برن ويچارن کان من کي پري رکيو آهي اهو ڪڏهن
به روڳي نٿو رهي. تندرست رهڻ لاء برهمچاري رهڻ
به ضروري آهي. اهي مٿيان ٽيئي گڻ آهن جن سان
اسين پنهنجي سرير کي سگهارو ۽ تندرست رکي سگهون
ٿا، سو هن سرير کي نروڳي رکو. دارا سنگهه يا گاما
پهلوان بڻجي وڃو. پر ڇا صرف سرير کي تندرست
رکڻ ئي ڪافي آهي؟ نه. جسماني ٻل سان گڏ ٻڌي
ٻل به هئڻ ضروري آهي. هن جيون جي سفر ۾ ٻڌيءَ
جو هئڻ تمام ضروري آهي. سنسار جي رچنا کان پوء
سڀ کان اڳ ۾ ان ٻڌيءَ جي ئي شروعات ڪئي ويئي.

هڪ دفعي ڀڳوان پرسو گنگا جي ڪناري تي
پنهنجي شش اگنويش سان گڏ گهمي رهيو هو. ان

سگھندي. اھي ٻاھريون اندريون ٻئي ڀڳوان جو درشن ڪوله ٿيون ڪري سگھن.

پنھنجي ھردي جي اکه کول، ته پوءِ نظر ايندو ته ڀڳوان ڪٿي آھي؟ اڄ جو سنسار انھن ڳالھين کي اٿو سمجھي. چوراسي لک جونين جي روپ ۾ چڪر ڪاٽيندي ڪاٽيندي اوھان کي ھيءُ جيون مليو آھي ته توھان پنھنجي لاءِ دوا وٺي اچو. پر توھان ھٿ اچي تماشو ڏسندي اھو پلجي ويا آھيو ته ھتي ڇو آيا آھيو. انھن ايجادن اسانجون اکيون اگھرج ۾ وجھي ڇڏيون آھن. اسين پنھنجي مارگ کان ڀٽڪي پري ھليا ويا آھيون پنھنجن آديشن کي بلڪل پلجي ويا آھيون. نيڪ انھن ايجادن سان سک جو سامان وڌيو. اسانجي سرير کي سک پھچائڻ لاءِ نيون شيون ميسر ٿي مليون آھن پر ٻڌايو انھن مان اسانکي ساريرڪ سک، مانسڪ شانتي ۽ آتمڪ آنند مليو آھي؟ سرير کي برابر سک مليو آھي پر سرير سکي آھي!؟ ته ڇا ڪنھن کي روڳ يا بيماري نٿي ٿئي؟ اندر جي شانتيءَ جو ته نالو به ڪونھي آتمڪ آنند ته پري جي ڳالھ آھي.

مان گنگوتريءَ ۾ ھڪ ڪٽيا ۾ رھيل ھوس. پرڀاتسه جو اٿيس ته اسي ھڪ ٻئي پنديءَ جو جوڙو آيو جو پينو ھو. ڏٺم ته اھي ٻئي اسانجي ديش جا ڪونه ھئا. ڪنھن ٻئي ديش جا ھئا. اھي آمريڪا جا ھئا. مون

ٿهي جو اچي سگهي. ان ڪري ٻڌيءَ کي وڏي معنيٰ آهي. هن کي وڏو درجو آهي. ويد ڀڳوان ۾ جيتريون پرارٿنائون ٻڌيءَ لاءِ ڪيون ويئون آهن اوتريون ٻئي ڪنهن لاءِ نه ڪيون ويئون آهن.

ويد چوي ٿو ته جنهن ميڌا ٻڌيءَ لاءِ ديوتائون ۽ پرارٿنائون ڪن ٿا، پتر ۽ گهر ڪن ٿا اها ٻڌي اڄ ئي مونکي ڏيو. (يجر ويد)

ڀڳوان کان اگر گهرڻ جي وستو آهي ته اها ٻڌي ئي آهي. ان کان وڌيڪ ٻي ڪا ٿي نٿي سگهي. شيون گهرو، ڌن گهرو، تندرستي گهرو، جس گهرو عزت مان گهرو. جيڪي کپيو اهو گهرو پر ان کان وڌيڪ گهرڻ جي هڪ ئي شيءِ آهي اها آهي ٻڌي. سام-ويد جي منتر ۾ چيل آهي جنهن جو ارٿ آهي "يوگ جي سادنا ڪندي جڏهن منش ستين ڏاڪي تي پهچي پنهنجي انتر آتما سان پرڀوءَ جو درشن ڪري ٿو، پوءِ تڏهن ان کان باقي ڇا گهرجي؟

اندر جي گيان چڪيؤ سان ئي ڀڳوان درشن ڏئي ٿو. جنهن گيان اندري کي جو ڪم ڪرڻو آهي اهو ڪم ٻڌي ئي ڪندي. ڪن کي جيڪڏهن چيو وڃي ته گهڙيءَ ۾ ڪيترو ٽائيم ٿيو آهي ته ڪن اهو ئي چوندو ته مان فقط گهڙيءَ جي ٽڪ-ٽڪ ٻڌان ٿو، واچ ۾ ڪيترو ٿيو آهي اهو اک ئي ٻڌائي

ماڻهو ته ڪانئس ڏهرائيندا ، ”شريمان مون کي ڇهين آني جو هڪ گرم رس گلو يا گلاب جمون گهرائي ڏيو.“ ڪي ماڻهو ڀڳوان کان اهڙيون اهڙيون شيون گهرندا آهن. هڪ وڪيل ڀڳوان کي پرارٿنا ڪندو آهي ته ”ڀڳوان ڪتابن پڙهن جي بي - اي پاس ٿي وڃان. يا ڌن گهرندو، راڄ گهرندو آهي. اڄ ڪالهه جون استريون بلائوز ۽ لپ اسٽڪ گهرنديون آهن.

اوهان کي ان سنبنڌ ۾ مهرشي يم ۽ نچڪيتا جو هڪ هند ڪيل وارتالاپ ٻڌايان ٿو.

نچڪيتا مهرشي يم کان پڇيو، ”مهاراج! اهو ڌس ڏيو ته جيئن موت جو ڇنبو وري مون کي پڪڙي نه سگهي.“

مهرشي يم چيو، ”اهو ڇا ٿو گهرين، گهوڙا اٺ ۽ ڌن دولت گهر، راڄائي گهر؛ مان سڀ ڪجهه توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. نچڪيتا چيو، ”مهاراج! اهو سڀ ڪجهه اوهان وٽ هجي مون کي ٻڌي ڏيو جنهن سان مان امر بڻجي سگهان.“

جو شخص لڳاتار ڀڳوان سان مليو رهي ٿو ان کي مان ڇا ٿو ڏيان. ڌن ڏي نه پر ٻڌي يوگ به ڏيان ٿو. ٻڌي به ٽن پرڪارن جي ٿئي ٿي: ٻڌي سبڌي ۽ ڪبڌي. اڄ ڪبڌي وڌي رهي آهي. ان ڪري اڄ پارٽي بازي گٽ بندي ، تنگ دلي ”هي منهنجو هئو لنهنجو“ جون ڳالهيون پيدا ٿي ويئون آهن

ڪانئس پڇيو "رات ته سک سان گذري نه؟" چوڻ لڳا، "اسين هتي ڪاليءَ ڪماءِ وارن وٽ رهيل آهيون. اِلي ساري رات منگهڻ ۽ مڇرن قتي ڇڏيو آهي. مون کين پنهنجي کٽيا رهڻ لاءِ ڏني. مان کٽيا کان ٻاهر آيس. ڪجهه ڏينهن اهي اتي رهيا. هڪ ڏهاڙي مون کانئس پڇيو "ڀائي، اهو نه ٻڌايو جڏهن اوهان جو هيڏو وڏو ملڪ آهي اتي انيڪ سک ۽ شانتيءَ جا ساڌن آهن پوءِ به هيڏو ڪشٽ ڪري هتي جهنگلن ۾ اچي پهتا آهيو؟ هنن چيو "اسانجي ملڪ ۾ سڀ ڪجهه آهي، نيون وگيانڪ کوجنائون ٿيون آهن اتي وڏا وڏا ڪم ٿيا آهن؛ پر اتي اندر جي شانتي نه ملي آهي. ان کي ڳولهڻ لاءِ اسين هتي آيا آهيون." اسانجي وڏن اهڙي کوجنا ڪئي آهي جو من کي شانتي ۽ آتمڪ آنند پراپت ٿئي ٿو، اها شانتي بازار ۾ ڪونه ٿي ملي. جيڪڏهن ملي ها نه مان خريد ڪريان ها. هيءَ شانتي سام ويد واري منتر ۾ جنهن بابت مٿي چيو ويو آهي، ان ۾ بيان ٿيل آهي.

يوگ جي ساڌنا ڪندي جڏهن منش ستين ڏاڪي تي پهچي وڃي، ڀڳوان سندس سامهون اچي بيهي ته هو ڪانئس گهري ته ڇا گهري؟ ڇا ان شخص وانگر جنهن هڪ دفعي درخواست موڪلي ڏاڍن حيلن سان پرڌان منتريءَ سان ملڻ جو وقت ورتائين. جڏهن هن سان

”شڌ ڀوڄن سان ٻڌي شڌ ٿئي ٿي. شڌ ٻڌيءَ سان يادگيري (سمرتي) پختي ٿئي ٿي سمرتي رهڻ سان هرديه جون ڀيون سڀ ڳنڍيون ٽٽي وڃن ٿيون. انهن ٽٽي موڪش پراپت ٿئي ٿو. ان ڪري شڌ ڀوڄن وارا پدارٿ کائو. جي پوتر ڪمائيءَ مان ورتل هجن. جي محنت جي ڪمائيءَ مان هجن يا ڪنهن جي دل کي ڏکوئي يا پيڙي نه پيدا ڪيا ويا هجن. ٻيو جنهن ڀوڄن تيار ڪيو هجي ان جا وچار پڻ پوتر هجن.

مهاڀارت مان هڪ ڪٿا ٻڌايان ٿو جڏهن ڀيشم پتامهه تيرن جي سيجا تي ليٽيل هو تڏهن هو يڌشٽر کي ڌرم جون وڏيون وڏيون ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو يڌشٽر کانئس سوال پڇندو پيو وڃي ۽ هو جواب ڏيندو پيو وڃي. پرسان دروپدي به بيٺي سڀ ڪجهه ٻڌي رهي هئي. جڏهن دروپديءَ ڀيشم پتامهه کان تمام گهڻيون سٺيون ڳالهيون ٻڌيون تڏهن به کانئس هڪ سوال پڇيو، ”مهاراج! تہ توهان تمام سندر ڳالهيون ٻڌائي رهيا آهيو پر ان ڏينهن اوهانجا اهي اوچ آدرش ۽ اپديش ڪيڏانهن هليا ويا هئا جڏهن اوهان جي حاضريءَ ڀريل سڀا ۾ دريوڌن منهنجا وستر ڦاڙي اپمان ڪري رهيو هو ۽ اوهان چپ چاپ سڀ ڪجهه ڏسي رهيا هئا

ڀيشم پتامهه امالڪ جواب ڏنو، ”ڌيءَ تڏهن مان دريوڌن جو پاپ مان ڪمايل ان کائي رهيو هوس جنهن

ان سيني جو ڪارڻ ڪبندي آهي.

ويدن ساري سنسار کي ۽ سيني ماڻهن کي هڪ ئي ڳالهه چئي آهي "توهان سڀ ڀائر آهيو هڪ ڪٽنب آهيو. ويد ڪڏهن به تنگ دلي نٿو سيکاري. ان تنگ دليءَ جهان ۾ ڀيڪتاڻ پيدا ڪئي آهي. ويد چوي ٿو ته سيني جي ماتا ڌرتي آهي ۽ پتا ڀڳوان آهي اسين هڪ ماءُ ۽ هڪ پتا جي سنتان آهيون. سارو سنسار هڪ ڪٽنب مثل آهي جنهن کي توهان چاهي سامهوار سڏيو.


جيڪي ماڻهو پنهنجي فائدي لاءِ ٻين کي ڪشت ڏين ٿا يا نقصان پهچائن ٿا تن کي ڪڏهن به لاڀ ملڻو ناهي. ڪٽي شروع ۾ ڪين لاڀ ملي ته وڃي پر پڪ آخر ۾ ان کي نقصان ئي پهنو آهي. اهو سڀ ڪبنديءَ جي ڪري ئي آهي. ان ڪري جڏهن ٻڌي گهرو ته سبدي ئي گهرجو جنهن کي ميڌا ٻڌي چون ٿا. ميڌا ٻڌيءَ کان پوءِ سميڌا ۽ ان کان پوءِ پرگيا ٻڌي ان کان پوءِ پرتيا ٻڌي ۽ ان کان پوءِ رتمبرا ٻڌي ملندي آهي. پرتيا سان اندر ۾ گيان پيدا ٿيندو آهي. اندرين درشتي پراپت ٿيندي آهي. رتمبرا سان رجو گڻ ۽ تمو گڻ ناس ٿين ٿا ۽ ستو گڻ وڃي رهي ٿو هن کان پوءِ ڪا غلطي يا ڀل نٿي ٿئي. سوال آهي ته ان کي ڪيئن حاصل ڪجي ان لاءِ ٻڌو ته مان ٿو ٻڌايان ٿو.

مهاتما چيس ”اهو ڄاڃي اڄ ته جنهن پوڄن ڪرايو هو اهو ڪهڙو سيٺ هو سندس ڪمائي ڪهڙي هئي؟“

نيٺ هن اڇي مهاتما کي ٻڌايو ته جنهن سيٺ اهو ڀنڊارو ڪرايو هو ان پنهنجي نوجوان ڌيءُ کي پنجن هزارن ۾ وڪيو آهي تڏهن مهاتما چيس ”سمجهيم توکي ڌيان ڪرڻ وقت اها ئي سندري ڀوڳ ايياس ڪندي سامهون خيالن ۾ اچي بيٺي هئي.“

مطلب ڪوئي ڪمائي ڪري نه کائو. پويتر ڪمائي ڪري کائو ۽ ان جي هٿ جو نه کائو جن جا خيال اپويتر آهن.

اچو ته وقت پورو ٿيو سڀاڻي باقي ٻڌائو.



سان منهنجو رت به اپوتر ٿي ويو هو ۽ منهنجا ويچار پڻ پرشٽ ٿي ويا هئا. هاڻي اهو رت، ارجن ٽهرن سان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ مون وٽ پرگيا ڦري واپس اچي ويئي آهي.

اهڙي هڪ گهٽنا مهاتما هنسراج جي جيون مان ٻڌايان ٿو. مهاتما هردوار جي موهن آشرم ۾ رهندا هئا. اتي هڪ وانپرستي به رهندو هو. جو يوگ اڀياس به ڪندو هو. هڪ ڏهاڙي پرڀات جو اهو شخص مهاتما وٽ آيو ۽ روئڻ ۾ اچي پيو ۽ چوڻ لڳو، "مهاتما مان لٽجي ويس. مهاتما پڇيس ته ڇا چوري ٿي ويئي آهي؟ هن چيو ته منهنجي ساري ڪئي ڪمائي چٽ ٿي ويئي." مهاتما پڇيس "آخر ڳالهه ڇاهي؟" هن چيو "مان جڏهن پرڀات جو جڏهن يوگ اڀياس ڪرڻ لاءِ ويٺس ۽ ڌيان ڪي ايڪاگر ڪيم ته خيال ۾ سامهون هڪ سندر ناري اچي بيهي رهي. مون ورڻي به چڱيءَ طرح ڌيان لڳايو پر ساڳيئي ڳالهه. هر دفعي ائين ئي ٿيو. اوهان ٻڌايو ائين ڇو ٿيو؟

مهاتما پڇيس "ڇا ڪالهه تون سنيما ڏسڻ ته نه ويو هئين؟ ڪو خراب ڪتاب يا اپنياس ته نه پڙهيو هيئه؟ يا ڪنهن بري جي سنگ ته نه چڙهي ويو هئين؟"

هن جواب ڏنو "نه سوامي! پر مان هڪ ڀنڊاري ۾ ويو هوس جتي مون ڀوڄن ورتايو هو."

لڳندا آهن، گلن مان وري ڦل پيدا ٿيندا آهن؛ پوءِ ڦل پڇي راس ٿيندا آهن. سو هڪ ٻج کي به پنهنجو مقصد هي يعني ڦل جو روپ اختيار ڪرڻ.

سو مولڪي ڳالهه هيءَ ڳوڙهي ته مهنجي جيون جو اديش ڪهڙو آهي؟ ان سوال جو ڪو جواب ڏيئي سگهي يا نه. روس، آمريڪا، چين، انگلينڊ ته ان سوال جو جواب نه ڏيئي سگهندا. پر ڀارت ورش جا رشي - مني ان جو جواب لڌهن ٿي ڏيئي ويا آهن. ويد ڀڳوان جي هڪ منتر ۾ ان جا جواب ڏنل آهن. جنهن ۾ چيل آهي. يجر ويد جو سلوڪ ۴/١١ ۽ اٿرويد جو ٢/١/٥ جن جو ارٿ هن ريت آهي.

پرماتما جو ساڪياتڪار درشن ڪرڻ منش جو مقصد آهي هيءُ منش چولو ان درشن ڪرڻ لاءِ ٿي مليو آهي. ان پياري پرڀو جو درشن ڪرڻ ان مهان شڪتيءَ جي گود ۾ وهڻ ئي هن جيون جو پرم اديش آهي. پر اسين هن سنسار ۾ اچي هتان جي چمڪ ڏمڪ کي ڏسي پنهنجي اديش کي نيڪ اهڙيءَ طرح ڀلجي وڃون ٿا جيئن ڪو ڳهران دوا وٺڻ لاءِ نڪتل ٻالڪ، بازار ۾ مداري يا بازيگر جو تماشو ڏسي پنهنجي اديش کي ڀلجي وڃي.

منش هن سنسار ۾ اچي پنهنجي اصلوڪي اديش کي ڀلجي ٿو وڃي. روزگار ڪمائڻ جي ويچار سان

ٻيو ڏينهن :-

منهنجون پيارين ماڻائون ۽ سڀڻو!

ڪالهه مون اوهان کي اهو ٻڌايو هو تہ هن سنسار ۾ ڪهڙيءَ طرح رهجي ۽ ڪيتائين نہ سمجهي سگهنداسين جيستائين اسانکي اها ڄاڻ نہ پوندي تہ هن سنسار ۾ ڇا جي لاءِ آيا آهيون؟ جڏهن مونکي اها پروڙ پوندي تہ مان هن سنسار ۾ ڇا لاءِ آيو آهيان تڏهن مونکي هن سنسار ۾ ڪهڙيءَ طرح رهڻو آهي اهو پنهنجو پاڻ معلوم ٿي ويندو- ڪوئي ڪيڏاهن ڇو نہ وڃي؛ هڪ دڪاندار دڪان تي وڃي يا ڪو ڪلارڪ پنهنجي آفيس ۾ وڃي يا مزدور پنهنجي ڪارخاني ۾ وڃي. يا واپاري دور ديش ڏانهن واپار ڪرڻ وڃي. انهن کي چڱيءَ طرح معلوم هوندو آهي تہ اهي اوڏانهن ڇو ٿا وڃن؟ اهي ڇوندا تہ ڌن ڪمائڻ لاءِ يا روزگار لاءِ اوڏهن ويندا آهيون. اهڙيءَ طرح پاڻ کي بہ اها ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ مان هت هن سنسار ۾ ڇو آيو آهيان؟ هر ڪنهن ڳالهہ يا هر هڪ ڪارہ پٺيان ڪو نہ ڪو مقصد اوس هوندو آهي. بنا اديش جي ڪو بہ ڪم نہ هوندو آهي هڪ ٻج جڏهن زمين ۾ وجهجي ٿو تڏهن اهو زمين ۾ پرڙڻ ڦٽي ٿو ۽ پوءِ ان مان سلو نڪرندو آهي. پوءِ اهو وڌي ٻهرڻ ٻوٽي جو روپ اختيار ڪندو آهي ۽ پوءِ وڻ جو. ان کان پوءِ ان ۾ گل

ته اسان وٽ سڀني ٻڌيءَ هئڻ ڄاڻائي. سو ٻڌي مبدا
هجي پوءِ سمبڌا ۽ پوءِ پرڳيا ٻڌجي، پوءِ پرليا ٻڌجي
آخر ۾ رلميرا وڃي ٻڌجي.

مان ڪالهه ٻڌائي رهيو هوس ته ٻڌيءَ کي کهڙيءَ
طرح نرمل ٻڻائي ٿو سگهجي. ان لاءِ پهرين ضروري
ڳالهه آهي ته ڪاڌو شڌ هئڻ گهرجي. پوتر ڀوڄن سان
اسانجي ٻڌي نرمل ٿئي ٿي.

ان لاءِ هڪ ٻي ضروري ڳالهه آهي برهمچريه، اسان
پنهنجي سرير لاءِ جيڪي ڪاڌو کائون ٿا
اهو اندر وڃي هڪ رس ٻڻجي ٿو، رت ٻڻجي ٿو.
جنهن سان سرير پشٽ ٿئي ٿو. ويريه ٻڻجي ٿو. جو
اِئين هلي اوج ٻڻجي ٿو، چاليهه ڏينهن کان پوءِ اوج
ٻڻجي ٿو. ان ڪري ان ويريه کي سنڀالي رکڻو آهي.
تڏهن پوءِ جيون ۾ ڪو ڏوکو نٿو ملي، ڪروڌ نٿو
اچي، ڪا چڙ پيدا نٿي ٿئي. اهو شخص ڪڏهن اداس
نٿو ٿئي. ان جو جيون روشن ۽ ڪامياب رهي ٿو.
جيڪي ڇوڪرا يا ڇوڪريون ان کي پنهنجي جوانيءَ
۾ نشٽ ڪري ٿا ڇڏين سي ساري حياتي ڏکي ٿا
گذارين. ان ڪري ان اوج کي پراپت ڪرڻ لاءِ ان
ويريه کي سنڀالي رکو ۽ برهمچريه جي رکيا ڪريو.

ٻڌيءَ کي نرمل ٻڻائڻ لاءِ ٽيون ساڌن آهي سٺي
سنگت ۽ ستسنگ سان پيار ڪرڻ. هر روز ستسنگ ۾

روزگار جي ڳولها ۾ ان روزگار ڏيندڙ داتار کي ڀلائي
ٿو ويهي. هو اهو ڀلجي ٿو وڃي ته روزگار حاصل ڪرڻ
پيٽ پالڻ لاءِ هڪ ساڌن آهي ۽ نه مقصد. پر اڄ اسين
پنهنجي جيون جو هڪ ئي اديش سمجهي ويٺا آهيون
روزگار ڪمائڻ. پر آڳيوڪا سان گڏوگڏ ان پرماتما کي
ڪي نه ڀلائڻو آهي ان جو درشن ڪرڻو آهي. ان جو مهان
پرڪاش پراپت ڪرڻو آهي. ان ڀڳوان جو اهو در
آهي ڪٿي؟ ڇا اهو گنگوتري يا جمنوتري پربتن ۾
آهي يا ڪيلاش ۽ هردوار ۾ يا ڪنهن ٻئي تيرٿ
دواري ۾ آهي. ٻڌو، ان کي پائڻ جو دوار اسان جي
اندر ۾ آهي من مندر ۾ آهي.

مان اهو ٿو چوان ته روزگار نه ڪريو خوب ڪمايو
جيترو ڪمائي سگهو اوترو ڪمايو. سنساري سک ماڻيو
اولادي ٻڌجو سنسار جا ڪاريه ڪريو پر اهو نه ڀلجو
ته توهان جو سچو اديش ڪهڙو آهي؟ ان مقصد کي
ڀلائي ڇڏڻ سان اهي سڀ شيون، ڌن دولت، مان
مرتبو، اولاد وغيره اهي سڀ دک جو ڪارڻ بڻبا. جن
شين کي اسين سک جا ساز ڄاڻون ٿا اهي ئي اديش
کي ڀلجي وڃڻ سان دک جا ڪارڻ بڻجي وڃن ٿا.
ان ڪري ئي مون ڪالهه چيو ته سنسار ۾ رهجي ته
ڪيئن رهجي ۽ مون ٻڌايو هو ته سرير کي تندرست رکڻ
گهرجي ۽ اهو ڪيئن رهڻ گهرجي ان لاءِ مون چيو هو

هو سچو راج ڪاروبار ڇڏي ساڌو بڻيو هو. هو تپسيا ڪندي هڪ وڏو تپسوي بڻجي ويو. هڪ مهان رشي بڻجي ويو ها، پر سندس اها ئي اڇا هئي ته هو برهم رشي بڻجي. هو گرو وشسٽ وٽ ويو ۽ ان کي وينتي ڪيائين ته مونکي برهم رشيءَ جي اپاڌي ڏئي وڃي. گرو وشسٽ چيو "وشوامتر، تون راج رشي ته بڻجي وئين پر تون اڃان برهم رشي نه ٿي سگهندين؟" وشوامتر چيو "ائين ڇو؟" گروءَ چيو "وشوامتر تو ۾ اهي سڀ گڻ آهن، تپسيا آهي، گيان آهي، جنهن ڪري تون برهم رشي سڏڻ لائق آهين. پر تو ۾ هڪ اوگڻ رهجي ويو آهي اهو آهي ڪروڌ. جيستائين اهو ڪروڌ دور نه ٿيو آهي تيستائين تون برهم رشي نٿو بڻجي سگهين"

وشوامتر گرو وشسٽ کي گهڻي سفارش وغيره ڪرائي ته ڪيئن برهم رشي ڪري سڏيو وڃي پر انهن ڪرڻ لاءِ وشسٽ تيار نه هو. هو اها ئي ڳالهه دهرائيندو رهيو ته جيسين وشوامتر مان ڪروڌ نه ويو آهي تيسين هو برهم رشي نٿو بڻجي سگهي. رشي وشوامتر کي ان تي ڏاڍو غصو آيو. هن سمجهيو گرو وشسٽ منهنجي تپسيا، گيان ڏسي جلي ٿو ان ڪروڌ وچان وشوامتر دل ۾ اهو پڪو فيصلو ڪيو ته گرو وشسٽ کي ختم ڪندس هڪ ڏينهن هن پاڻ سان ڇرو ٻه ڪنيو ۽ ان

وهي سنيون ڳالهيون ٻڌو ستسنگ ۾ وڏي شڪتي آهي ان ۾ جادو آهي خبر ناهي ڪڏهن ڪهڙو وچن هن ڪايا ۾ پلٽو آڻي ڇڏي. هن زندگيءَ ۾ نئون رنگ آڻي ڇڏي.

يڪش هڪ دفعي مهاراج يڌشٽر کان پڇيو، ”مهاراج! منش ٻڌيوان ڪيئن ٿو بڻجي؟“ تڏهن مهاراج يڌشٽر چيو، ”وڏن جي سيوا ڪرڻ سان منش ٻڌيوان بڻجي ٿو جيئن ڪنهن گهر ۾ هڪ ٻڍي سس آهي جا سٺ ستر ورهين جي آهي. هن جي گهر ۾ نُنهن اچي ٿي، هن جي سيوا ۾ لڳي وڃي ٿي. ٻڍي سس پنهنجي نُنهن جي ان سيوا تي خوش ٿي پنهنجي گذريل جيون جا آزمودا ۽ انڀوَ جي هن کي مليا آهن اهي پنهنجي نُنهن کي سيکاري ٿي ڇڏي. اهڙيءَ طرح ستسنگ مان منش سالن جا انڀوَ ٿورن ڏينهن ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو. وڏن ۽ ودوانن جي ڳالهين کي ٻڌو هر روز ستسنگ ڪريو. ان مان سنيون ڳالهيون چونڊيو ۽ انهن تي عمل ڪريو پنهنجي ٻڌيءَ کي نرمل بڻايو.

ٻڌندي ڪندي ڪيل ستسنگ نه لاڀ پهچائي ٿو. پر اڻڄاڻائيءَ ۾ به ستسنگ لاڀ پهچائي ٿو اهو جادوءَ جهڙو اثر ڪري ٿو.

مهاراج وشوامتر جي هڪ ڳالهه ٻڌايان ٿو. هو وڏو مهاتما هو، ودوان، گياني، ۽ مهان پرش هو. هو

گرديو! منهنجي اندر ۾ ڪروڌ جي روپ جو چنڊال ويٺو هو، جنهن ڪري اوهان جي هتيا ڪرڻ جو ڪڌو ويچار ڪيو هو.

گرديو جي لفظن وشوامتر جي اندر چنڊال روپي ڪروڌ کي ناس ڪري ڇڏيو. وشوامتر ڪئي اٿاري ڇاتيءَ سان لڳايو. ”او وشوامتر! او برهم رشي!! وشوامتر! هاڻي تو ۾ ڪا به ڪمي نه رهي آهي توهان پورڻ برهم رشي آهيو.“

سو اتفاقائيءَ ۾ ڪيل ستسنگ وشوامتر جي دل تي جادوءَ جهڙو اثر ڪيو. ان ڪري مان چوان ٿو الاهي کهڙيءَ گهڙيءَ کهڙي شبد يا وارتا ٻڌڻ سان اوهانجي دل تي جادوءَ جو اثر ڪري وڃي ان لاءِ اوهان ستسنگ ضرور ڪريو.

ستسنگ کي وڏو مطلب آهي. پوڄيه مهرشي ديانند جي جيون مان هڪ گهٽنا ٻڌايان ٿو مهرشي جهلم ۾ ترسيل هئا. اتي هو رگويد ڀاشيه پوٿڪا لکي رهيا هئا. اتي سنڌيا جو هرروز ستسنگ به ڪندا هئا. اتان جو مختيارڪار به ان ستسنگ ۾ هرروز ايندو هو. هو ڳائيندڙ به هو. سوامي سنڌس سنگيت ٻڌي پرسن ٿيندا هئا. هو مست ڳائيندو هو. ان جو نالو هو اميچند مهتا. ڏسجي ته سارو جيون ولاسي ڀرشٽ هو. شراب به خوب پيئندو هو. پنهنجي پتنيءَ کي ڪڍي ٻن وئشائن

وڻ لي لڳي وڃي وينو جنهن وڻ هيٺان گرو وشسٽ
ششن کي پاڙهيندو هو. گرو وشسٽ آيو ۽ آسن لــﮯ
وينو. اها رات چوڏس جي هئي. گرو وشسٽ جڏهن
پنهنجن ششن کي پڙهائيو پئي ته هڪ شش ان وقت
آسمان ڏانهن نهاريو ۽ چوڏس جو چنڊ ڏسي چيو ــ
”مهاراج! هي چنڊ ڪيترو سندر آهي.“ گرو وشسٽ
چيو ”برابر آهي. چوڏس جو چنڊ ٻيج وارو آهي. پر
هن سنسار ۾ جيستائين وشوامتر آهي تيستائين اهو چنڊ
ان رشيءَ اڳيان ڪجهه به آهي. رشيءَ جي ٻيج سان
ان جو ڪهڙو مقابلو.“ اهو ٻڌي شش ٻيهر سوال پڇي
ويو ۽ چيو ”گرديو، اوهان ان لاءِ ته چئو جو اوهان کي
هر وقت گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهي ٿو. جو اوهان جو
دشمن آهي ۽ اوهان ان کي چنڊ کان به وڌيڪ ٿيڇسوي
ٿا سڏيو؟“ گرديو چيو جنهن گڻ، جنهن گيان، ۽ جنهن
تپسيا سان هن ٻيج پراپت ڪيو آهي اهو هن چندرما
۾ ڪونهي. پر جيڪڏهن وشوامتر مان ڪروڌ نڪري
وڃي ته ان کان وڏو ٻيو نه ٿيندو.“ وڻ لــي وينل
وشوامتر جڏهن اهو ٻڌو ته سندس عجب جــي حــد
ئي نه رهي. انهن لفظن وشوامتر جي دل تــي گهرو
اثر ڪيو. هن مان ڪروڌ نڪري ويو. وڻ تان هيٺ
لٿو. پاڻ سان آندل ڇرو هن پري ڦٽو ڪيو ۽ گرديو
جي چرڻن ۾ مستڪ جهڪائي چيو ”مونکي معاف ڪرڻو

اميچند ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو ۽ هڪ نيڪ انسان ٿي پيو. سواميءَ جي وچن مٿس جادوءَ جهڙو اثر ڪيو. ستين ڏينهن اميچند پنهنجيءَ ڌرم پتنيءَ سان گڏ سواميءَ وٽ ويو ۽ چيو "سوامي! اوهان مونکي هڪ نئين زندگي بخشي آهي مان ڪهڙن لفظن ۾ اوهانکي ڌنيواد ڏيان." سندس ڌرم پتنيءَ چيو — اوهان مونکي سهاڳ موٽائي ڏنو آهي ۽ ٻيون جيون موٽائي ڏنو آهي.

اها آهي ستسنگ جي مهما. اهو آهي ستسنگ جو جادو. انسان من، چت، دماغ ۽ سرير سڀني کي شڪتي ملي ٿي جبر لاهي اها گهڙي ڪڏهن ٿي اچي جسما مدش جي من ۾ ڦيرو آڻي ٿي پيدا ڪري. ستسنگ هن سنسار ۾ ڪيئي جادو ڏيکاريا آهن. اهڙيون ڪيئي گهٽنائون ٿيون آهن جي ستسنگ جي ڪمال جادوءَ جون پڪيون ثابتيون آهن. ستسنگ سان گرهست سکي رهي ٿو ۽ من جو مثل ڌوپي وڃي ٿو. جيڪڏهن ٻڌيءَ کي نرمل بڻائڻو آهي ته ستسنگ ڪريو، هر روز ستسنگ ڪريو.

ٻڌيءَ نرمل بڻائڻ جو چوٿون سادن آهي سواڌيايه. سواڌيايه ڪريو، الم پستڪ پڙهو. گيتا اپنشد پڙهو. ستيارٿ پرڪاش جو سواڌيايه ڪريو. جن سان ٻڌي نرمل ٿئي ٿي. سواڌيايه ٻن پرڪارن جو آهي. هڪ آهي سرشٽ وچارن وارا ڪتاب نت نيم پڙهڻ. ٻيو جنهن جو مطلب

کي پاڻ وٽ رکيو هو. مختيارڪار هئڻ ڪري اُنان
جي جنتا کي ظاهر ڪندو هو ان ڪري جنتا منجهائنس
ناراض ۽ تنگ هئي. پر سنن مڌر پڇڻ ڳائڻ ڪري
سواميءَ کي پيارو هو. ان ڳالهه جي سواميءَ کي
ڪهڙي خبر نه هو ڪو ڪريل انسان آهي، اياڻي ۽
چريتر هيڻ آهي. هڪ ڏينهن ڪنهن شخص ان مختيار
ڪار بابت سڀ ڪجهه سواميءَ کي ٻڌائي ڇڏيو ته هو
ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي. سواميءَ چيو تہ ڪا ان
ڳالهه کي سڀاڻي ڏسبو. ٻيو ڏينهن ٿيو. اميچند آيو.
مڌر ڪنٺ سان ڳائڻ شروع ڪيو:-

"تم هو پريو چاند، مَئن هون چڪورا."

هن اهو گيت پڳتي رس سان پريل ڳاتو. پڇڻ پورو
ٿيو. سواميءَ چيو "اميچند تون آهين ته هيرو پر
گپ ۾ ڪريو پيو آهين." اهي لفظ سواميءَ ٻه دفعا
چيا. اميچند سمجهي ويو ته منهنجي ڪين ڪنهن شڪايت
ڪئي آهي. هن هٿ ٻڌي وينتي ڪئي. "مان هن
گپ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندس." اُنين چئي
هو گهر ويو. وڃڻ سان هن شراب جون بوتلون ڪڍي
ٻاهر ڦٽي ڪيون. ٻنهي وشائن کي ڪڍي ڇڏيائين ۽
پنهنجي پتنيءَ کي گجرات ۾ ساهرن مان واپس اچڻ
لاءِ تار ڪئي. پنهنجي آفيس ۾ وڃي اهو حڪم ڪيائين
ته رشوت وٺڻ بند ڪئي وڃي. چئن پنجن ڏينهن ۾

جيڪڏهن سنيون ڳالهيون لکيل آهن ته پڙهڻ کي ڏنيون ڏيون پر جيڪڏهن بريون ڳالهيون لکيل آهن ته پڙهن کيون نه سيکاري اهي ڳالهيون ٿيڻ نه ڏيون. انهن کي مٿائي سنا ڪم ڪندا سين ۽ جيڪي ان طرح سوکيم سوبر کي پڙهندا ٿا رهن يعني پهنجون اوڻيون سڌاريندا رهن ٿا ته انهن لي پڙهو به ديال آهي.

هر روز نمت نيم سواڌيايه ڪرڻ وارا ڪڏهن به کوٽا ڪم نٿا ڪن ۽ جيڪو ماڻهو خبردار نٿو رهي، پنهنجو رڪارب نٿو ڏسي ان کي به هڪ ڏينهن پڇهڻو پوندو. جيون جي پوئين گهڙين ۾ جيون جي ڪتاب جا صفحا پنهنجو پاڻ کلندا تڏهن اهو انهن کي پڙهي ٿو، پڙهي به ٿو روئي به ٿو. پڙهي ٿو ته مون ڪڪرم ڪيا آهن، ماڻهن کي لنگ ڪيو ڪوڙا وياکيان ڪيا آهن، چوريون ڪيون آهن رشوت ورتي آهي. غريبن کي ڦريو آهي وغيره وغيره ۽ آخر ۾ پويون صفحو کلي ٿو جنهن لي لکيل هوندو آهي ته تو ڪڏا ڪم ڪيا آهن ان لاءِ ته تنجو جنم نانگ، وڇون ۽ بين خراب جوڻين ۾ ٿيندو. اهو پڙهي اهو زار زار روئي ٿو. هنجون ٿو هاري پر ان وقت ڇا ٿيندو؟

هاڻي پنهجن خامين ۽ اوڻاين کيڻ جو وقت هٿان هليو ويو ۽ هاڻي انهن جوڻين ۾ اوس ڀٽڪڻو پوندو.

ان ڪتاب جا صفحا سرشت ڪرم ڪندڙ وارن جي

آهي پنهنجو پاڻ کي پڙهڻ. اسين هر روز پنهنجو پاڻ کي پڙهون. پاڻ کي ڏسون ته اسان اڄ ڪهڙا نيڪ ڪم ڪيا آهن ۽ ڪهڙا برا ڪم ڪيا آهن.

اسانجي هن اندريان واري سرير اندر سترهن پدارٿن جو ٺهيل سوکيم سرير آهي. هيءُ ئي اهو سرير ته هن جنم ۾ مليو آهي ۽ هن ئي جنم ۾ ڪيڻ ٿي ويندو. پر سوکيم سرير اسان وٽ جنم جنمانتر لاءِ گڏ رهندو هيءُ آتما ليستاءِ اسان سان گڏ رهي ٿي جيستاءِ اسانکي مڪتي نه ملي آهي. هيءُ آتما آهي ڇا؟ هيءُ ته اسانجي ڪرمن جو ليکو آهي وهي کاتو آهي. مهرشي ديانند يجر ويد جي ڀاشيه ڪندي هڪ منتر ڄاڻايو آهي جنهن جو ارٿ آهي "جنهن پنهنجي چت کي يوگ جي سادن دواران ثابت ڪيو آهي ته اهو ماضي، حال ۽ مستقبل کي ڄاڻڻ وارو بڻجي وڃي ٿو."

جي يوگي سڌي پراپت ڪن ٿا اهي ٻين جي سوکيم سرير ۾ ويهي ڄاڻ ڏين ٿا ته اڳين جنم ۾ ڇا هئا ۽ ايندڙ جنم ۾ ڇا وڃي ٿيندا. اسان جا ويچار، اسانجا ڪرم، اسانجون ڳالهيون، اسانجي رهت، کاڌو پيتو انهن سڀني سان اسانجي سوکيم سرير تي پنهنجي ايندڙ جنم جو روپ اختيار ڪندو رهي ٿو. اسانکي هر روز پنهنجو پاڻ کي پڙهڻ گهرجي، جاچڻ گهرجي ته هن سوکيم سرير تي سنبون ڳالهيون لکيل آهن يا خراب.

آگ جلائي تپسيا ڪري ان کي تمو گڻ تپ چوندا آهن. جنهن مان ڪو لاڀ ڪونهي. جيڪڏهن اوهانکي سچي تپسيا ڪرڻي آهي ته اوهان پنهنجي اندر سهن-شيلتا ڪريو. اڄ سنسار ۾ جهڳڙا ڇو ٿا ٿين؟ ان لاءِ جو اسان ۾ سهن ڪرڻ جي شڪتي ڪانهي. ٿوري ڳال ڪرڻ سان مون ڏٺو آهي وڏا وڏا ڪل ناس ٿي ويا آهن. هڪڙي هڪ ڳالھ ڇٽي ۽ ٻيو سهي نه سگهيو ۽ موٽ ۾ ٻه ڳالهيون ڇٽي ڏنائين ۽ پوءِ ٻهرين چار ڇيون ۽ ٻٽي ڇهه. بس پوءِ ڏسو هڪ مها يڌ ٿي ويٺي. مون ڏٺو آهي لکين روپين جا مالڪ ۽ سگها ڀائر هڪ هڪ پئسي لاءِ محتاج بڻجي ويا. پاڻ ۾ جهڳڙا ٿين ته پئسا ڪورٽن ۽ وڪيلن جي پيٽ ۾ هليا وڃن ان ٻنهيان ڏينهن جا ڏينهن پيڪڙ الڳ. جيڪو تپسوي بڻجي ويو ان کي ڪڏهن دک نٿو ستائي.

مهرشي ديانند جي جيون مان هڪ گهٽنا پيش ٿو ڪريان مهرشي فرخ آباد جي گنگا نديءَ جي ڪناري تي هڪ ڪٽيا ۾ رهيل هئا. سندس ڪٽيا کان ٿورو پري هڪ ڪٽيا هئي. جنهن ۾ هڪ ساڌو رهيل هو. اهو ساڌو هر روز مهرشيءَ جي ڪٽيا اڳيان اچي ڪيس خوب ئي گار گند ڪري ويندو هو. ڪجھ ڏينهن تائين ائين ڪندو رهيو. هڪ ڏهاڙي هڪ شخص مهرشيءَ وٽ آيو ۽ کين چيو "سوامي چئو ته هن ساڌوءَ کي هڪدم سڌو ڪري ڇڏيان

اڳيان ٻه کلن ٿا. جن هر روز پاڻ کي پڙهيو آهي پاڻ کي پڙهيو آهي. پاڻ کي خراب ڪرڻ کان پاسي رکي نيڪ ڪارڻ ڪيا آهن جڏهن سندس جيون جي ڪتاب جا صفحا کلن ٿا ۽ جيون جي ٻوين گهڙين ۾ اهي پڙهي ٿو ته بيحد خوش نظر اچي ٿو ته هن ساري جيون ۾ شيب ڪارڻ ئي ڪيا آهن. ٻين جي سيوا ڪئي آهي. بيمارن جو علاج ڪرايو آهي، اسڪول يا پاٺشالائون کولايا آهن ٻوٽا ڪمائي جو ڏن دان ۾ ڏنو آهي؛ غريب جو ڀلو ڪيو آهي وغيره وغيره. ٻيو اون صفحو پڙهي ٿو جني لکيل آهي ڇاڪاڻ ته لو ليڪ ڪرم ڪيا آهن ان ڪري لوڪ هميشه ٺڳيو نه ويندو پر هڪ وڏي ٻڌوتي ڏني ٿي وڃي يعني لوڪي ديو جو ٿي ڏني ٿي وڃي. ٻوءِ ٻڌايو هو جو رئندو اهو نه مشڪندو ۽ کلندو ٿي.

هڪ روئي ٿو ٻيو کلي ٿو. روئي اهو ٿو جنهن پاڻ کي نه پڙهيو ۽ کلي اهو ٿو جنهن پاڻ کي پڙهيو ۽ پروڙيو ان ڪري اوهان پاڻ کي سڃاڻو. سٺا ڪتاب پڙهيو ۽ اندر ۾ اوڪه ڏوک ڪريو ته ائين ڪرڻ سان ٻڌي لرمل ٿيندي.

ٻڌي لرمل ڪرڻ جو ٻيو اپاءُ آهي لپسوي تجربا ليسيا ڪريو. جنهن جو طريقو آهي پنج اندري لسپ ڪريو. جيڪو هميشه مٺي، ساڃي ڪالهي ۽ اڳيان ٻنهان

هڪ ٻي گهٽنا ٿو اوهان کي ٻڌايان. هڪ عورت هئي. اها جيستائين حويليءَ جي محلي وارن کي روزانو گاريون نه ڏيندي هئي يا جهڳڙو نه ڪندي هئي. تيستائين ان کي روٽي نه وڻندي هئي. ان جي پٽ جي شادي ٿي ويئي ۽ سندس گهر ۾ هڪ پڙهيل ڳڙهيل ننهن آئي. هاڻي ان عورت دل ۾ چيو ته هاڻي محلي وارن سان لڙان يا جهڳڙو ڪريان ته ڇا لاءِ؟ پنهنجي گهر ۾ ننهن آئي آهي ان سان وڙهان ۽ جهڳڙو ڪريان. هاڻي هن ننهن سان جهڳڙو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. هر روز ائين ٿيندو رهيو - ٻئي طرف ننهن، سس جو سڀ ڪجهه سهن ڪندي رهي ۽ ڪلهي سڀ ڪجهه ٽاري ڇڏيندي هئي. هوءَ جيترو شانت رهندي هئي اوترو سس ڪروڌ ۾ ايندي هئي. هڪ ڏهاڙي عورت ڏاڍو اچي ڪاوڙي ۽ ننهن کي چيائين "تون استري آهين يا پٿر. ڪجهه ڳالهائين نٿي. توکي ڪا ڪاوڙ به نٿي اچي؟" تڏهن ننهن چيس "امان! مونکي ڪروڌ ڇا لاءِ اچي. تون مونکي هر روز اُپديش ڏيندي آهين ۽ منهنجي ڀلائيءَ لاءِ ئي ته چوندي آهين، پوءِ ڪروڌ ڇا لاءِ ڪريان؟"

سس اهو ٻڌي وڌيڪ غصي ٿي ۽ جيڪي منهن ۾ آيس اهو چئي ڏنائين. ان تي ساري حويليءَ جون عورتون اچي گڏ ٿيون ۽ سڀ ان عورت کي چوڻ لڳيون،

هت هر روز اچي ٿو اوهان کي بد شبد ڳالهائي ٿو."
سواميءَ چيس "ڇڏي ڏيس هو پاڻ ئي ٺيڪ ٿي
ويندو ۽ منهنجو ڀلا ڇا ٿو بگڙي. ڪيس ٿي تہ هتي
اچڻ جو ڪشٽ ڪرڻو پوي ٿو." هڪ ڏهاڙي سواميءَ
وٽ ڪو سهڻو ميوو ۽ مٺائي کڻي آيو. سواميءَ اهو
ميوو ۽ مٺائي ٽوڪري ۾ وجهي ڪنهن هٿان ان ساڌوءَ
کي ڏياري موڪليو. جڏهن اهو شخص ميوي ۽ مٺائيءَ
جو ٽوڪرو کڻي ان گاريون ڏيندڙ ساڌوءَ جي جهوپڙيءَ
۾ پهتو ۽ کيس ٻڌايو ويو تہ هي ميوو ۽ مٺائي اوهان لاءِ
مهرشي ديانند ڏني آهي تہ اهو ساڌو اچي گارين ۾ پيو "تون
غلطيءَ کان هي ميوا ۽ مٺايون مون وٽ کڻي آيو آهين
هن مون ڏانهن اهي ڪونہ موڪليا هوندا. مان تہ کيس
خوب ئي گاريون ڏيندو آهيان." آخر ائين گهٽ وڌ
ڳالهائي اهو ٽوڪرو سواميءَ کي واپس موڪلي ڏنو
سواميءَ وري ساڳئي ماڻهوءَ هٿ اهو ٽوڪرو کيس
موڪليو ۽ ائين بہ چوائي موڪليو تہ اهي ميوا مٺايون
ڪائي مولڪي هر روز منهنجي ڪٽيا اڳيان اچي جيڪو
وڻي ڪجهہ ٻڌائي ويندو ڪر تہ جيئن مون ۾ سهن
ڪرڻ جي شڪتي وڌي. جڏهن اهو نياپو ان ساڌوءَ
ٻڌو تڏهن هو ڊوڙندو مهرشيءَ وٽ آيو ۽ اچي معافي
گهريائين. ان کي چون ٿا سهن شيلتا. سهن شيلتا سان
سک ۽ سنتوش ملي ٿو ۽ دک ان کان دور رهي ٿو.

جيڪو تپسوي بڻجي ٿو وڃي ان ۾ انوکي خوشبوءِ اچي ٿي وڃي ۽ ان سڳنڌ سان هو ساري سنسار کي خوشبوءِدار ڪري ٿو ڇڏي.

جنهن جو جيون تپسوي آهي اهو ڪشٽن کان ڪڏهن به نه گهٻرائيندو. ڪشٽن جا طوفان اچن يا دکن جا پهاڙ ڪِرا ٿي وڃن اهي تپسويءَ سان ٽڪرائجي ڇڪنا چور ٿي ويندا. تپسيا سان سڀ چنتائون دور ٿي وينديون.

ٻڌيءَ کي نرمل بڻائڻ لاءِ ڇهون ساڌن آهي. خوش طبع رهڻ يعني پنهنجي چت کي پرسن رکڻ جو. سنسار ۾ ڪو به شخص، چاهي ڪيڏو وڏو ڇو نه هجي يا ننڍو ڇو نه هجي. اهڙو ڪو به ڪونهي جنهن تي دک نه آيو آهي. دک ڪڏهن نه ڪڏهن هر ڪنهن مٿان اچي ٿو. هر هڪ جي جيون ۾ دک جون انيڪ گهٽنائون پريل آهن ئي. جيترا به وڏا شخص ٿي ويا آهن انهن تي ڪشٽ آيا آهن، ڀڳوان رام کي به چوڏهن سال بن ڀوڳڻو پيو. ماتا سيتا کي پتيءَ کان الڳ رهڻو پيو. ڀڳوان ڪرشڻ جو سارو جيون سنگهرش وارو رهيو. جڳت گرو شنڪر آچاريه به انيڪ ڪشٽ ڀوڳيا هئا. مهرشي ديانند جيون جي انت تائين ڪشٽن سان لڙندو رهيو. گرو نانڪ ديو به ڪشٽ ڏٺا هئا. گرو گوبند سنگهه ڪيڏيون نه لڙايون لڙيون هيون. ان جي اکين اڳيان سندس پٽن کي ديوار ۾ چڻايو ويو هو. مهاتما گانڌيءَ

”تون بہ عجيب عورت آهين. توکي اهڙي سٺي ننهن ملي آهي. ان هوندي بہ تون هن کي ويٺي اجايو سڄايو ڳالهائين. توکي پنهنجي روٽي هضم نٿي ٿئي تہ اسان سان لڙ، يا جهڳڙو ڪر پر هن ويچاريءَ کي ڪجهہ نہ چئہ. جڏهن سڀ عورتون سسٽس کي سمجهائي رهيون هيون تہ يڪدم ننهن چيو ”ڏسو، اوهان منهنجي سس کي ڪجهہ نہ چئو هوءَ مونکي منهنجي ڀلائيءَ لاءِ ئي چوي ٿي. هن کي چوڻ ڏيو.“ اهو ٻڌي سندس سس جي دل ڀڳهرجي ويئي. ۽ ننهن کان معافي گهري ۽ هميشهہ لاءِ هن سان جهڳڙو ڪرڻ ڇڏي ڏنائين.

اهو آهي سهن شيلتا ۽ تپسيا جو ڦل. اوهان ڪنن بہ سائنسدان کان پڇو تہ هيري ۽ ڪوئلي ۾ ڪڙو تفاوت آهي. اهو اوهان کي چوندو ٻئي ڪاربان جا ٺهيل هن. باقي فرق اينترو ضرور آهي تہ هيرو لکين ورهين جي تپسيا کان پوءِ اهو روپ اختيار ڪري ٿو. پر ڪوئلو بنا ڪنهن تپسيا جي ان روپ ۾ رهي ٿو. هڪ راجائن جي مڪٽ ۾ شوڀا پائي ٿو ۽ ٻئي کي ٻاري رک ڪيو وڃي ٿو.

سهنشيلتا سان ٻڌي چمڪڻ لڳي ٿي ۽ ڪروڙ ٻڌيءَ جي لٺن کي جلائي ٿو ڇڏي. يجرويد جي ۹/۱۹ منتر ۾ پرارٿنا ڪيل آهي.

”تون سهنشيل آهين مونکي سهنشيلتا ڏي“

”هي ڀڳوان اسان سدائين پرسن رهون.“

ويدن ۾ لکيو پيو ويهه هزار ٽي سؤ منٽ آهن ڪنهن به منٽ ۾ دک جي ڳالهه نه آيل آهي. سڀني ۾ چيو ويو آهي ”آنند مائيو.“ هيءُ جيون روئڻ لاءِ نه آهي. هن سرير ۾ ٻاهتر ڪروڙ ٻاهتر لک ٻاهتر هزار ٻه سؤ هڪ ناڙيون آهن. انهن ناڙين ۾ ٽهڪ هڻڻ گهرجي. ڪسرت ڪندي نٿيون کلن. سنان سان به نٿيون کلن اهي ناڙيون اگر کان ٿيون ته کلڻ ۽ ٽهڪن ڏيڻ سان پڻ چا ڪريون انگريزن انهن ٽهڪن ڏيڻ کي سڀيتا جي ورت ٺهرايو آهي. چون ٿا ته سڀا سماج ۾ ويهي وڏا ٽهڪ نه ڏيڻ گهرجن. اها سڀيتا نه آهي. نيڪ سڀا ۾ وڏا ٽهڪ نه ڏيو. سنان جي ڪوٺيءَ ۾ وڃي ٽهڪ ڏيو. پر کلو ضرور، زور سان کلو. هڪ انگريز ڪويءَ چيو آهي —

When you Weep your troubles heap
When you smile, your troubles reconcile
When you laugh, your troubles are off.

کلو خوب کلو منهن تي مايوسي نه آڻيو. ڪن جو سڀاءُ هوندو هي پنهن جون بريون ڳالهيون ڏسڻ ۽ نه سڻيون. اهڙو ڪير آهي جنهن ۾ خوبيون ۽ خاميون نه آهن. فقط خوبيون ته ڪو نه هونديون آهن. سواءِ پرماتما جي پنهن سڀني ۾ گڻ اوگڻ هوندا ئي آهن هڪ پريو ئي

کي ڄڀون پر ڏکيائن مان لنگهڻو پيو هو.

دک ڪنهن جي مٿان نٿو اچي؟ سڀني مٿان اچي ٿو. اهو دک آهي ڇا؟ دک کي دک جي روپ ۾ ڏسڻ ٿي دک آهي. هيءُ سنسار ته هڪ انيؤ جو کيتر آهي. هتي هن سنسار ۾ دک به ڀوڳيو ٿا ته سک به ماڻيو ٿا.

د: بري. ک: اندريون يعني بريون اندريون. س: سٺي. ک: اندريون يعني سٺيون اندريون جڏهن کي ٻنهي دک ۽ سک جي انيؤ کيتر جي گهير ۾ گهڙن ٿا انهن کي ڪڏهن به دک نٿو ستائي، جڏهن سارو سنسار ٺهڪ ڏئي ٿو، قدرت مسڪرائي ٿي، آڪاش ۽ تارا، سمنڊ ۽ لهرون، ڪليون گل ٻوٽي ٽارين تي ٽڙن ٿيون. پکي باغن ۾ مٺيون ٻوليون ٻولين ٿا. مطلب سڀ هر طرح خوش نظر اچن ٿا ته پوءِ منش ڇو ٿو روئي. توهان به ٺهڪ ڏيو. کلو مسڪرايو، خوش طبع رهو. شريمد گيتا ۾ لکيل آهي ته سدائين پرسن چت رهڻ واري ماڻهوءَ کي ڪڏهن به دک ويجهو نٿو اچي. خوش رهڻ واري جي ٻڌي استر ٿي وڃي ٿي، من ايڪاگر ٿي وڃي ٿو. وياس رشيءَ يوگ درشن ڀاشيه ۾ لکيو آهي ته پرسن رهڻ وارو يڪدم ايڪاگر به ٿئي ٿو. هن چنچل من کي ايڪاگر ۽ استر ڪرڻ لاءِ چت کي پرسن رکڻ ٿي گهرجي. ويد ۾ چيل آهي. جنهن جو مطلب آهي.

ڏنو ويو ۽ پوءِ ڇوڻ لڳو، ڏسو تا سرڪار جو هي ڪو پربند آهي؟ ايان ۾ سرڪار لي نڪتچيني ڪندو رهيو نيٺ مون ڪان ۾ رهيو نہ ويو مون ڇيو ماڻس "توهان پنهنجي ننڍي گهر ۾ نہ ميڻ ٻتي نہ ماچيس پوري جڳهہ تي رکي سگهيا آهيو ۽ ديش جو بندوبست ڪرڻ تہ هڪ وڏي ڳالهہ آهي. پوءِ ٻئي لي نڪتچيني ڪيئن ٿا ڪريو؟" اها اسان عادت جي ٿي وئي آهي. پنهنجا دوش نہ ڏسي ٻين مان ويڪون ۽ سقم پيا ڪڍون. اهڙا ماڻهو ڪڏهن ۾ پرسن چت وارا ٿيا ٿين خوش طبع رهڻ لاءِ ضروري آهي هميشهہ آشاوادي رهڻ ۽ نراشا ۽ مايوسيءَ کي لتاڙي ڪڍڻ.

اسان وقت سک جا سڀ ساڌن ڏن، سمپتي، سنو گهر سندر ۽ سشيل استري، سريشٽ يار آهن تہ پوءِ خوش رهڻ ڪو ڏکيو ڪونهي. اسان دکن ۾ گهيريل آهيون. اسانتي مصيبتن جا پهاڙ ڪريا پيا آهن. ڪشٽن جي طوفانن ويڙهي ڇڏيو آهي. اهڙين حالتن ۾ خوش طبع ٿي رهڻ ۾ ئي سچو امتحان آهي منهنجا سڄڻو.

اچائي نيڪا ٽپٽي ڪرڻ سان من بگڙي ٿو. اسان کي ٻين جا سنا گڻ ڳولها ڪرڻ کپن. ۽ ٻين جي اوگڻن کي ڏسي ڇا ڪبو. ماکيءَ جي مک واگر هڪ گل مان ٻئي گل تي ويهي منو رس ئي ڪڍڻ گهرجي. اسان کي ۾ هر جڳهہ تان اتم ڳالهيون ڪڍڻ گهرجن. اسانکي رستي

ٻورن آهي.

مان اوهان کي هڪ سيٺ جي ڳالهه ٿو ٻڌايان دهليءَ جي ڪرول باغ ۾ منهنجي ڪتا هلي رهي هئي. هڪ سيٺ مون وٽ آيو ۽ چيائين "اوهان اڄ رات مون وٽ ڀوڄن ڪريو." مون چيو "مان رات جو رسوئي ڪونه ڪندو آهيان؛ صرف کير پيئندو آهيان. هن چيو "کير منهنجي گهر ئي اچي پيئجو." مون چيو "هل مٺ." مان هن سان گڏ سندس گهر ويس. ٿوري دير ۾ بجلي بند ٿي ويئي گهر ۾ چوڌاري اونده ٿي ويئي. اهو ڏسي اهو سيٺ اچي سرڪار تي مڙيو. "ڪو به بندوبست ڪونهي، هر ڪاٿي ۾ اونده لڳي پيئي آهي. رشوت خوري وڌيل آهي. وغيره وغيره. مونکي ٻئي هنڌ جلد وڃڻو هو ڪٿا ڪرڻ لاءِ. مون کيس کير لاءِ چيو ته جلد کڻي اچ. هن پنهنجي ڌرم پتنيءَ کي ماچيس کڻي اچڻ لاءِ چيو ته موم بتي ٻاري روشني ڪر. پر ماچيس گهڻو ڳوليندي به کين نه مليو. پر واري کان ماچيس وٺي آيا ته تيلي ٻاري موم بتي ڳولهڻ لڳا. پر موم بتي به کين نه ملي. ماچيس جون تيليون ختم ٿيڻ تي هيون. تڏهن مون چيو انهن نه ٿئي جو موم بتي ڳوليندي ڪٿي اهو ماچيس به نه ختم ٿي وڃي ۽ وري پيو ماچيس ڳولهڻ لڳي وڃو. ايتري ۾ بجلي به ٺيڪ ٿي ويئي. بتيون ٻري ويئون. مونکي کير گرم ڪري

ٽيون ڏينهن :-

منهنجون پياريون ماتائون ۽ سڄڻو!

سنسار ۾ ڪيئن رهڻ گهرجي؟ پهرين سرير تندرست رکڻو آهي. ان لاءِ شڌ ڀوڄن، ورزش ڪرڻ، پر استري يا پرپرش کي ڏسي من ۾ وڪار نه آڻڻ ۽ ٻڌيءَ کي نرمل رکڻ گهرجي. ان ٻڌيءَ کي نيڪ رکڻ لاءِ مان اوهان کي ٻڌائي رهيو هوس-

[۱] **شڌ ڀوڄن** - اسانجو کاڌو شڌ هئڻ گهرجي.

[۲] **برهمچريه** - اسانکي پنهنجي ويرءِ جي رکيا ڪري اوج پيدا ڪرڻ گهرجي.

[۳] **ستسنگ** - اسان کي هر روز ستسنگ ڪرڻ گهرجي

[۴] **سواڌيايه** - اسانکي هر روز اُتم پستڪن جو اڀياس ڪرڻ گهرجي.

[۵] تپسيا - سهن شيل بڻجي تپسيا ڪرڻ گهرجي.

[۶] **خوش مزاجي** - ٻين مان سڀني ڳالهيون کڻي سدائين خوش طبع رهڻ گهرجي.

پنهنجي ٻڌيءَ کي نرمل ۽ تيز بڻائڻ لاءِ مون ڇهن ڳالهيون ٻڌايون آهن. ان لاءِ ٻيون به ڪي ڳالهيون ٻڌايان ٿو.

[۷] **مٺو ٻولڻ** - مٺو ٻولڻ ۽ ٿورو ڳالهائڻ گهرجي. هر هڪ ڳالهه تڪي توري ڇوڻ گهرجي گهڻي ڳالهائڻ سان ٻڌي بگڙي ٿي ان ڪري وڏو ڀڳوان چوي ٿو.

جي گندي مڪر نه ٻڌڻو آهي. جهڪا گند لي ٿي ويهڻ پسند ڪندي آهي اسان کي اهو ڇڄڙ نه ٻڌڻو آهي جو ميهڻ يا ڳاڻ جي ٽٽڻ تي ڇڄڙي ڪير ٻڌران ان مان ڪون ٿي پيئندو رهندو آهي. ٻڌايو خاميون ڪنهن ۾ نه آهن؟ هڪ پرماتما آهي جو پريپورڻ آهي. ان ڪري اسان کي صرف نڪتچين ٻڌڻي مايوس نه ٿيڻ گهرجي. سنسار جون سنيون ڳالهيون ڏسي چت کي پرسن رکڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ٻڌي نرمل ٿئي ٿي.

اڄوڪو وقت پورو ٿيو. باقي سڀاڻي ... ...

ڪمند جي هڪ چڙي کائيندس." تڏهن ٻئي کان
پڇيو "مان هر روز ٻه چڙيون ٻيئي کائيندس. پهرين پڇيو
جيڪڏهن تون ٻه چڙيون چوسيندين ته مان ٽي چوسيندس
اهڙيءَ طرح اهي هڪ ٻئي کي ٽن مان چار، چئن مان
پنج، پنجن مان ڇهه چڙيون کائڻ لاءِ چوندا رهيا. ڳالهه
خوامخواه وڌندي وئي. نيٺ اهي جهيڙي ڪرڻ
لاءِ تيار ٿي ويا ۽ ٻنهي هڪ ٻئي تي هٿ هلايو. ٻنهي
پنهنجا مٿا ڦاڙي ڇڏيا. پوليس آئي. ٻنهي کان بيان ورتا
ويا. ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. جج ٻنهي کي ٻڌو ۽ چيو
"مان ڪيس جي فتوا پوءِ ٻڌائيندس پهرين ٻڌايو ته
جنهن زمين تي توهان جيڪو ڪمند پوکيو آهي ان
جي ورهه روايه ٻول پوري آهي؟ پهرين اها ٻول پڙهو.
تڏهن ٻنهي چيو "صاحب اسان اڃان ڪمند پوکيو ڪٿي
آهي ۽ ٻول ڏيون ته ڇا جي ڏيون؟"

اسين ائين ئي وقت ٻيا وڃايون. اجاين ڳالهين ۾
انڪيو ٿا وڃون. ان ڪري اسانجي ٻڌي بگڙي وئي
آهي. هڪ ٻي ڳالهه ٻڌايان ٿو—

هڪ نئون جوڙو شادي ڪري آيو. ٻئي ٻئي پنهنجي
سني سهاءَ جا هئا. ٻنهي شاديءَ کان پوءِ هڪ نئون گهر
مسوارڙي ورتو. اهو مڪان هڪ سيٺ جو هو. مالڪ هن
مسوارڙيءَ مان بلڪل راضي هو. ڏنائين ٻئي پنهنجي
سني نموني ٿي رهيا جي پاڙ ۾ ڪڏهن به جهيڙو

”بدو، توهان ان مهان شڪتيءَ کي تتا جاڻو جنهن هن سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي. اهو اهاڻي اندر ۾ آهي. اوهان کان جدا نه آهي. اوهان اڳيان جي اونده ۾ ڀٽڪي رهيا آهيو. ان ڪري توهان وڏهڪ ڳالهائيندڙ ٿي رهيا آهيو. تنسا سوچي ويچاري اجايو سجايو ڳالهائي رهيا آهيو.

هڪ ڳالهه شروع ٿي ته ان کي ٻئي وڌائي شروع ڪيو. اها ڳالهه وڌندي اتري ته وڌي وئي جوان مان تون چا تون چا ٿي وئي، گار گند شروع ٿي ويو. جهڳڙي تاءِ نوبت اچي ٿي وئي. جڏهن ڳالهه هئي ڪجهه نه نه. آخر ۾ اهي ٻه شخص چون ٿا نيڪ ٿي تيو وقت ته ڪنجي ويو نه ته هونئن وقت ڪيئن ڪنجي ها. اهڙي طرح اسين وقت ضايع ڪري رهيا آهيون اجايو ڳالهائي ٻڌي پيا نشت ڪريون.

اڄ ڪلهه ڪانگريس جي نئين پاليسي ۾ ڪو آپريٽو فارمنگ (Co-Operative farming) جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن هڪ دفعي ٻه شرڪارتي ڪسان پاڻ ۾ ان باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هئا. ٻنهي چيو ته اسان ٻه ٻئي گڏجي کيتي ڪنداسين اسان ٻئي کيت ۾ ڪمند پوکينداسين. سخت محنت ڪنداسين ته کيت ۾ جهجهو ڪمند پيدا ٿيندو. تڏهن هڪ ڪسان چيو ”ٻڌ ڀائي جڏهن ڪمند پچي راس ٿيندو ته مان هر روز

ٻئي ٻڌي ٿي ڪوڙ ڳالهائڻو پوي اصلين جي خوشامد
ڪرڻي پوي. سارو ڏينهن ڪورٽ ۾ ڦرڻو ٿو پوي.
گهر اچ ته گناھ ڪندڙن جي پٺ. وري نوان ڪيس-
ان ۾ ڪهڙو سک آهي؟ مان ته چوان ٿي پنهنجي پٽ
کي ڊاڪٽر بڻايان ڪهڙو نه سٺو ڌنڌو آهي. بيمارن جي
سيوا ڪرڻ جو پڻ ملندو. پر اها ڳالهه هو مڃين ڪٿي
ٿا." پر ان ۾ جهڳڙي ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟
ان جو فيصلو اوهان ڪٿا ڪري سگهو ٿا. اوهان ڪٿي
پٽ کان پڇو ته هو ڇا ٿو بڻجڻ چاهي- جيڪا اڇا هو
ڏيکاري اها ڪٿي مڃو. سيٺ جي اها ڳالهه ٻڌي ٻنهي
چيو ته پٽ اڃان ڄمر ڪونه ورلو آهي.

ان کي ڇنڊي ٿو اڄايون ڳالهيون ۽ وقت جو زيان
ڪرڻ- انهن ڪرڻ سان ٻڌي ٻگڙي ٿي.

اوهان کي هڪ ٻي ڪٿا ٻڌايان ٿو.

هڪ هندو شادي ٿي. ناني پنهنجي ساهرن ۾ گهمڻ لاءِ
آيو. سنڌس سهرو وڏو زميندار هو. صبح جو سوير اهو
زميندار پنهنجي نانيءَ کي زمين ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو.
زمين گهوٽ کان ڪافي پري هئي. جڏهن زمين ٽپي
پهتو ته سهري چيس "اسان جي زمين هتان کان پنجن
ڪوهن لاءِ ڦهليل آهي." نانيءَ چيو "ها، اها ته ڇهن
ڪوهن لاءِ مس ٿيندي." سهرو ٻڌي ڪيئن پوي ۽
غصي ٿي چيو "نه، پنجن ڪوهن لاءِ آهي." نانيءَ

وغيره نه پيا ڪن. هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ نه پيا ڳالهائن
اهڙيءَ طرح پنج ڇهه مهينا گذريا ته ٻنهي جو ٿورو گهڻو
جهڳڙو ٿيڻ لڳو. ٿورن ڏينهن ۾ جهڳڙو تمام وڌي ويو.
ان جي خبر مڪان مالڪ کي پهچي وئي. هن سوچيو
اهي ٻئي تمام سٺي نموني هليا پئي هاڻي انهن کي ڇا
ٿي ويو. ڪالهه پڇان ته سهي. سيٺ ڪالهه اچي پڇيو،
"مسٽر ٽرهانڪي ڪا تڪليف آهي ڇا؟ اوهان ڪڏهن
پاڻ ۾ وڙهندا ڪو نه هئا. هاڻي اوهانکي ڇا ٿيو آهي؟"
پٽي ديو چيو "سيٺ، ڳالهه ته ڪجهه به ڪانهي پر ڇا
ڪريان جو منهنجي ڪمرن ۾ اهڙي ٻمسي ويٺي
آهي جيڪا منهنجي ڪابه ڳالهه ٿي مڃي. هٺيلي آهي."
سيٺ چيس "آخر ڳالهه ڇا آهي؟" پٽي ديو چيو "سيٺ
صاحب، مان چاهيان ٿو ته منهنجو پٽ وڪيل ٿئي-
وڪيل پرڀات جو اٿندو- ڪورٽ وڃڻ لاءِ تياري
ڪندو اتي وڪالت ڪري گهر واپس ايندو. پر منهنجي
پتني اها ڳالهه مڃي ڪانه ٿي ۽ چوي ٿي ته منهنجو
پٽ ڊاڪٽر ٿيندو. سيٺ صاحب ڊاڪٽري به ڪو ڌنڌو
آهي نه ڏينهن جو آرام نه رات جو آرام. بيمار آيو ناهي
ان سان گڏ پيٽي کڻي ويو ناهي. هاڻي اوهان ٻڌايو ته
مان ڪهڙي نه واجبي ڳالهه چئي آهي؟ سندس ٻڌيءَ
چيو "سيٺ صاحب منهنجو نصيب ڪونه هو جو هن جي
پلئه پيس. اوهان ٻڌايو وڪالت به ڪو ڌنڌو آهي.

ڪري رهيا آهيون. اجايو ڳالهائيندڙ بڪبڪ ۽ ڪڏهن ۾ بڙبڙان ۾ ٽپي سگهندو. تڏهن ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ چيو —

"مريادا ۾ رهي ڪرم ڪريو، مريادا کان ٻاهر وڃڻ ٺيڪ نه آهي."

هن سالن جي ڳالهه آهي. دهليءَ ۾ جمنا نديءَ مان ٻوڏ آئي هئي. جمنا پنهنجي ڪنارن کي ٽپي شاهدرا ۾ ٻيڙي هلي آئي. شاهدرا سڄو پاڻيءَ هيٺ اچي ويو. اتان جي ماڻهن پنهنجا گهر خالي ڪيا. انهن لاءِ ٻئي هنڌ ڪئمپ کولي وئي. آريه سماج به اُلي سهايتا جو ڪم جاري رکيو. ديوان هال ۾ انهن ڏکين کي رهايو ويو. مان هڪ ڏهاڙي انهن ٻوڏ جي ستايلن کي ڏسڻ ويس. اهي پنهنجون تڪليفون ٻڌائڻ لڳا. مون ڪائن پڇيو "توهان هر روز جمنا مئيا کي جهڪ پڪاريندا آهيو." هاڻي جمنا پاڻ اوهان جي گهر ۾ پير گهمايا آهن ته توهان ڀڄي هتي آيا آهيو؟ تڏهن هنن چيو جمنا مئيا پنهنجن ٻنهي ڪنارن کي ٽپي يعني مريادا ٽوڙي ٻاهر آئي آهي. پنهنجي مريادا ڇڏي جمنا، ماتا نه رهي هڪ ڏائڻ بڻجي وئي. ان ڪري جو مريادا ۾ نٿو رهي اهو برو ليکجي ٿو. ان ڪري جو ڪجهه، چئو نه مريادا اندر چئو ان ڪري چوان ٿو نه ٿورو ڳالهايو ۽ مٺو ٻوليو.

ٿورو ڳالهائڻ سان گڏو گڏ مٺو ڳالهائيندڙ نه ٿيڻو آهي.

چهو چئن کوهن کان وڌيڪ نه آهي." سهري چيو، "زمين منهنجي آهي. ۽ ان جي مولکي خبر آهي نه لوکي. اها پنجن کوهن تائين آهي." ناني نه، پنهنجي ضد تي قائم هو. چيائين "مان ڪيئن مڃان ته اها زمين پنجن کوهن تائين آهي." پنهنجي ضد تي هئا - کو به فرق لاءِ تيار نه هو. مٿان منجهند اچي ٿي. جنهن ڇوڪريءَ جي شادي ٿي هئي اها رسوئي ڪٽائي اني اچي پهتي - ڏنائين ته سندس پتي ۽ پتا پاڻ ۾ جهڳڙو پيا ڪن. هوءَ عجب ۾ پئجي وئي. صبح جو ته پاڻ ۾ نيڪ هئا. هن پنهنجي پيءُ کان پڇيو "بابا ڳالهه ڇاهي؟" پتا چيس "ڏيءُ منهنجو ناني مونکان هڪ کوه زمين جو ڪسي رهيو آهي. مان کيس چوان پيو ته هيءَ منهنجي زمين پنجن کوهن تائين ڦهليل آهي ۽ هيءُ پيو چوي ته نه، اها زمين چئن کوهن کان وڌيڪ نه آهي بلڪ مان هڪ کوه زمين ڪيئن ڇڏيندس." ڇوڪري سياڻي هئي ڳالهه سمجهي وئي. ۽ چيائين "بابا، ان ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اوهان منهنجي وواه تي اجترا پئسا خرچ ڪيا آهن - ڪيترو ئي ڏاجو وغيره ڏنو آهي. اوهان ائين سمجهو ته هيءُ هڪ کوه زمين جو به ان ۾ ڏنم." پتا چيو "جيڪڏهن ائين وڻي آهي ته سمورو ونو."

سو اهڙيءَ طرح اسان پنهنجو وقت ۽ ٻڌي ۾ ٻاب

جي هر طرح جي شيوا ڪرڻ لئي پر ان هوندي به
هوءَ ٻولئي ناراض رهي ٿي. مون ڇيو هائو مون وٽ
هڪ مٽر آهي پر مان اهو مٽر ڪنهن کي ڪونه ڏيکاريندو
آهيان جو ڪجهه آهي اهو ڪولي ٻڌائيندو آهيان. مون
کي خبر آهي توهان سڀ ڪي سٺي ڪيرٽي به ٿا ڏيندي
آهين. ان کي پستا باداميون وغيره وجهي ڏيندي آهين
۽ ٻڪاڙي ۾ ان مٿان رک به وجهي موڪليندي آهين.
پوءِ ٻڌاءِ ته توکي سڀ ڪيئن راضي رهندي؟ هن ڇيو
"نه سوامي! اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. ان ڪيرٽي ۾
ڪڏهن به رک ڪونه وڌي آهي." تڏهن مون ڇيو
توهان برابر سڀ جي سٺي شيوا ڪندي آهين پر هن
جي ڳالهائڻ جي موٽ ڪڏهن ڪوڙن لفظن
۾ ڏيندي آهين. هن اهو قبول ڪندي ڇيو برابر
ڪڏهن ائين ٿيندو آهي. انهي لاءِ هي مٽر ياد رکي
ڇڏ "جيڪڏهن زندگي ۾ سکي رکڻ چاهيو ٿا ته جڀ
جي انهن حصي ۾ ماکي لڳائي ڇڏيو ۽ جڀ جي ٻڪاڙي ۾
۾ به ماکي رکي ڇڏيو." اوهان جي مٺي ڳالهائڻ سان
ڪوبه ناراض نه ٿيندو. مٺو ڳالهائي ٻين کي پنهنجي
وس ۾ ڪريو. وس ۾ ڪرڻ لاءِ مٺو ٻولڻ هڪ مؤل
مٽر آهي جڀ جهڙي ڪومل آهي ان جا وچن به
ڪومل هئڻ گهرجن.

ڇين ۾ هڪ وڏو سنت هو. سندس موت جو جڏهن

اٿين نہ ٺٺي نہ ڳالهايو برابر ٿورو ٿورو اهو اثرو ڇالاءِ نہ هجي جو ٻئي جي دل کي چيري ڇڏي. سو منو ٻوليو. جيڪڏهن ڪڙو ٻولڻ ڇڏينداسين نہ سنسار جا اڌ جهڳڙا ٻنا دير جي ختم ٿي وڃن، وڌيڪ جهڳڙا پيدا ئي نہ ٿين. اڄ دنيا ۾ گهڻا جهڳڙا ڪڙي ڳالهائڻ ڪري ٿين ٿا. مهاڀارت جي بربادي آڻيندڙ يڌ بہ ان ڪوڙن وچن ٻولڻ جو نتيجو هئي. دروپديءَ چيو هو ”انڌي جا پٽ انڌا ئي ٿين ٿا.“ مهاراج ڌرتراشٽر انڌو هو. دريوڌن ان جو پٽ هو. جڏهن هن اهي دروپديءَ جا ڏک پهچائيندڙ لفظ ٻڌا تڏهن دريوڌن دل ۾ پڪو پڻ ڪيو تہ مان ان جو ڪانئس ضرور بدلو وٺندس.

مهرشي دياننڊ ستيارٿ پرڪاش ۾ لکيو آهي تہ مهاڀارت جي يڌ اسان جي ديش کي تباه ڪري ڇڏيو. ان کان اڳ آرين جو ساري سنسار ۾ چڪرورتي راڄ هو. پر مهاڀارت جي يڌ سڀ ڪجهہ ناس ڪري ڇڏيو هڪ ڪوڙي ۽ ٻري لفظ ڳالهائڻ سان ڪيڏو نہ خطرناڪ نتيجو نڪري ٿو.

ڌهليءَ جي ڪرول باغ ۾ ڪٿا ڪري رهيو ڪم تہ جون وقت ٻہ ديويون آيون. هڪ چيو ”سوامي! اوهان تہ هاٿي ساڌو ٿيڻجي ويا آهيو. ضرور ڪي جنتر منتر سکي ويا هوندا ڪرپا ڪري ڪو منتر وغيره ڏيو تہ ٻنهي جي مٽر کي خوش رکي سگهان. مان هن

سارو ھلڻ ۾ لڳي ٿو آھي ۽ ڪنجوس نه ته ٺٺو آھي
جو ضروري خرچ آھي اھو ڪرڻ ئي گھرجي.

ھڪ ڀيري ھڪ ھندو ڪٿا ڪندو ھو. ڪٿا ٻڌڻ
لاءِ اتي ھڪ ذلوان ويندو ھو. جو ھڪڙو مھا ڪنجوس.
ھو ھڪ پيسو به دان ڪونه ڪندو ھو. اتي اچي ڪري
ڪٿا ٻاسي ٿي ويھندو ھو. ھن کي ڪوئي پڇندو به
ڪونه ھو. ٻيا سڀيئي اھڙا ھئا جي پنڊت انھن کي
سڏي پاڻ وٽ ويھاريندو ھو جا ڳالھه ان ڪنجوس
ذلوان کي نه وڻندي ھئي. ھڪ ڏينھن گھر وڃي پنھنجي
پتنيءَ کي چيائين ”مان ھر روز ڪٿا ٻڌڻ ويندو آھيان
اتي ٻين جو آدر ٿيندو آھي مگر منھنجو ڪو به مان نه
ٿيندو آھي سندس پتني سياڻي ھئي. ھن پير ان ۾
فڪر ڪرڻ جي ڪھڙي ڳالھه آھي. سياڻي اوھان جو
به سنمان ٿيندو. توھان ھڪ ڪم ڪريو ھڪ ريشمي
رومال وٺي اچو. ھو ريشمي رومال وٺي آيو سياڻيءَ
ان ۾ ھڪ سؤ روپيا ٻڌا. گلن جو ھڪ ھار گھرايو. ٻيو
ڏينھن ڪٿا جو پوئون ڏينھن ھو. اتي ٻئي پتي پتني
آيا. پتنيءَ پتيءَ کي چيو ”اھو ھار ۽ پئسا ڪٿي پنڊت
ڏانھن وڃو ۽ ھي گلن جو ھار ڪيس پايو ۽ رپين ٻڌل
رومال سندس ھٿ ۾ ٿورو مٿي ڪري اھڙيءَ طرح
اڇلايو جيئن رپين جو آواز ٿئي. ان ذلوان ائين ڪيو
۽ پوءِ واپس پنھنجي ڪمد واري جڳھه تي وڃي ويھڻ لڳي

وقت آيو تڏهن اهو ڪتولي لڳي ليٽيو پيو هو. سندس
شش اچي اتي گڏ ٿيا ته هن پنهنجي ششن کي چيو،
ڏسو منهنجي منهن ۾ ڏند آهن يا نه؟ ائين چئي هن پنهنجو
منهن کوليو. ششن چيو "نه ڪونهن" هن پنهنجو وات
کوليو ۽ چيو "چڱيءَ طرح ڏسي ڇڏيو" ششن چيو "مهراج
ڏند بلڪل ڪونه آهن." تڏهن سنت چيو "ڀلا وات ۾
جيڀ آهي؟" ششن چيو "آهي" تڏهن سنت چيو ڀلا
ٻڌايو "جيڀ منهنجي پيدا ٿيڻ کان ئي مون وٽ رهي
آهي ۽ اها ساڳئي جو ساڳئي آهي ۽ ڏند پوءِ آيا. اهي
اڳ ئي هليا ويا؟" ڪنهن به شش ان جو ڪو به پورو
جواب ڪين ڏنو. تڏهن سنت چيو ٻڌو "ڏند سخت
هوندا آهن جيڪي پوءِ پيدا ٿيندي به اڳ هليا ويندا
آهن ۽ جيڀ ڪومل هوندي آهي جا اڃ تاءِ سالم بيٺي
آهي. اوهان به جيڪڏهن گهڻو وقت رهڻ ٿا چاهيو ته
اوهان به جيڀ جيان ڪومل وچن ڳالهائيندا رهو.

ڪبير جي ڪوڙي منهن کي ڪپيو ويندو آهي.
لوڻ لڳايو ويندو آهي. مطلب ڪوڙا شبد ڪڏهن به
نه ٻوليو. هميشه مٺي ڳالهائڻ سان گڏ ٿورو ڳالهايو. منو
ٻوليو، ٻڌي تيز ٻڻايو. ٿورو ڳالهاو ۽ ڪمائتي ٻڻجو.
هٺ ڦاڙ نه ٻڻجو ۽ نه وري ڪنجوس ٻڻجو. اهي ٻئي
ڳالهيون ليڪ نه آهن. جو پنهنجي آمدنيءَ کان وڌيڪ
خرچ ڪري ٿو اهو ڪڏهن سکي نٿو رهي. هوندا

هاڻي نه مونکي ڀڪ ٿي ته هو اندر ۾ ضرور دکي آهي مان به چڙيا وارو نه هوس. ڪيس پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏنم هن اهو به انهن ٿورو ڏسي ٻاهر رکي ڇڏيو ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو رهيو. مون کانئس پڇيو "مٺا ڏاڍو اداس پيو لڳين. ڇا ڳالهه آهي؟ ڇا ڪو حادثو ٿيو آهي؟ يا ڪو گذاري ويو آهي؟" هن ٿڌو ساهه ڀريو پر ڇپائين ڪجهه ڪونه. وري مان کانئس پڇيو "ڪنهن جو وڇوڙو ستائي رهيو آهي؟ ٻڌايو اوهان کي ڪهڙو دک آهي؟" هن وري به ٿڌو ساهه کنيو ۽ چيو ڇڏيو ان ڳالهه کي. مون چيو "مٺا دک ٻڌائڻ سان ضرور من هلڪو ٿئي ٿو." هن جڏهن ڏٺو ته مان پنهنجي هٺ وارو نه آهيان- بنا ٻڌائڻ جي نه رهندس. تڏهن هن چيو، "مان گذريل ڇهن مهينن کان دکي آهيان ان کان اڳ بيحد سکي هوس." "انهن ڇهن مهينن ۾ ڇا ٿيو؟" هن چيو "ڇهه مهينا اڳ مان رواجي انسان هوس ۽ ٿورو ڪمائيندو هوس ۽ ان ۾ ئي سنتوش هو. پوءِ مون هڪ سيٺ سان گڏجي واپار ڪيم. جنهن مان ٻه لک ڪماياسين هڪ لک هن کي مليو ۽ هڪ مونکي. بس ان ڏينهن کان وٺي دکي آهيان. اهي روپيا رکان ته ڪٿي رکان؟ هميشه پاڻ سان کڻي گهمندو آهيان. نه ڏينهن جو آرام نه رات جو چين. ڪٿي ڪو اهي روپيا ڦري نه وڃي. بئنڪ ۾ رکان ته متان ڪٿي نه وڃي. مون ڪيس

هو نہ اهالڪ پنڊت چيس سيٺ صاحب اِيڏانهن نہ
ويهو ۽ هيڏانهن منهنجي ڀرسان اچي ويهو. اهو سيٺ
همت جوڙي ٿي رهيو ۽ چيو "پنڊتجي مان هتي سٺو
وينو آهيان." پنڊت وري بہ چيس تہ هيڏانهن اچي
ويهو. تڏهن سيٺ چيو "پنڊتجي معاف ڪريو مون کي
خبر ڪانہ هئي تہ هتي روپين جو ئي مان آهي" پنڊت
چيس "نہ، هتي روپين جو سنمان ڪونهي پر اوهان
جو آدر ڀاؤ ٿي رهيو آهي جو اوهان ۾ روپين کي لياڳڻ
جو ڀاو پيدا ٿيو آهي ان ڀاونا جو ئي آدر ٿي رهيو
آهي. ان ڪري اوهان ڪنجوس نہ بڻجو. صحيح ۽
واجبي خرچ ڪريو. اسان پنهنجون گهرجون اهڙيون نہ
وڌائي ڇڏيون آهن جو اسان کي انهن جي پوري ڪرڻ
لاءِ بي ايماني، چوري يا ٺڳي ڪرڻي ٿي پوي.
گهرجون اهڙيون رکون جن جي پورائي ڪري سگهون.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي، مان جڏهن بمبئي ٿي
ويس. مون سان گڏ پرنسپال سائينداس، ميهرچند ۽
جسٽس ميهرچند مهاجن هئا. اسان هڪ ئي ڪمپارٽمينٽ
۾ ويٺا هئاسين. رستي ۾ هڪ ٻيو مسافر چڙهيو. سندس
منهن مان لڳو ٿي تہ هو بيحد دکي آهي. منهنجو سڀاءُ
آهي نہ اهڙن ماڻهن کي پرسن ڪرڻ لاءِ دل وٺي.
مون کيس چيو "مٿر هيءَ اخبار تہ پڙهو." هن اخبار
پڙهي ۽ مهاجرو ڏسي جلد ئي پاسيرو ڪري رکي.

آسڻ آهن جهڙوڪ **سروانگ آسن ۽ شيتلي پراڻايام**
اهي آسڻ مونکان سکڻ چاهيو ته سکي سگهو ٿا.
ٻڌي، منتر دواران به نرمل ٿي سگهي ٿي ۽ وهد ڀڳوان
۾ اهڙا منتر آهن جن سان ٻڌي تيز پڻ ٻڻجي ٿي اهو
مهان گرو منتر آهي گايتري منتر.

ان منتر جي جاپ ڪرڻ سان ٻڌي پراپت ٿئي
ٿي آدر سنمان ملي ٿو. پوني ۾ وياکيان ڏيندي مهرشي
ديانند ٻڌايو هو ته سنساري منش جا ان منتر جي اوچارڻ
(اوچارڻ ڪري ڏيکاري ٿو) ڪرڻ سان سڀ اندر جا
وڪار دور ٿي وڃن ٿا. اسان جي وڏن به ان منتر جو
جاپ ڪري پنهنجي ٻڌي نرمل ۽ تيز رکي هئي.
ڀڳوان رام، وشوامتر، وششٽ، تلڪ، اروند گوش،
شنڪر آچاريه، مهاتما گانڌي سڀ ان منتر جو جاپ
ڪندا هئا راشٽرپتي راجيندر پرساد به ان گايتري منتر
جو جاپ ڪندو هئو. ڀاڳوت ۾ جتي شري ڪرشن
جي هر روز جي پروگرام جو ورڻن ڪيو آهي اتي هن
لکيو آهي ته ڀڳوان ڪرشن سج اڀرڻ کان اڳ اٿندو هو.
اشنان پاڻي ڪري ريشمي وستر پهري ات ايم ٻه
ڪلاڪ گايتري منتر جو جاپ ڪندو هو.

مان ڪيلاش جي درشن ڪرڻ لاءِ ويس. شو ڀڳوان
جي ان آستان لئي جتي هن تپسيا ڪئي هئي. جو آلموڙا
کان ٢٥٠ ميل پري ويو هوس. رستو خطري کان خالي

چيو اگر بئنڪ تي وشواس نہ ٿو اچي تہ پوسٽ ۾ رکو.
هن چيو "مان پنهنجي ڳوٺ واري پوسٽ آفيس ۾ بہ
پئسا رکڻ لاءِ ويو هوس مگر اتي ان وقت پوسٽ ماستر
هڪ ٻئي ماستر کي ٻڌائي چيو مان هتي لڳون آيو آهيان
مان ڏوڪي سڀاڻان ڪونہ ٿو. ڏوڪي جيڪڏهن پئسا
ڪڍائڻا آهن تہ ڳوٺ جي مکيءَ جي صحي وٺي اچ
تڏهن ڏوڪي پئسا ملندا. مان جڏهن هنن جي گفتگو
ٻڌي تڏهن چپ چاپ مان واپس هليو آيس. مان تڏهن
کان پريشان آهيان. خبر ناهي ڪڏهن اهو پوسٽ ماستر
بدلي ٿي وڃي ۽ منهنجا پئسا اتي ڦاسي وڃن. توکي
ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ٿو اچي تہ روپيا ڪٿي رکان؟"
مون کيس چيو "جيڪڏهن اهي روپيا ڏکہ جو ڪارڻ
آهن تہ پوءِ اهي مونکي ڏان ۾ ڏيئي ڇڏ. اسان لاهور
۾ ٽيڪنيڪل ڪاليج کولي رهيا آهيون. اوهان جا
پئسا هڪ سٺي ڪارج ۾ ڪم اچي ويندا ۽ توهان ٻاڻ
کي بہ سکي سمجهندا." هن چيو "اهي روپيا ڪنهن
کي ڏيئي بہ نٿو سگهان."

اهو سچڻ ڏن گڏ ڪري بہ ڏکي هو. هن کان وڌيڪ
شيءِ هئڻ جي سنڀال ڪرڻ بہ ڏکيو ٿيو پوي. ٻڌي
بہ بگڙيو وڃي. جيڪڏهن ٻڌي ليز ۽ نرمل بڻائڻي
آهي تہ پوءِ قناعت ڪرڻ وارا بڻجو. منو ڳالهايو. ان
کان سواءِ ٻڌيءَ کي نرمل بڻائڻ لاءِ ٻوڪ جا ڪي

ٻيو نوڪدار برف جا ٽڪرا. ڏيڍ ميل ڪان پوءِ ٻي ندي هئي ۽ ٻئي ڏيڍ ميل ڪان پوءِ ٽين ندي هئي ۽ پوءِ چوٿين. جيئن جيئن سج چڙهندو ويو ندين ۾ پاڻي وڌندو ويو. سج جي گرميءَ لي برف رجي پاڻي ٿي وڌندو ويو. ان ڪان پوءِ پنجين ندي آئي جا تمام وڏي ندي هئي ٽن ميلن ڪان پوءِ ڇهين ندي آئي اهڙيءَ طرح ڏهه نديون پار ڪري وياسين. پر رتورت ٿي پيا. سمجهوسين ته هاڻي ٻي ڪا ندي ڪونه هوندي تڏهن گائيڊ چيو "هن ڪان پوءِ هڪ ٻي به وڏي ندي آهي؟" جڏهن يارهين ندي آئي ته اسين سڀ گهٻرائجي وياسين. مون گائيڊ کي چيو "متر مونکان هيءَ ندي پار نه ٿي سگهندي هلو ته واپس هليا هلون." تڏهن گائيڊ چيو "هيترو پنڌ طئه ڪري آيا آهيو باقي ٿوري همت ڪندا ته ندي پار ڪري ويندا هن ڪان پوءِ ٻي ندي ڪانهي." مون چيومانس مونکي پنهنجي بنديءَ لئي ڪٺي هلو. گائيڊ چيو "اوهان جيڪڏهن اڪيلا هجو ها ته ائين ڪريان به ها. اوهان سان گڏ سامان به آهي ۽ ٻيا ساٿي به آهن. سو ائين ڪرڻ مشڪل آهي." مون چيومانس "مونکي ٿورو آڌار ڏيئي وٺي هل." هن آڌار ڏنو. پاڻي ڇاتيءَ تائين هو. ڇهندار برف جا ٽڪر سرير کي ڇهي رهيا هئا. پار ڪندي سارو سرير رت سان ڀرجي ويو. تڏهن ويچار آيو.

نه هو. رستي ۾ جهنگلي جانور شينهن، چيتا، هاٿي وغيره هئا. بيحد خوفناڪ رستو هو. اسان مانسرووَر پهتاسين سمنڊ جي سطح کان ١٥ هزار فوٽن جي اوچائي تي اها جڳهه هئي. دنيا جي ڇت تبيت وٽ ٥٤ ميلن جي گهيري ۾ اها ٻنڍ آهي. اڄ تائين ان جي اونهائي ڪانه ماپي وئي آهي. ايتري اوچائي تي ايترو پاڻي ڪٿان اچي گڏ ٿيو آهي؟ ڏسي ٻيرس ۾ پئجي وڃس. انگريزن جي وقت ۾ ان ٻنڍ جي اونهائي ماپڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. هڪ ٻيڙي ٻنڍ جي وچ ۾ ڀاري ٣٥٠ فوٽ ڊگهي زنجير جي ڇيڙي ۾ هڪ لوهي گولو ٻڌي هيٺ ڇڏيو ويو لڏهن ٻه هيٺ تري ۾ نه پهچي سگهيو. ڪيتري نه اونهي آهي اها ٻنڍ. اتان ڪان ڪيلاش جتي پاروتي رهندي هئي ٣٠ ميل پري آهي. ٻئي ڏينهن اسين اتان پرياڻ جو رڪتاسين. ڏيڍ ميل جي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هڪ ندي آئي. جنهن ۾ برف جا نوڪدار ٽڪرا پئجي ترندا. اسان سان هڪ گائيڊ ڪيپڪميا ساڻ هو. ان کان پڇيم "هن ندي تي پل ڪونهي؟" هن چيو "پل ڇا جي لاءِ. اهي نديون سال ۾ ٻه مهنا وهن ٿيون ڏهه مهنا برف سان ڇانيل هونديون آهن." مون چيو "هيءَ ندي ڪيئن پار ڪنداسين." ڪيلاش هلڻو آهي ته ندي پار ڪرڻي ئي پوندي. ندي پار ڪئي سين پر پير زخمي پيا. هڪ پاڻي ٽٽو

ٿڪ ڏاڍي هئي هن چمپل لاهي رکي ۽ پيرن جون پنج آڱريون تلاءَ ۾ ٻوڙيائين. پاڻي ٿڌو هو. سنان ڪرڻ ڪرڻ جي ڪيس همت نه ٿي. پنجابيءَ ۾ پنجن آڱرين کي پب چوندا آهن. سو ان منتر چيو "پب سنان سب سنان." ائين چئي چمپل پائي گهر واپس ويو. رستي ۾ هڪ ٻيو شخص گڏيس ۽ پڇيائينس "سنان ڪري آئين؟" هن چيو "پب سنان سب سنان" تڏهن هن شخص چيس "تو سنان ته اسان سنان." ان شخص بس ان سان رستي ۾ ملندي سنان ڪري ڇڏيو. سو اوهان منهنجي سنان ڪرڻ کان پوءِ ائين ته نه ڪندا؟" "تو سنان اسان سنان" ائين چئي مون گوري ڪنڊ جي برف ڀڳي ۽ ڪرمنڊل ڀري پاڻيءَ جو سر ۾ ٿي وڌو. ٻئي ڪرمنڊل ڀري وجهڻ جو ساهس نه ٿيو. سنان ڪري پريو ڀڳتيءَ ۾ ويهي رهيس ۽ ڌيان ۾ لڳي ويس. هوش تڏهن آيو جڏهن گائيڊ اچي بدن کي ڌوڏيو ۽ چيو "ڪافي دير ٿي وئي آهي ائين ويهي رهندا ته رت هڪ هنڌ ڄمي ويندو. ۽ چيائين ساڍي نوي ٻجي سماڌيءَ ۾ ويٺا هئا هتان اڍائي ٻجه ٿيا آهن. چوڌاري ڏٺم برف ئي برف. وچ ۾ هڪ جڳهه جتي برف ڪونه هئي. هيءَ اها جڳهه هئي جتي شو ۽ پاربتي پاڻ ۾ وارتالاپ ڪندا هئا. مون گائيڊ کي چيو ته اوڏانهن وٺي هل. هن چيو اتي ڪير به نه ويندو

مهرشي ديانند هت پهچڻ لاءِ ڪيترا نه ڪشٽ سٺا هوندا. ان سيني ڳالهين کي خيال ۾ رکندي هرڪو مهرشي ديانند جي ڪيل تپسيا جو اندازو لڳائي سگهي ٿو. منش جاتيءَ لاءِ هن مهرشيءَ ڇا نه ڪيو؟

ان پارهين ندي پار ڪرڻ کان پوءِ داوجن منڊي اچي ٿي هيءَ آستان چار مهنا وسيل رهي ٿو ۽ اٺ مهنا سنسان ۽ ويران. انهن ڇئن مهنن ۾ تبيت ۽ پارس جي وچ ۾ هڪ ڪروڙ جو واپار ٿيندو هو (جڏهن چين تبيت تي قبضو ڪونه ڪيو هو.) اسين ڏاڍو ٿڪجي پيا هئاسين. مان ڪنبل ويڙهي وڃي لنبوءَ ۾ ويٺس. تڏهن ڌيان آيو ته ڪئلاش تي پهچڻ جي لاءِ جيڪي پارهن نديون پار ڪرڻيون پيئون آهن اهي در حقيقت پنج ڪرم اندريون، پنج گيان اندريون ۽ هڪ من ئي ته آهن. شايد ٽن ڏينهن ۾ اسين ١٨ هزار فوٽن جي اوچائيءَ تي گوري ڪنڊ تي پهتاسين. ان گوري ڪنڊ تي برف جميل رهي ٿي. برف کي پچي پوءِ اندران پاڻي ملي ٿو. مون سائين کي سنان ڪرڻ لاءِ چيو تڏهن هنن مونکي پهرين سنان ڪرڻ لاءِ چيو. سنان کان اڳ مون کين هڪ ڪٿا ٻڌائي.

” پنجاب جي ڳوٺن ٻاهران تلاءَ هوندا هئا. جنهن ۾ ماڻهو سنان ڪندا هئا. جنوريءَ جو مهنو هو. سخت ٿڌ پيئي هئي. هڪ متر الي سنان ڪرڻ لاءِ آيو.

شو ڀڳوان:- ”ڪجهه ٻيو پڇ. اهو هڪ راز آهي.
پاربتي:- ”نه اهو راز اوهان کي ٻڌائڻو ئي پوندو.
شو ڀڳوان:- ”چڱو ٻڌ-

”گايتري ويد ماتا آهي. پرٿويءَ تي اها آديه شڪتي سڏجي ٿي. اها سنسار جي ماتا آهي مان ان جي اپاسنا ڪريان ٿو.

”هي پاروتي! ودوان يوگ ساڌن جو آڌار ان گايتريءَ کي مڃيو آهي.“

ان گايتريءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه ڪونهي. هن وگيان جي يگ ۾ ماڻهو چوندا ته هيءَ جپ جون ته ڳالهيون ڪري. ڀلا جپ مان به ڪجهه وريو آهي؟ ان منتر ۾ ۲۴ اکر آهن. انهن کي پريوءَ اهڙيءَ رٿا سان رکيو آهي جو انهن جو اچارڻ دل ۾ ٿئي ته اتان اڌيالمڪ لهرون اٿي اهڙو اثر ڪن ٿيون جو اهي اسانجي دماغ ۾ وڃي پهچن ٿيون ته ڌهن من - منڊل ٻڌيءَ ۽ چت منڊل تي چوٽ لڳي ٿي. جنهن سان هردي جون لهرون وچڙ لڳن ٿيون ڪنڊليءَ تي به چوٽ لڳي ٿي. اهڙي طرح هڪ وگيانڪ طور ٻڌي نرمل ٿئي ٿي ان ڪري ٻڌيءَ کي نرمل بڻائڻ جو هڪ وڏو اپاءُ جپ ڪرڻ به آهي. ويد منتر جو جپ ۽ انهن منترن ۾ سڀني کان وڌيڪ آهي **گايتري منتر.** ان کانسواءِ ٻڌي نرمل ڪرڻ لاءِ هڪ دوا به آهي.

آهي. اوڏانهن وڃڻ لاءِ رستو بہ ڪونهي. مان پنهنجي ڳالهہ تي محڪم رهندس. هن گهڻو روڪيو. نيٺ هن کي مونسان هلڻو ئي پيو گوري ڪنڊ کان اهو هنڌ هڪ هزار فوٽ اوچائيءَ تي هو. مٿي پهچڻ ۾ ٽي ڪلاڪ لڳي ويا. مان اتي ان جڳهہ تي وڃي ويٺس. گائيڊ ڪيترن کيا چيو اتي نہ ويهندا. نہ تہ رت جمي ويندو ۽ توهان مري ويندا. مون چيو اگر ڪيلاش تي منهنجو مرڻو ٿيو تہ ان کان وڌيڪ خوش نصيبي ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. هن چيو "نہ، پنڊتي واپس وٺي هلڻ جي جوابداري منهنجي آهي آلموڙا پهچي اوهان ڪجهہ بہ ڪري سگهو ٿا."

شوءِ پاربتي جي ان آستان تي ويهي مونکي هڪ ياد آئي "گايتري منجريءَ جي جيڪا ويجهڙائيءَ ۾ ڇپي آهي. جا اڳم ڪانہ ڇپي هئي. ان مان هڪ هنڌ ڏنل گفتگو ٻڌايان ٿو.

پاروتي:- "ناٿ، مان گوري ڪنڊ کان هڪ ڳالهہ
ڪٺي آئي آهيان - جيڪا پوري ڪرڻ بنا
رهي نہ سگهندس."

شو ڀڳوان:- "پڇ ڇا پڇڻو اٿئي؟"

پاربتي:- "اوهان اهڙي ڪهڙي تپسيا ڪئي آهي
جو اوهان کي هيترين سڌين پراپت
ٿيون آهن."

آهي ۽ ڏس ڪيئن تنهنجي ڪرپا سدا خوش ٿي وڃي
ٿو." ٻڌيءَ چيو نيڪ آهي. پاڻيءَ ان ڌنار وٽ چاڪڙي
جو جوڙو رکي ڇڏيو. اها چاڪڙي سوني هئي ۽ منجهس
هيرا جواهر جڙهيل هئا. ٿوري دير ۾ اتي هڪ واپاري
آيو ان اها چاڪڙي ڏٺي ته سندس منهن ۾ پاڻي اچي
ويو. دل هرکجي ويس واپاري ڌنار کي چيو ته اها
چاڪڙي مونکي ڏي جيڪي پئسا ڪهڻي اهي مونکان
وٺ. ڌنار چيو "هيءَ چاڪڙي مان ڇا ڪندس. ڀلي
کڻي وڃ. مونکي ڳوٺ مان ڇٽا پڇائي اچڻ ۾ تڪليف
ٿيسي ٿئي. تون مونکي به مٺ ڇٽا پڇائي ڏيئي وڃ.
۽ چاڪڙي کڻي وڃ. اهو واپاري ڏاڍو خوش ٿيو. چاڪڙي
کڻي اهو واپاري وڏي شهر ۾ آيو. هن اها چاڪڙي
اچي راجا کي ڀيٽ طور ڏني. اها چاڪڙي ڏسي راجا
ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڇڻ لڳو ته هيءَ چاڪڙي توکي ڪٿان
ملي؟ واپاريءَ چيو "مونکي پنهنجي ملڪ جي راجا
مونتي راضي ٿي هيءَ چاڪڙي انعام طور ڏني آهي. مون
دل ۾ خيال ڪيو ته هيءَ چاڪڙي مان ڇا ڪندس ۽
اها مان اوهان کي ڀيٽ طور ڏيڻ ٿي نيڪ سمجهي."
راجا چيس "اهڙي ٻي چاڪڙي تون آڻي سگهين ٿو؟"
واپاريءَ چيو ڇو نه ڪين؟ جيتريون چئو اوتريون آڻي
ڏيان. منهنجي راجا وٽ اهڙيون گهڻيئي چاڪڙيون آهن.
راجا چيو "ٻڌو راجا وڏو شاهوڪار آهي؟ انين آهي

ان جو نسخو تہ چاءِ جو ڪجهہ بہ مون وٽ آهي اهو
اوهانکي ڏيئي ڇڏيندس.

اوهان چولدا مان بدي ء پنهنجي ڪاهي بهو آهيان.
بدي ء کان سواءِ ٻي ڳالهہ ڪرڻ لئي ڪونہ ٿو. بدي
سڀ کان قيمتي آهي. اوهان وٽ سڀ ڪجهہ هجي
پر بدي نہ هجي تہ ڪجهہ نہ ڇئبو بدي مکيہ آڌار آهي.
اها سڌري تہ سڀ ڪجهہ نيڪ رهي ٿو اها بگڙي
تہ سڀ ڪجهہ بگڙيل سمجهو. بدو! مان اوهانکي بدي
ءِ ڀاڳہ (قسمت) جي ڳالهہ ٿو ٻڌايان. هڪ دفعي بدي
ءِ ڀاڳہ جو پاڻ ۾ وارتالاپ ٿيو.
ڀاڳہ چيو:- جنهن تي منهنجي ڪرپا ٿي وڃي اهو سڀ
ڪجهہ حاصل ڪري ٿو.
بدي ء چيو:- اڙي ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين. منهنجي جنهن
مٿان ڪرپا ڪانهي اهي تنهنجي ڪرپا ڪجهہ نٿي
ڪري سگهي. ٻنهي جي پاڻ ۾ گفتگو وڌندي ويئي.
ضد وڌيو. تڏهن بدي ء چيو "پاڻ ۾ هيئن وڙهڻ نيڪ
نہ آهي. هاڻي امتحان وٺي فيصلو ٿا ڪريون تہ ڪنهن
جي ڪرپا وڌيڪ آهي. ڀاڳہ سندس اها رٿ مڃي.
ٻيئي هڪ جهونڙي ٻاهران ويا. اتي هڪ غريب ڏنار
ويٺو هو. جنهن اتي ڳانيون ءِ ٻڪريون ويٺي چاريون.
ڀاڳہ (قسمت) چيو "مان هن ڏنار کي پنهنجي ڪرپا
سان راجا بڻايان ٿو جو خود اڻپڙهيل ڳنوار آهي. مور کہ

پيغام موڪليو تہ راجا کي اوهانجي سپرديءَ سان وواه ڪرڻ منظور آهي. وواه جي تياري ٿيڻ لڳي. ڄڃ اچي وئي. واپاريءَ ڏنار راجا کي چئي ڇڏيو جيڪو بہ اچي تہ ان کي هزار هزار روپين جي ٿيلهي ڏيندو وڃي. اهو ڏنار راجا ائين ڪندو رهيو. پهاڙيءَ ۾ لشڪر جا سپاهي آيا. ڏنار- راجا اهي ڏسي ڊڄي ويو ۽ دل ۾ چيائين تہ هاڻي اچڻ مشڪل آهي. ٻڪ ٽي پڪ منهنجي ٻڪرين ڪنهن جو نقصان ضرور ڪيو آهي. پر واپاريءَ اک ڏيکاريس تہ هو چپ ٿي ويو. شادي ٿي وئي شاديءَ کان پوءِ ان ڏنار راجا کي هڪ سينگاريل ڪمري ۾ آندو ويو. جتي بجليون ٿي ٻريون. جهالرون ٿي لٽڪيون. ان ڪمري ۾ ايندي هو ڊڄي ويو. هن ٻڌو هو تہ ڏائڻين جو گهر اهڙو ٿيندو آهي. ايتري ۾ راجڪماري بہ اتي آئي ان کي ڏسندي ئي ڊر جي طاق پٺيان لڪي بيهي رهيو. راجڪماريءَ ڏٺو تہ سندس پتي اتي ڪونهي سو تراس ٿي واپس ماءُ وٽ وئي ۽ هيڏانهن هن ڏنار راجا کي لڱن ۾ ساه ڪو نہ هو. جيئن ئي راجڪماري ڪمري کان ٻاهر نڪتي تہ هيءُ بہ محل ۾ وڃي چرين جيان لڇڻ لڳو.

ڏهن پڌيءَ پاڻہ کان پڇيو "پڌاءِ منهنجي ڪرڻ هاڻي تہ سر ٿي ڪٽي منهنجي ڏنار راجا جو. هو

نه پوءِ مونکي ڏيءُ جو وراهه ان سان يا ان جي پٽ سان ڪرائي ڏي." واپاريءَ چيو اها ڏکي ڳالهه ڪانهي اهو سڀ ڪجهه مان ڪري سگهندس. واپاري سڀ ڪجهه ڇڏي نه ويو پر هئو سڀ ڪوڙ.

اهو واپاري ان شهر مان ٽامي جا ٻاسڻ خريد ڪري هليو. رستي ۾ اهو واپاري هڪ وڻ هيٺان ليٽيو. جتي ڪيس اهو ڏتار مليو هو. هن اهو سامان ان وٽ رکيو. ايتري ۾ اهو ڏتار ٽڪجي ٽهي الڳي آيو. اهو ان ٽامي جي ڳهاڳهر کي وهاڻو ڪري سمهي پيو. واپاريءَ ڏٺو جڏهن ٽامي جي ڳهاڳهر تي مٿو رکي سمهيو پيو آهي اها سوني ٿي وئي آهي. هن ڪسي پيو ڇا ڪندو هو. واپاريءَ پيا رهڻ ٻاسڻ سه ان کي ڇهڻ لاءِ چيو. اهي سه سونا ٿي ويا. واپاريءَ کي هاڻي پڪ ٿي ته ڏتار جڏهن به ٻرڻ کي ڇهي ٿو ته اهو سون جو ٿي وڃي ٿو. واپاريءَ ان ڏتار کي وس ۾ ڪري ڇڏيو. هن گهڻو ٿي سون گڏ ڪيو. هن هڪ قلعو ٺهرايو. لشڪر رکيو. ان ڏتار کي راجا بڻايو. ڏتار ڏٻ وچان سڀ ڪجهه ڪندو رهيو. جڏهن قلعي ۾ فوجي سپاهي آيا تڏهن هو ڏڄي ويو. نه ڪٿي سندس ڳالهين ۽ ٻڪرين ڪڏهن ڪيٽ ۾ گهڙي نقصان نه نه پهچايو آهي. شايد اهي سپاهي ڪيس پڪڙڻ آيا آهن پر واپاري هن کي ڏمڪائي پيو نه هو ڏڄي پيو وڃي هاڻي ان واپاريءَ ان راجا کي

چوٿون ڏينهن :-

منهنجون پيارون ماتائون ۽ سڄڻو!

ٽن ڏينهن کان اوهانجي سيوا ڪري رهيو آهيان، مون ٻڌايو اهو آهي ته سنسار ۾ ڪيئن رهجي؟ ان ۾ سرير ۽ ٻڌيءَ بابت چوندو رهيس. سنسار ۾ ڪيئن رهجي ان لاءِ انهن ٽن ڏينهن ۾ ميدان تيار ڪيو اٿم. جيستاءِ سرير ۽ ٻڌي نيڪ نه آهن تيستاءِ هن سنسار ۾ ڪيئن رهي سگهبو؟ ان ڪري سڀ کان اڳ اهو ضروري آهي ته اسان جو سرير نيڪ هجي ۽ اسان جي ٻڌي ۾ نيڪ هجي.

اڄ مان ان اصلي وشيه بابت ٻڌائيندس ته سنسار ۾ ڪهڙيءَ طرح رهڻ گهرجي. اسان هن سنسار ۾ اچي پنهنجو آدرش ڪيئن حاصل ڪري سگهنداسين. اها ڳالهه اڄ کان چوڻ شروع ڪندس. ان لاءِ يجر ويد جي چاليهن اڌيايه جي پهرين منتر جنهن کي ويدانت جو پهريون شبد به چوندا آهن اهو اشوپنشد جو پهريون منتر به آهي. اهو اسان جي رهنمائي ۾ ڪندڙ آهي. جنهن ۾ چار ڳالهيون چيون ويون آهن. اهي چار ڳالهيون اسان کي ٻڌائن ٿيون ته سنسار ۾ ڪيئن رهڻ گهرجي.

-: پهرين ڳالهه :-

هن ساري سنسار ۾، ان جي هر جزي ۾ پرماتما سمايل آهي. اهو پرماتما جو سچدانند سروپ آهي. سو

موڪلي آهي. ڇٽين نہ. مان ڪيس پنهنجي ڪرپا سان سگهي اٿاري ڇڏيان.”

ان ڪري چوان ٿو ٻڌي هڪ مکيہ آڌار آهي اها ئي سڀ ڪجهہ آهي.

هاڻي وقت ٿيو آهي. باقي سڀاڻي ...

ڏسڻ لاءِ ٻه اکيون کپن. جيڪڏهن ڪو انڌو اهو چئي
ته مونکي سج ڏيکاريو ته ان کي پنهنجن اکين جو علاج
ڪرائڻ گهرجي. ڊاڪٽر وٽ وڃي آپريشن ڪرائڻ
گهرجيس. تڏهن اهو سج جو درشن ڪري سگهندو.
پر انڌي کي اکيون ڪونهن ان جو مطلب اهو ڪونهي
ته سج آهي ئي ڪونه. سج ته آهي پر ان کي ڏسڻ
لاءِ اکيون گهرجن. اهڙي طرح ڀڳوان آهي پر ان کي
ڏسڻ لاءِ اکيون گهرجن. اوهان چوندا اسان کي ٻه
سٺيون سڄيون ويڙهيون اکيون آهن. جنهن سان سڀ
ڪجهه ڏسي سگهون ٿا. سواءِ پرماتما جي ٻيو سڀ
ڪجهه نظر اچي ٿو. پوءِ ان پرماتما کي ڏسڻ لاءِ
ڪهڙيون اکيون گهرجن؟

ڀڳوان کي ڏسڻ لاءِ اهي عام رواجي اکيون نه گهرجن.
ان کي ڏسڻ لاءِ اندريون اکيون گهرجن ٻاهريون نه.
گيان جون، انتر آتما جون، من جون اکيون نه گهرجن.
ڇاڪاڻ ته اهي اندر آهن ٻاهر ڪونهن. ٻاهر ته صرف
ان جي ليلا آهي. ان ليلا کي ٻاهرين اکين سان ڏسي
سگهجي ٿو. بيابان، سمنڊ، چشما، جهنگل، بن، باغ،
برف سان ڇانيل پربتن جون چوٽيون. وهندڙ نديون
اهي سڀ ان جي ليلا آهن. جيڪڏهن ان کي ڏسڻ
چاهين ٿو ته ٻاهريان ڪن، اکيون بند ڪري پنهنجي
اندر ۾ جهاتي پاءِ. ٻاهر کي ڀلجي وڃ. اندرين اک کولي

انترجامي آهي. اجر، امر، پوتر آهي. جو هر هنڌ حاضر ناظر آهي. سڀني جو ڀلو ڪندڙ آهي. جنهن ساري برهمانڊ جي رچنا ڪئي آهي. اهو ئي ڪنهن وڪار جي سبب ڪان مٿي ۽ سڀني جو آڌار ۽ سڀني جو سوامي آهي اسان کي ڀاڳ ۾ پورن وشواس هئڻ گهرجي. ته هو هر جاءِ موجود آهي ۽ اهو جو ڪجهه ڪري ٿو اهو سنسار جي لاءِ جيو آتما جي ڪلياڻ لاءِ ڪري ٿو. اهو پالڻهار آهي. تارڻهار آهي. هو سڀ ڪجهه آهي. جنهن جي هرديه ۾ اهڙو پڪو وشواس ٿي ويو ته پوءِ ان لاءِ سنسار ۾ ڪو ڏک ڪونهي. اسان جي هرديه ۾ پربو لاءِ شرڌا هئڻ گهرجي. وشواس هئڻ گهرجي. ته پوءِ نه ڏک آهي نه ڏڪار آهي ۽ نه ڪو ڀؤ آهي.

پر اڄ ٿي ڇا ويو آهي؟ سنسار ان کي ڀلائي ويٺو آهي. ان ۾ ڪو وشواس نه رهيو آهي. جڏهن اهڙي مهان شڪتيءَ کي ڀلائي ڇڏيو سين ته پوءِ اسان جو ڪلياڻ ڪيئن ٿي سگهندو؟ گهڻا چون ٿا ته اهو ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي ته پوءِ ڪيئن اعتبار ڪريون ته هو آهي يا نه آهي. جيستائين اهو گيان نه هوندو ته هو آهي نه وشواس ڪيئن جمندو ڀلا چون ٿا ته اهو ڀڳوان ڏيکاريو ته پوءِ مڃون. اهي بار بار ائين چون ٿا ته ڀڳوان اهو ڏيکاريو اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر ان لاءِ اکيون گهرجن. ڪجهه به ڏسڻ لاءِ اکين جو ضرور ڪم ٿئي ٿو. ڀڳوان

سنڌس پٽ چپ رهيو. ٻئي ڏينهن هو ڪاليج ويو. اتي ڪي رنگ رکيا هئا. هن هڪ ڪاغذ کنيو. هن انهن رنگن سان هڪ سندر چٽر ڪڍيو. اهو کڻي گهر آيو ۽ رات جو اهو چٽر کڻي پيءُ جي ڪمري ۾ رکي آيو. صبح جو جڏهن سنڌس پتا اٿيو ته امالڪ سنڌس نظر ان چٽر تي وڃي پيئي. هن پڇيو اهو چٽر اتي ڪٿان آيو؟ ڪنهن ٺاهيو آهي هيءُ چٽر؟ سنڌس پٽ آيو ۽ چيو "بابا هيءُ چٽر پاڻ ٺهي ويو آهي." سنڌس پتا چيو "اڙي مورک! اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ پاڻ ڪيئن ٿو چٽر ٺهي سگهي؟ پٽ چيو گرمي ۽ شڪتي (Heatand Energy) سان ڪاغذ ۾ شڪتي آئي ۽ اهو اڏاميو ۽ رنگن جي پرسان وڃي ويٺو. پوءِ رنگن ۾ گرمي اچي ويئي ۽ پوءِ ٻئي پاڻ سان مليا ۽ هي چٽر ٺهي ويو. پيءُ چيو اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ منهنجو پاڻ چٽر ڪيئن ٺهي ويندو. ان کي ضرور ڪنهن ڪڍيو هوندو.

پٽ چيو "جڏهن اهو ننڍڙو چٽر پاڻ نٿو ٺهي سگهي، شڪتي ۽ گرمي ان کي پاڻ نٿيون ٺاهي سگهن ته پوءِ هي ساز، هيڏا وڏا چٽر، ڪيئن صرف گرمي ۽ شڪتيءَ سان ٺهي سگهن ٿا؟ جڏهن هن ننڍڙي چٽر جو ڪو ٺاهيندڙ آهي ته پوءِ هيڏي وڏي چٽر کي به ڪو ٺاهڻ وارو هوندو.

يعني گيان چڪشوءَ سان ان کي ڏس تڏهن اهو توکي نظر ايندو.

هو هر جاءِ موجود آهي پر ان جو درشن اندر ۾ ٿي ٿيندو آهي. ڀڳت ۽ ڀڳوان ٻنهي جو ميلاپ ڪٿي ٿئي ٿو. ان لاءِ ويد جو منتر آهي ته پرماتما هرديه جي غفا ۾ وينل آهي.

هڪ ناستڪ وچارن وارن جو پٽ هو. سندس پٽ آريه سماج جي ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ پريو ۾ پورو وشواس هوس. پٽ ڪاليج ۾ سائنس جي وشيه ڪنٿين هئي. خوب پڙهندو هو. پريات جو ڪلاڪ اڌ پريو ڀڳتيءَ ۾ گذاريندو هو. پٽس چيس "تو سائنس ڪنٿين آهي ان لاءِ خوب ٿي تياري ڪر. هيڏانهن هوڏانهن وقت نه وڃاءِ." پٽ چيو "مان ته چڱيءَ طرح تياري ڪريان پيو. پر ڀڳوان جو ڀڄن به ته ضروري آهي. ان سان منهنجي اندر ۾ آتم وشواس وڌندو رهي ٿو. اندر ۾ شانتي ۽ ملندي رهي ٿي. لڳندو آهي اهو پرماتما اندر ۾ لڪو وينو آهي ۽ منهنجي مٿان سندس ڇٽڪ ڇانو آهي ٿي." سندس پتا چيو "اهو آهي ڪٿي. تون سائنس پڙهي ۽ اهڙيون اجايون ڳالهيون پيو ڪرين تون سائنس ڄاڻين ٿو. توکي خبر آهي ته هر هڪ شيءِ گرمي ۽ گتي (Heatand Energy) سان ٿهي آهي. پوءِ ڀڳوان ڇا جو؟ پلا ٻڌاءِ اهو ڪٿي آهي؟ ان وقت

راجا کي پنھنجي وزير جا اهي لفظ ٻڌي عجب لڳو ۽ ڪاوڙ به آئي ۽ چيائين "تون نه هڪ عجيب انسان آهين. منھنجي آڱر ڪٽجي ويئي آهي ۽ ان ڪري سخت سور آهي ۽ تون چوين ٿو ته ان ۾ به ڪا ڀلائي آهي. ان ۾ منھنجي ڪھڙي ڀلائي آهي؟" وزير چيو "مھراج! اوهان غصي نه ٿيو. مان جو ڪجھه چوان پيو سو صحيح آهي. ڀڳوان سدائين منش جو ڪلياڻ ڪندڙ آهي."

راجا کي منش وڌيڪ غصو آيو هن وزير کي ڪڍي ڇڏيو. ۽ پاڻ اڪيلو اڳتي وڌيو هلندي هلندي راجا هڪ ٻئي ملڪ ۾ اچي ويو. ان ڏينهن ديويءَ تي منش جي ٻلي چاڙهڻي هئي. جيئن ئي راجا ان شهر ۾ گھڙيو ته ان راجه جي ماڻهن کيس ڏٺو ۽ خوش ٿيا. چوڻ لڳا ته ديويءَ لاءِ ٻلي ملي ويئي. ان راجا کي پڪڙي وٺي ويا. ٻلي ڏيڻ کان اڳ جنھن جي ٻلي ڏني ويندي هئي ان کي سنان ڪرايو ويندو هو ان راجا کي به سنان ڪرايو ويو. جڏهن سنان ڪرايو پئي ويو ته ديويءَ جي پوڄاريءَ راجا جي آڱر ۾ پٽي ٻڌل ڏٺي ۽ يڪدم چيو "هن جي ٻلي نه ڏبي ڇاڪاڻ ته هن جو هڪ انگ (آڱر) وڍيل آهي. اهڙي ماڻهوءَ جي ٻلي نه ٿي ڏئي سگهجي." ان کي ڇڏيو ويو. تڏهن راجا کي ويچار آيو ته وزير جي ڳالهه ته برابر لڳي.

اهو ٻڌي سندس پتا چپ ٿي ويو. ۽ پوءِ ڪيس مڃڻو پيو ته هن برهمانڊ جو ناهيندڙ به ڪو آهي. ان کي اسان پرماتما چئون، خدا چئون، گاڊ چئون يا ٻيو ڪو نالو ڏيون پر ڪو آهي ضرور.

ماڻهو چون ٿا ته اسان کي سمجهايو ته پرماتما ڪهڙي نموني آهي. پر اهو ائين سمجهه ۾ نه ايندو. اهو دليلن وغيره سان سمجهه ۾ اچي ته پوءِ پرماتما ڇو چئون؟

ٻڌي اسان کي ان جي دروازي تي پهچائي سگهندي ته پوءِ ان کي سمجهه ۽ جاچ. ان جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. ان جو درشن ئي ان جو بيان آهي. ان تي اعتقاد رکو ته آهي ۽ ويد ڀڳوان چوي ٿو ان کي پائڻ بنا سک ڪونهي. جيستائين ان کي حاصل نٿا ڪريون تيستائين اسين ڪجهه به نٿا ڪري سگهون. اڄ سنسار ان کي ڀلجي ويو آهي. ان ۾ ڪو وشواس نه رهيو آهي. اهو ته ڪلياڻڪاري آهي. جو به ڪري ٿو اسان جي ڪلياڻ جي لاءِ ڪري ٿو.

هڪ راجا ۽ وزير جي ڪٿا ٻڌايان ٿو.

هڪ دفعي راجا وزير سان گڏ هڪ جهنگل ۾ ويو. هڪ هنڌ راجا جي آڱر ڪٽجي وئي. رت وهڻ لڳو. سور به تيز لڳس. وزير يڪدم هڪ ڪپڙو ڪڍيو. اهو ڦاڙي ۽ پاڻيءَ ۾ پسائي اهو ان تي ٻڌو. پٽي ٻڌندو رهيو ۽ چوندو رهيو ته ان ۾ به ڀڳوان ڪا ڀلائي ڏٺي هوندي

ته، اهي خيالي ڳالهيون ڪوڙيون. اهي هڪ حقيقت آهي. پريو ڪڏهن نقصان نٿو ڀوڳائي. ٽامي جي تار ۾ بجلي ڊوڙي ٿي. خالي ٽامي جي تار ۾ بجلي چڙهيو اها ان جي جزي جزي ۾ ڦهلجي وڃي ٿي. ته ڇا ان ڪري ٽامي جي تار کي نقصان پهچي ٿو؟ ڪڏهن به نه. پريو سڀ ڪنهن لاءِ آهي. جيو آتما جي ڪلياڻ لاءِ آهي. پريوءَ هي سنسار ان لاءِ جوڙيو آهي ته جيڪي جيو، جيڪي آتمائون، ان کان وڇڙي ويئون آهن سي هن ڪري ورڻي اچي گڏجن. هو پرم پالڪ آهي تارڻ وارو آهي. مارڻ وارو ناهي.

ڪٿي ماڻهو پڇن ٿا ته ڀڳوان ڪٿي ٿو رهي جنهن اسان ڪيئن ملي سگهون. ويد جي هڪ منتر ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڀڳوان ان نگريءَ ۾ رهي ٿو جنهن ۾ اٺ چڪر آهن، نو دروازا آهن- هر هڪ دروازي لاءِ سي پهريدار آهي. پرڪاش سان ڀريو ڀرپور هرديه ڪوش ۾ ڀڳوان رهندو آهي. اتي ئي سندس درشن ٿي سگهي ٿو. اها نگري ڪٿي آهي؟ اوهان ڪڏهن اها نگري ڏٺي آهي؟ اها نگري ٻي هنڌ ڪونهي اتي ئي آهي. اها مٿي کان وٺي پيرن تائين سرير نگريءَ ۾ آهي. ان ۾ نو دروازا آهن. ٻه اکيون، ٻه ڪن، ٻه نڪون، هڪ وات، هڪ مول ۽ ٻيو آستان. هن جا نو دروازا آهن هر دروازي تي هڪ ديوتا چوڪي ڏيو

اڄ جيڪڏهن ان راجا جي آڱر ڪٽيل نه هجي ها ته سندس جان ئي هلي وڃي ها. ان ڪٽيل آڱر سندس حياتي بچائي ورتي. هو واپس پنهنجي ملڪ ۾ آيو. وزير جي ڳولها ڪيائين. جڏهن وزير مليس ته ان کان معافي ورتائين. هن سڀ ڳالهه ڪري ٻڌايس. وزير چيو "ڀڳوان سدائين ڪلياڻ ڪندڙ آهي. ان ۾ پورن وشواس رکو."

راجا وزير کان پڇيو "منهنجو ته ڪلياڻ ٿيو پر تنهنجو ڪهڙو ڪلياڻ ٿيو؟ وزير چيو راجن، مونکي به وڏو لاڀ مليو. اگر توهان مونتي ڪاوڙ ڪري ڇڏيو نه ها ته الي اوهان جي بدران مون سڄي يعني سڄي انگن واري جي ٻل چاڙهي وڃي ها. اهو نيڪ ٿيو جو توهان مونکي پاڻ کان الڳ ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي جان بچي وئي.

اهو آهي ڀڳوان ۾ اٽوٽ وشواس. اهڙن شخص کي ڪڏهن به ڏک نٿو ستائي. اسانکي ڪرم ڪرڻ گهرجي نتيجو ڀڳوان تي ڇڏڻ گهرجي. اسان ڪرم ڪريون ڦل پرڀو ڏيندو ۽ وشواس رکو هو ڪڏهن به اسانجو برو نٿو چاهي. اسانجو ڀلو ئي ڪندو. جنهن جي دل ۾ اهو وشواس پيدا ٿي ويو اهو ڪڏهن به دکو نٿو کائي سگهي.

ماڻهو چون ٿا ته اهي سڀ جزباتي ڳالهيون آهن. پر

شرڌا ٻنهي ڳڻجي وچن ته سمسار جو ڪلياڻ ٿي وڃي.

'Wisdom is the lamp of love and love is the oil of the lamp.'

ان ڪري پنهنجي اندر ۾ ٻنهي سان گڏو گڏ شرڌا ۽ وشواس پيدا ڪريو.

هڪ دفعي بادشاه اڪبر ڪيڏانهن وڃي رهيو هو رستي ۾ نماز پڙهڻ جو وقت آيو. وزير کي چيائين. نماز جو آسڻ پٿاريائين ۽ نماز پڙهڻ ويٺو. هيڏانهن هڪ استري پنهنجي پتيءَ جي انتظار ۾ ويٺي هئي. سندس پتي صبوح جو ويل راست لاءِ ڪونه آيو هو. پتيءَ کي چنتا ٿي پيئي. اُٿي ٿي ويئي. پتيءَ کي ڳولهڻ لاءِ نڪتي. هوءَ پتيءَ جي ڳولها جي ڌيان ۾ ايترو لـ مهو هئي جو اڪبر بادشاه جي نماز واري آسڻ تان پير رکندي لنگهي ويئي. اڪبر ڏٺو ۽ چيائين "وڏي بي ادب استري آهي. ڏسي به نٿي نماز جي آسڻ تي پير رکندي اڳتي وڌندي پيئي وڃي." هوءَ پتيءَ جي ڳولها ۾ مگن هئي ڪالهس ڪجهه سمجهيو ڪونه ٿي. هوءَ اڳتي وڌندي هلي ويئي. پنهنجي پتيءَ کي ڳولهي جڏهن واپس آئي ته رستي ۾ اڪبر مليس. بادشاه کيس روڪي پڇيو "تون ڪهڙي نه مورک عورت آهين جو اهو به نٿي ڏسين ته ڪيڏانهن ۽ ڪٿان ٿي لنگهندي وڃان؟ تون منهنجي نماز جي

ڏني اکين سان ڏسڻ، ڪنن سان ٻڌڻ، مک سان واڻي اهڙيءَ طرح اٺ چڪر آهن. (١) مولاڌار چڪر (٢) سواڌشٺان چڪر (٣) مڻي پور چڪر (٤) هردئه چڪر (٥) اناهت چڪر (٦) وشدي چڪر (٧) آگيا چڪر (٨) سهسرار چڪر.

ان ۾ گهڙڻ سان اوهان کي سرڳ نظر ايندو. ٻاهريان دروازا بند ڪرڻ ۽ پوءِ اوهان کي آتما ئي آتما نظر ايندي. اڃان به سمجهه ۾ نه اچي ته هتي سنسار ۾ جيتريون به شيون آهن سڀ ڏسو اهي الڳ ظاهر ضرور نظر اينديون. انهن ۾ جيترا گڻ آهن اهي سڀ گڏ ڪريو. گڏهن هڪ شڪتي نظر ايندي. اهو پرماتما آهي. ان جو نالو ڀڳوان آهي من ۾ وشواس پيدا ڪريو، پڪو وشواس. پوءِ ڏسو ته ڀڳوان آهي يا نه.

پيارا، شردا، ڀڳتي ۽ وشواس ته آهن ئي ڪونه. صرف دليل بازيءَ جي پٺيان ڊوڙي رهيا آهن. جيستائين شردا ڪانهي تيستائين دليل ڪنهن ڪم جا ناهن. دليل بازي ڪريو گڏوگڏ شردا ۽ وشواس به پيدا ڪريو. يڪتيون ڪم اٿيون اچن اهڙي طرح وشواس به ڪم اٿو اچي. مان ته چوان ٿو آريه سماجين وٽ فقط تڪ ۽ دليل بازي آهي ۽ سناتن ڌرمين وٽ فقط شردا ۽ وشواس آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ٻنهي کي ملايو وڃي. ٻنهي کي گڏوگڏ هلايو وڃي گيان ۽

اُون نہ ليلان خاطر جھنگلن ۾ ڦرين ۽ ڪڏھن نہ قسمت جي ڪشٽ جي پرواه ڪانہ ٿي ڪرين ۽ هاڻي هن لشڪر کان ٿُو ڊڄين." مجنوءَ چيو "مان لشڪر کان ڪو نہ ٿو ڊڄان. هي سڄو مھنجو ناهي ان جي هڪ هڪ انگ ۾ هڪ هڪ ناڙي آهي. هڪ هڪ جزي ۾ ليلان موجود آهي. ۽ ڊاو ان لاءِ آهيان جيڪڏهن اوهان لشڪر هڻندا تہ اها مولڪي نہ ليلان کي لڳندي. ان کي درد ٿيڻ کي ڏيان نہ رکي ٿو ڊڄان.

ڀڳوان جي لاءِ جڏهن اسين سڀ هڪ جان يعني هڪ سڄي ٿي وڃون ان ٿي پورن وشواس جمي وڃي تڏهن ان جو درشن ٿيندو. اها ڪا سؤلي ڳالھ ڪانهي ڏاڍي اوکي ڳالھ آهي. ٻہ ڳالھيون آهن ان لاءِ هو پري کان پري بہ آهي تہ ويجھي کان ويجھو بہ. اهو آهي بہ نہ بہ آهي اهو نظر اچي بہ ٿو، نہ بہ نظر اچي ٿو. اوهان چوندا اها وري ڪھڙي ماجرا آهي؟ هڪ ئي وقت ٻہ ڳالھيون ڪيئن؟ سي بہ هڪ ٻئي جي اُبتڙ!!

نہ پوءِ اهو ڪم ڪيئن ٿئي؟ اسين پرماتما کي پايون نہ ڪيئن پايون؟ ان جي لاءِ بهتر آهي تہ ان جي پيار ۾، ان جي ڀڳتي ۾، ان جي ياد ۾، پنھنجي دل ۽ دماغ هڪ ڪريو يعني وچار ۽ ڀاو هڪ ڪريو. اٿندي وهندي، ڪم ڪندي، سمھندي جاڳندي، گھمندي ڦرندي هر وقت ان ۾ لين ٿي وڃو. هر گھڙي هر پل

آسڻ لاءِ پير رکي لنگهي وئي ۽ هيٺين جڏهن مان نماز ٿي پڙهي. تڏهن هن چيو —

منهنجي اندر منهنجي انگ انگ ۾ لـ منهنجي پتيءَ جو ڌيان سمايل هو. ان جي ڳولها ۾ مان پيو ڪجهه نظر نٿي آيو. نه پيو ڪجهه سجهيو ٿي نه پوءِ اوهانجو اهو نماز جو آسڻ ڪيئن نظر ايندو ۽ ڇو وهان خدا ۾ ڌيان ڪيئن لڳايو هو جڏهن مان توهان کي نظر آيس؟

ان ڪري جڏهن کي اوهان ڳولهيو ٿا ان کي پنهنجي اندر ۾ ڳولهيو. ان کي روم روم ۾ سمائي ڇڏيو. ان جا ٿي وڃو. جيستائين ڀڳوان لو هاڻي من ۾ سمائجي نٿو وڃي تيستائين ان جي ڳولها ڪيئن ٿا ڪري سگهو؟ جنهن جي دل ۾ ڀڳوان جي لاءِ پيار جاڳي ٿو ان جو من ۽ بدن ڪڏهن به دکي نٿو ٿئي سندس بدن ۽ من ٻئي هڪ هنڌ اسٿر ٿين ٿا.

ليلان ۽ مجنوءَ جي ڪٿا ته اوهان ٻڌي آهي. ليلان بنان مجنو دکي هو، اداس هو، مستانو هو. بيمار ٿي پيو هو. سندس سرير ۾ ڦوڦيندا نڪري پيا هئا طبيبن ڏٺو ته چيو ”جيستائين هن جي نارڙيءَ مان گندو رت نه ڪڍيو ويندو تيستائين هن جا ڦوڦيندا نه لهندا. طبيب نشتر ڪڍي آيو جنهن سان رت ڪڍڻي هئس. مجنوءَ جا هٿ پڪڙا ويا. نشتر ڪڍي ويٺي. تڏهن مجنو ڏکي ويو. تڏهن جراح چيو ”واه ڙي مجنو!

پوي ٿو. گهڙي لڳ اچبو ٿي وڃي. تڏهن سپنا نٿا اچن. جڏهن من سمهيل آهي تڏهن سپنا ڪٿان ايندا؟ ان ڪري سشپت اوستا چئون ٿا. ان وقت آتما ۽ پراڻ جاڳن ٿا. اهڙي گهڙي لڳ کي اسين چئون ٿا آنند جي ننڊ. اها ڳالهه ڪير چوي ٿو؟ من سمهي پيو ته پوءِ ڪير ٿو بولي ته آنند جي ننڊ آئي ڪڏهن اها ڄاڻ ڏئي؟ اها ڳالهه آتما چوي ٿي ته آنند جي ننڊ آئي. ان جو انڀؤ آتما کي ٿئي ٿو. ان حالت ۾ اسين ٻاهرين وشين، سنسار، قدرت کان ۽ پنهنجن ڪرم ڪارين کان الڳ ٿي وڃون ٿا. اهڙي گهڙي هر روز اچي ٿي.

هڪ دفعي مهراج جنڪ رشي ياگيه ولڪيه کان پڇيو ”اها ڪهڙي جوتي آهي جيڪا اسان کي مارگ ڏيکاري ٿي؟“ ياگيه ولڪيه جواب ڏنو ”سج جي پرڪاش سان سڀ ڪم هلن ٿا.“ مهراج جنڪ چيو ”جڏهن سج نٿو رهي تڏهن؟“ ياگيه ولڪيه چيو ”چندرما.“ جنڪ چيو ”چندرما نه آهي. اماس جي رات آهي تڏهن؟“ جواب مليو ”اگني گرمي ڏيئي ڪارج ڪري ٿي.“ وري مهراج پڇيو ”جيڪڏهن آگ به نه رهي ته؟ ليل ڪانيون نه ملن تڏهن؟“ ياگيه ولڪيه چيو، ”تڏهن ڏولي (آواز) مارگ ڏيکاري ٿو. جيئن ڪو گهور انڌڪار ۾ وينڊو هجي. جن ۽ مارگ نظر نٿو اچي تڏهن اهو شخص زور سان آواز ڪندو ته مان ڪيڏاهن

ان جو ڌيان ڪريو. پر اوهان پنهنجو فرض نہ ڀلجو.
پنهنجا ڪم بہ ڪندا رهو؛ ان ۾ من بہ لڳائي رکو.
فرض کان ڀڄڻ نہ پئو. فرض بہ ايترو ضروري آهي
جيتري ڀڳوان جي ڀڳتي.

اکيون بند ڪري، ٻاهريان دوار بند ڪري، ٻاهرين
قوتن کان فارغ ٿي ڪجهہ وقت جي لاءِ پريوءَ ۾ ڌيان
لڳايو. ان ڌيان مان ڪو لاڀ ڪونهي جڏهن ۾ اوهان
جون اکيون بند هجن پر ڌيان آهي ٻاهرين قوتن ۽ ڪمن
۾ لڳل. نوڪريءَ طرف يا ٻارن ٻارڙيءَ طرف لڳل.
ڪا فرصت اهڙي ڪڍو جڏهن سنسار جي جهيڙي کان
پري هٽي ٻاهرين سکن کي هڪ پاسي رکي ڀڳوان ۾
ڌيان لڳايو. رواجي طرح روزانو ائين ٿيندو آهي.
هرڪو پنهنجي زندگي کان ٿوري وقت جي لاءِ پري
ٿي وڃي ٿو. ٻڌايو ڪڏهن؟ ... جڏهن اسين سمهون
ٿا. اسان جا ٻاهريان دوار بند ٿي وڃن ٿا. تڏهن من وشد
چڪر ۾ هليو وڃي ٿو. اتي وڃي اهو سڀ ڌنڌا ڪري
ٿو. سنسار ۾ جو سارو ڪاروبار ڪري ٿو. ان وقت ئي
ڳالهيون ڪرڻ کن ٿيون. ڦڙيون آتما، بيو پراڻ ٿيون
من. هردي ۾ من پنهنجو سنسار ناهي ٿو. پراڻ ڪجهہ
بہ اتو ڪري اهو نہ منش جي سوارٿ سيوا ڪري
ٿو. ان کي ڪجهہ نہ گهرجي هو ڪجهہ اتو گهري.
ان جي سمهي وچ سان ٿوري دير لاءِ من بہ سمهي

ٿا برهم لوڪ ۾ پر اسانکي آتما جي سروپ جي خبر
ڪانهي. ان ڪري سڀاڻو سين ڪولا نہ پوءِ اسان موٽي
ٿا اچون. ان جو آنند حاصل ڪري نٿا سگهون پڻ،
ان اوهان کي ان جي وڏي پڌايان ٿو.

هڪ آسڻ ۾ ويهي چوڻ پرڻ جي مشڪل ٿيي ويندي
رهو. اکيون بند، ڌيان آگيا چڪر ۾. انهي ڪوئي
پرڪاش يا اوم ڌسڻ جي ڪوشش ڪريو. چڱي ابياس
ڪان پوءِ توهان کي هڪ سندر جوتي ازخود ظاهر
ٿيندي. ان ڪان پوءِ ٿيا ڪرڻو آهي اهو پون سان ملي
ڪرتي ڪريو. ديا، سپرش، ديا پرڪاش، ديا ناد
ڪان پوءِ اها جوتي هردي ۾ داخل ٿيندي. جتي انام
سوکيم ڇهہ منڊل آهن.

[١] جيو منڊل [٢] چت منڊل [٣] اهنڪار منڊل
[٤] سوکيم پراڻ [٥] پرڪرتي [٦] برهم منڊل. اها
اوستا ڇهن منڊلن کي پوري ڪري چڙهندي. باقي ٻہ
منڊل وڃي رهندا. جيو منڊل ۽ برهم منڊل پرماتي ۽
پريتم لڌهن ملندا جڏهن اهي ٻئي ملي وڃن ٿا. جتي
ساڻ يا ايڪا نہ، ڌڪار نہ، وڇڙ نہ، دشمني نہ. ڪام
ڪروڌ، لوڀ موهہ اهنڪار نہ آهن. اها ڪريا جيڪا
مون پڌائي ڪا سؤلي ڪانهي. ان اوستا جي پهچڻ
لاءِ ويهہ ورهيہ لڳي وڃن ٿا.

هڪ دفعي مان هنومان روڊ لڳين دهلي ۾ ڪٿا

وڃان؟ نه ٻئي طرف کان آواز ايندو مون ٻڌو ٿي
ويندو اوڏانهن وڃ." جنڪ چيو "جڏهن اهو آواز نه
اچي ٿي تڏهن؟" رشيءَ چيو "تڏهن آتما ئي روشن
آهي." جنڪ مهراج چيو "اها آتما ڇا آهي؟" رشيءَ
چيو "جا هردي ۾ پراڻن سان ڍڪيل روشني آهي اها
آتما آهي."

پوءِ اسين ان آتما کي ڄاڻون ڇو نه ٿا؟ جيئن ان
ان کي هرڪو نٿو سمجهي سگهي ته جنهن ڌرتيءَ تان
اسين هلون پيا ان جي هيٺ اندر ڪهڙا ڌاتو آهن؟
پر هڪ ڄاڻو جنهن کي زمين جي اندرين ڳالهين جي
ڄاڻ آهي اهو زمين ڏسي ٻڌائي سگهندو آهي ته ان
اندر لوهه آهي يا ڪوئلو يا سون. اهڙيءَ طرح هر هڪ
جيڪو ان سنهپڻ اوستا يا برهم لوڪ ۾ وڃي ٿو اهو
نٿو ڄاڻي ته اها آتما آهي. ان کي اهو سڃاڻي نٿو.

مونکي سچر صاحب سان ملڻو آهي ته مان ان جي
ڀيڻ اندرين پڇندس. ان جو رنگ روپ ۽ قد قامت
پڇندس. اهو پڇي مان راڄ ڀون ۾ ويس. اتي خبر
ملي ته هو ڪٿا ٻڌڻ ويو آهي. مان ڪيس ڪٿا واري
هنڌ ڳوليندس ڇاڪاڻ ته خبر آهي ته سندس قدامت يا روپ
رنگ ڪهڙو آهي پر جيڪڏهن ان جي منهن اکين
وغيره جي خبر ڪانهي ته پوءِ ان جي پرسان لنگهي به
ان کي سڃاڻي نه سگهندس اهڙيءَ طرح اسين وڃون

ڪيو تڏهن هو ٻهڳد رلو هو. هن کي خبر هئي ته موت اوس اچڻو آهي ۽ ڪنهن به مرڻو آهي. مول شنڪر پڪو سنڪلپ ڪيو ته هو سچي شوءَ جي ڳولها ڪندو. ماءُ پيءُ جڏهن ڏٺو ته سندن پٽ هٿن مان نڪرندو ٿو وڃي تڏهن هن کي ٻنڌڻن ۾ ٻڌڻ چاهيو. گرهست جي زنجيرن ۾ جڪڙڻ چاهيو. ۽ يوجنا ٺاهي ته ڪيس شادي ڪرائي وجهي. ووراهه سنسڪرت جو شبد آهي. وي = وشيش (خاص) ۽ واهه = وهڻ (بوجهه). يعني خاص بوجهه يا بار کڻڻ. سو ماءُ پيءُ سوچيو ته هن لاءِ اهو بوجهه رکون ۽ ان ڪري هو ڪيڏانهن نه ويندو. ووراهه جون تياريون ٿيڻ لڳيون. تڏهن ان رات جو مول شنڪر سوچيو ته جيڪڏهن هاڻي ان مان ڇوٽڪارو نه حاصل ڪيو ويو ته هو سچي شوءَ کي ڪڏهن اصل نه ڪري سگهندو. هن جي اندر ۾ هڪ نئي لڳن لڳل هئي، اها هئي سچي شوءَ جي سچي لڳن. ان اڌ رات جو هو گهر جا سڀ سک ڇڏي سچي شوءَ جي ڳولها لاءِ نڪتو. نربدا نديءَ جي ڪناري تي پهتو. اتي سادن وٽ ويو. انهن کي ڇيو مولکي سچي شوءَ جو درشن ڪرايو. هڪ هڪ ڪنهن ۾ هو ويو. هڪ هڪ سادوءَ کان هن پڇيو. ڪيس اهو نئي جواب مليو اڀياسا ڪر ۽ هٺ يوگ ڪر. يوگ جون ڪريائون پوريون ڪر. تياڳ ڪر. ٻيو سڀ ڪجهه ڇڏي ڏي. تڏهن درشن

ڪري رهيو هوس ته اتي سڀ پرڀوءَ کي ياڻڻ لاءِ مون ٻڌايو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو ٩ بجي مون وٽ هڪ جينٽلمين آيو ۽ اچڻ سان پڇيائين ”ڪالهه اوهان تسي ڪتا ڪري رهيا هئا نه؟“ مون چيو ”هائو“ هن چيو مونکي جلد وڃڻو آهي. آفيس جو ٽائيم ٿي ويو آهي. مونکي هاڻي جو هاڻي آتم درشن ڪرايو. مون چيو، ”ايترو جلد ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“ هن چيو ”واه! هي وڳڻ جو يگ آهي. بٽڻ دٻايو ناهي بلب ٻريو ناهي ۽ روشني ٿي ناهي ڇا اوهان اهڙي ڪا ايجاد ڪانه ڪئي آهي.

مون چيو ”مان ته اوهان کي درشن ڪرائي سگهان ٿو. پر اهو بلب ڪيئن ٿو ٻري؟ ان لاءِ پهرين بجلي گهر ٺهرائڻو پوندو. پاور هائوس ٺهي ويو ان کان پوءِ ان بجلي گهر کان هن بلب تائين بجليءَ جون تارون کپن. بجلي تارون فٽ ٿين ان کان پوءِ بٽڻ دٻايو وڃي تڏهن بلب ٻرندو. تون پهرين ان پرماتما کي پاور هائوس ٺهراءِ پوءِ اتان پاڻ تائين تارون ڇڪاءِ ۽ پوءِ مون وٽ اچ. پوءِ مان بٽڻ دٻائي آتم درشن ڪرائيندس.“ ماڻهو چون ٿا ته سڀ ڪجهه ٻن منٽن جي علي.

شو راتريءَ جو جڏهن مول شنڪر ڏٺو ته ڀيڻ مري ويئي آهي. تڏهن هو رئو ڪونه. جڏهن هن کي پياري چاچي ۽ چاچيءَ جنهن گهڻو پيار ڪيو هو. اهو چالاڻو

ڪڏهن به سنڪٽ نه ايندو. اهو هر هنڌ ڀڳوان کي ڏسي ٿو. هر شيءِ ۾ کيس ڀڳوان ئي نظر اچي ٿو. پرهلاد کي پڇيس ”اڙي پرهلاد! وهم ۾ پئجي ويو آهين.؟“ پرهلاد چيو ”ڀڳوان جو سمرڻ ڪريان ٿو.“ ان جو ٻالڪ وتان ٿو“ پيءُ چيو ”مورک، ڀڳوان ته مان آهيان. منهنجي پوڄا ڪر منهنجو ٻالڪ وٺ.“ پرهلاد چيو ”هي سڀ اوهان ڏنو آهي اهو اوهان پاليو نپايو آهي. اهو وٺو به اوهان ٿي. مورک پيءُ اها ڳالهه نه مڃي. کيس پهاڙ جي چوٽيءَ تان هيٺ ڪيرايو ويو، مست هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙيو ويو، اولهي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪرايو ويو. پرلدز آڳ ۾ اڇليو ويو پر انکي ڪوبه ڏک نه ٿيو، جتي ڪٿي کيس ڀڳو نظر آيو. مست هاٿيءَ ۾ ڀڳوان نظر آيو. هر هنڌ ڀڳوان نظر آيس. هن جي لاءِ مصيبتون نه رهيون.

جڏهن اهڙو وشواس اچي ٿو. تڏهن ان ۾ وشو پريم جي اڳڏي جا گُڻ ڏسڻ ٿي. ان جي لاءِ نه اوچ آهي نه نيچ نه گورو آهي نه ڪارو، نه ڏٺوان آهي نه ٿورڙو ڪجهه به ڀيد ڀڳو رهي انکي سڀ انسان سمان نظر اچن ٿا تڏهن هنکي مدش منش نه پر ڀڳوان جو مندر نظر اچي ٿو. ان مندر جو هو آدر ڪري ٿو ان جي پوڄا ڪري ٿو.

هڪ شو ڀڳت جڏهن هڪ شوالو ڏسي ٿو ته هڪ رام ڀڳت رام جو مندر ڏسي ٿو ته ڪرشڻ ڀڳت ڪرشڻ

ٿيندو. مول شڪر ڏيارڻ مان ٿي اُن ۾ پهتو. جهنگلن ۾ ويو. اوچيون پهاڙيون پار ڪيائين. اُتي سندس کي رڪيڪ ڪونہ هو. جتي هن لاءِ ڪو سک ڪونہ هو. جهنگلي جانور سندس چوڌاري جهنگلن ۾ موجود هئا. سڀئي شئون جي کوج ۾ ڪيس جڳهہ جڳهہ ڀٽڪڻو پيو. سندس هرداءِ ۾ اگني روشني ٿي وئي. پرڀوءَ جي پريم جي ڪنور تپسيا ڪيائين وڏا ڏک ڏکيڙا سٺائين. انهن وچي ڪيس ڪجهہ پراپت ٿيو ان ڪري پاڻ کي سڦلو ڪونهي.

ان جي لاءِ گهور تپسيا ڪرڻي پوندي. تپ ڪرڻو پوندو.

پنهنجي اندر ۾ جهاتي پايو. پنهنجي دل ۾ نهاريو. ڏسندا تہ اوهانجو پريتم اوهان سان ڳالهيون ڪندو ۽ پريمي پريتم ايڪانت ۾ ملندا آهن. جيڪڏهن من ۾ ڀو ڪو ويٺو آهي تہ پوءِ ميلاپ ڪيئن ٿيندو؟ پرڀو چوي ٿو، ”ڪٿي ويهان؟ توهان ڪيس سڏيو؟ سڃاڻيو ضرور ٿا پر اوهان وٽ ويٺا آهن نفرت، وير، دشمني، ايرکا، ليتاگيري، جا سواد، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار، اهي سڀ جيستائين اوهان وٽ ويٺا آهن تہ پوءِ مان اندر ڪيئن اچي سگهندس؟ انهن کي ڪڍي ٻاهر ڪريو تہ پوءِ مان اندر اچي سگهندس.“

۽ جنهن کي ڀڳوان ۾ پورن وشواس ٿي ويو ان لئي

پنجون ڏينهن :—

پيارين مائرون ۽ سڄڻو!

سنسار ۾ ڪيئن رهڻ گهرجي؟ ان لاءِ يجرويد جي چاليهين اڌياءَ جو پهريون منتر ٻڌايو آهي. ڪالهه مون نويدن ڪئي هئي ته ان منتر جي پهرين سٽيا يعني دل ۾ ايشور لاءِ پڪو وشواس ڌاريو. ان کي ئي پهريون آڌار ٻڌايو. هن سنسار ۾ ٻيا ٻه گهڻا آڌار آهن. ماتا به آڌار آهي. پتا به آڌار آهي. پتني به آڌار آهي. ٻيا به گهڻا ئي آڌار آهن پر اهي سڀ ئي بقا آڌار آهن. نه رهڻ وارا آڌار آهن. جي اڄ آهن سڀاڻي ڪونهن. ان ڪري آڌار ان کي ٻڌايو جو ڪڏهن وڃڻ جو نه هجي جو سدائين امر رهي. ان کي توهان پڪڙيو. ويدانت جي ان پهرين منتر جو پهريون آديش مون اوهان کي ٻڌايو.

هاڻي ٻيو آديش :- ٻيو آديش آهي **"جگتيا جگت"** يعني هن منتر جي ان شبدن ۾ جگت جو سارو روپ اچي ويو آهي جو هلي ٿو اهو جگت **(Ever chaning)** آهي صبح جو ڪجهه، سانجهيءَ جو ڪجهه ۽ رات جو ڪجهه جوانيءَ ۾ ڪجهه ته ٻڍاپي ۾ ڪجهه. جگت سدائين بدلبو رهي ٿو. هتي اسان سدائين رهڻ وارا ناهيون. جيڪي هن سنسار ۾ آيا آهن سي ويندا به ضرور. هتان هڪ ڏينهن ضرور هلڻو آهي.

ڪروڙين ورهيه ٿيا ويا هن سنسار کي ٿئي. لکين

جو مندر ڏسي ٿو - تڏهن ان ڀڳت جي هردي ۾ ان مندر لاءِ بيحد شردا پيدا ٿئي ٿي. جڏهن ڀڳوان جو هڪ ڀڳت منش جي روپ ۾ ڀڳوان جي مندر کي ڏسي ٿو. تڏهن سندس هرديه ۾ منش روپي مندر جي لاءِ شردا پيدا ٿئي ٿي. تڏهن ته سوامي ديانند آريه سماج جي نيمن ۾ لکيو آهي. ”سنسار جو اپڪار ڪرڻ هن سماج جو مکيه اُديش آهي. ڪيترو نه اوچ اُديش آهي ڪيڏي نه وڏي دل گهرجي ان لاءِ. ڪيڏو نه وشال آهي هي سنسار. خبر اٿو ته ڪيڏو وڏو آهي هي سنسار. ڪيليفورنيا ۾ سڀ کان وڏي دوربيني آهي. ان ۾ ٻه سؤ انچ ڊائميٽر جي دوربيني آهي. اِلي سائنسدان هاڻي تائين ٻه عرب (Solar System) سورج منڊل ڏسي چڪا آهن. انهن سڀني سورج منڊلن کي ملائي سنسار ٺهيو وڃي ٿو ۽ انهن سائنسدانن جو چوڻ آهي ته اسانجو سورج منڊل سڀني کان ننڍو منڊل آهي. اسان کي هي منڊل ڪيڏو وڏو لڳندو آهي! پر ان کان سواءِ عرب سوريه منڊلن جو پروار آهي انهن سڀني جو اپڪار ڪرڻ اسانجو پهريون فرض آهي. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اسين سمجهون ۽ ڄاڻون ته ڀڳوان آهي ۽ اهو هر هنڌ آهي ۽ سڀني ۾ آهي. ان ۾ اسين پورن وشواس رکون.

۾ نظر ايندا.

مان آفريڪا ۾ هوس اتي هڪ جهنڊ آهي "انجير" اهو خوفناڪ ٻن جو جهنڊ آهي. اتي حبشين جي هڪ جاتي رهي ٿي. جيڪا جاتي ماڻهوءَ جو ماس ٻه کائيندي آهي. اتي ڪوئي وڃي نه سگهندو آهي. منهنجي اڇا ٿي ته مان انهن ماڻهن کي ڏسان. ان ٻن ۾ هڪ پاڙي لالا روشن لعل ڪوهلي ٻيلن وڻن جو ٺيڪيدار هو. هڪ ڏهاڙي هو منهنجي ڪٿا ٻڌڻ آيو. ماڻهن چيو اهو شخص اوهان کي ان ٻن ۾ وٺي وڃي سگهندو. مون شري ڪوهليءَ کي چيو "ڪو بندوبست ڪريو ته مان جيئن اها جاتي ڏسان جيڪا آدم خور ٻه آهي."

هن چيو "ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي اتي وڃڻ جان خطري ۾ وجهڻي آهي." مون زور ڀريو مانس ته هن چيو مان انگريز آفيسر کي چوان شايد اهو ڪو اهڙو بندوبست ڪري ڏئي. هن انگريز آفيسر سان ڳالهه ڪئي. جنهن بندوبست ڪرڻ جو ٻار هموار ڪيو. اسان ان جهنگل ۾ وياسين جيپ ۾ چڙهي ويناسين. ٻيلن جي اندر وياسين. ڪجهه ميلن پنڌ طئه ڪرڻ کان پوءِ ڪي گهر نظر آيا. ان کي ڳوٺ ڪري ليکيو ٿئي ويو ٻڌ جيپ ڪار جو آواز ٻڌي اهي ڀڄڻ لڳا. ڪوهليءَ کين سڏ ڪيا ۽ چيو "گهٻرايو نه. مان آهيان." اهي ڪوهليءَ کي سڃاڻيندا هئا. ڇاڪاڻ جو اهي ٻيلن ڪٽڻ جو ڪم هن

کان وٺي اڄ تائين جيڪڏهن هن سنسار ۾ اچڻ وارا مرن
نه ها ته اڄ هن سنسار ۾ پير رکڻ جي جاءِ نه هجي ها
ائين نه سنسار ۾ آدم وڌندي رهڻ جو اڄ به مسئلو آهي
تڏهن نه ڀرت ڪنٽرول ۾ فئملي پلاننگ جو پرچار ٿئي
پيو. جو آئو آهي اهو هڪ ڏينهن اوس هلندو. ان
ڪري هن سنسار کي مسافرخانو چيو ويو آهي ۽ هي
اسان جو وطن ڪونهي. اسانجو ديش ڪنهن ٻئي هنڌ
آهي. سام ويد ۾ چيل آهي جنهن جو مطلب آهي.
”هن مالڪيومي ۾ ني رهڻ کان پوءِ هرڪو موٽي وڃي
ٿو ۽ مڪتي لوڪ جي سک ۾ وڃي رهي ٿو. اوهان
هن پرٿوي ۾ ني ديو جا سيوڪ ٿي رهو. پنهنجي سرير
من ۽ آتما کي اڳتي وٺي هلو. هن ميدان کي راند جو
ميدان سمجهو. پريوءِ ۾ پاڻ کي لين رکو.“

اسان هن سنسار ۾ ٿورو وقت رهي موٽي وڃون
ٿا. ان سک ڏيڻ واري وقت موٽي وڃون ٿا جتي آنند
ئي آنند آهي. ان پرم لوڪ ۾، ان ديو لوڪ ۾
اهو ئي اسانجو ديش آهي اهو ئي اسانجو ملڪ آهي.
اهو ئي اسانجو وطن آهي. جيئن ڪو واپاري واپار
ڪرڻ لاءِ ديش ديشانتر گهمندو رهندو آهي ۽ واپار
ڪري پنهنجي ديش واپس ورندو آهي مارواڙي وڏا
واپاري آهن. اهي واپار ڪرڻ لاءِ ڪٿي نه ٿا وڃن؟
اهي اڪثري هرهنڌ ملندا. ڀارت ۾ به هر ڪنڊ ڪڙڇ

پنھنجي وطن وڃڻو آھي. اسان کي ھن پرٿويءَ تي رھي موٽي وڃڻو آھي ان پرھ لوڪ ۾ جيڪو اسانجو وطن آھي. اسين بدل سدل چاھيندڙ ھن بدلجندڙ سنسار ۾ سدائين رھڻ وارا ناھيون. ھڪ ڏينھن ضرور ھلڻو پوندو.

دنیا کا ابتدا سے یہي کارخانا ھَے
کل تا کسي کا آج کسي کا خزانا ھَے

تون ھن سنسار ۾ ھڪ مسافر آھين. ان ڪري پاڻ سان مسافريءَ ۾ گھڻو سامان رک. اھو نہ سمجھ تہ توکي ھن جيون سفر ۾ سک ئي ملندو. ڪيئن بہ توکي ھيءُ سفر پورو ڪرڻو آھي. گذارو ڪرڻو آھي. ھن سفر ۾ اسين راھي آھيون. اسان کي اڳتي وڌڻو آھي.

سفر در پیش ھَے غافل تجھي اس دارفاني سي
لگا دل کونہ دنیا سي نہ عیشو و کامراني سي
چلیگا کام کب تک زور سي زر سي جواني سي
کنارا ایک دن کرنا پڙیگا زندگاني سي
سراء دھر ۾ مھمان فقط تو رات پر کا ھَے
کمر باندي ھَے تیار رھ عالم سفر کا ھَے

ھيءُ سنسار ھڪ ڌرمشالا آھي. ھڪ دفعي ساڌو ھڪ نگر ۾ ويو. اتي ھن ھڪ محل ڏٺو. اھو راجا جو

وقت ڪندا هئا. سندن گهر ننڍڙا ننڍڙا تهيل هئا. سندن
دروازا گهٽو هيٺ هئا. پهرين ڏنگ اندر ڪرڻي پوندي
هئي پوء تڙ ۾ پوء مٿو. اهڙيء طرح هن جي گهر ۾
گهڙي تي سگهياسين. مون کانئن پڇيو "توهان ماڻهن
کي ڇا کائيندا آهيو؟"

هن چيو "اسان سڀ ڪجهه کائيندا آهيون. اسان
پهرين ان جي پوڄا ڪندا آهيون. نچندا آهيون. ڳائيندا
آهيون. ۽ جڏهن بيهد ٿڪبا آهيون ۽ پوء ان کي
کائيندا آهيون. کانئي کو پڙي سنڀالي رکندا آهيون. ان
کو پڙيء جي پوڄا ڪندا آهيون.

اهڙا هئا آدم خور اتي به مهنجي عجب جي حد
نه رهي. مون اتي به اهڙي خوفناڪ جهنگل ۾ مارواڙيء
جو ننڍو دڪان ڏٺو. مون حيرت مان کانئن پڇيو "اهي
آدم خور لوکي ڪجهه نه ڪن؟" نه مون کي ڪونه
کائيندا آهن. مان هنن جي گهٽي ڪم ايندو آهيان. هنن
کي هر چيز پهچائيندو آهيان مون کانئس پڇيو "ڇا اچان
تون هتي رهندي؟" هن چيو مان ڪافي ڪمايو آهي
تورن ڏينهن ۾ مان هتان واپس پنهنجي ملڪ ورندس.
هي منهنجو ملڪ ڪونهي. هڪ ڏهاڙي پنهنجي وطن
ويٺو آهي. جيئن مارواڙي اتي پرديسي آهي اهين
اسان به هن سنسار ۾ پرديسي آهيون. اسان سڀني کي
به ڪم ڪار پورو ڪري هتان رپيا ڪمائي واپس

تنهن ساڌوءَ چيو "جڏهن هت ڪوئي سدائين رهي ڪونه ٿو ته پوءِ هن جڳهه ۽ ڌرمشالا ۾ ڪهڙو فرق آهي؟" تنهن ساڌوءَ راجا کي چيو ته هيءُ سارو سنسار ۽ هتان جو هرهڪ آستان ڌرمشالا آهي.

حسن پر مغرور هونا بي حسابي بات هَءِ
چار دن کي چاندني اَوُر ڦر انڌيري رات هَءِ

سو تون ٻه هڪ ياتري آهين. سو تون ٻه سمجهه ته توکي ٻه هت هميشه رهڻو ناهي. اها ڳالهه جيڪڏهن اسين سمجهي وٺون ته جيڪر هيڏين خون ريزي ٿئي ئي نه. انياءُ نه ٿئي. راوڻ جيڪڏهن اها ڳالهه سمجهي ها ته ڪيس هڪ ڏينهن مرڻو آهي ته پوءِ ڪيس جنگ ڪري راڻو چاڙهه نه ڪرڻي پوي ها. ڪو ٻه ظالم جيڪر بربادي نه ڪري. ان ڪري وشواس رکو ۽ ياد رکو ته اسان مسافر آهيون. ۽ اسان کي هڪ ڏهاڙي هتان ضرور هلڻو آهي - سنت نانڪ هڪ وڏو مهاتما ٿيو آهي هو هميشه مٺو ڳالهائيندو هو. سندس واڻيءَ ۾ ميناج هو. هڪ شش ڪالهس پڇيو "مهاراج! اوهان جي جيون ۾ اهڙو پيار ڪٿان آيو آهي. ڳالهائڻ ۾ ايڏو ميناج ڪٿان آيو آهي." سنت نانڪ چيو "پٽ! هن وقت تون منهنجي ڳالهه نه ڪر، مونکي تنهنجي ڳالهه جي خبر پيئي آهي. ان جي چنتا ڪر." شش چيو "اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي سوامي؟" سنت چيو "خبر اها آهي

محل هو. هن سمجهيو ته اها ڌرمشالا آهي ۽ انهي
هڪ رات رهي پئي ڏينهن هليو ويو. هو اندر وڃڻ
لڳو تڏهن در تي بيٺل دربان چيو "هيءَ ڌرماشالا ناهي
هيءَ راجا جو محل آهي. ڌرمشالا شهر جي هن پاسي
آهي." ساڌوءَ چيو "هيءَ ڌرمشالا آهي انهي رات
رهندس." سپاهيءَ کيس اندر وڃڻ کان روڪيو. پر
ساڌوءَ نه مڃيو ۽ چيائين هيءَ ڌرمشالا آهي ۽ ٿورو
اندر ٿي اچي آسڻ وڇائي ويهي رهيو. راجا کي ان
ڳالهه کان آگاهه ڪيو ويو راجا خود اچي آيو راجا ساڌوءَ
کان پڇيو "ڪا سيوا هجي ته چئو." ساڌوءَ چيو "مونکي
ڪجهه نه گهرجي. مونکي ته هن ڌرمشالا ۾ هڪ رات
گذارڻي آهي." راجا چيو هيءَ ڌرمشالا ناهي. ساڌوءَ
چيو تڏهن ڌرمشالا ڇا کي چوندا آهن؟ راجا چيو ڌرمشالا
اها آهي جتي ڪوئي مسافر ڪجهه ڏينهن رهي واپس
هليو وڃي. تڏهن ساڌوءَ چيو "هتي ڪير رهن ٿا؟"
راجا چيو "مان رهان ٿو." ساڌوءَ چيو "شروع کان
اوهان ئي هت رهندا آهيو ۽ هن کان پوءِ به اوهان
ئي رهندا؟" راجا چيو هن کان اڳ اسان جا هت وڏا
رهندا هئا ۽ هاڻي مان رهان ٿو. ساڌوءَ چيو "مهراج
هت ڀلا ڪير هميشه رهندو؟" راجا چيو هڪ ڏينهن
مونکي به وڃڻو آهي. ساڌوءَ چيو توهان کان پوءِ
ڪير رهندو؟ راجا چيو "منهنجا پويان رهندا."

هو ان انتظار ۾ هو تہ ڪڏهن تہ وٽس موت اچي.
هيڏانهن مهاتما سنت ناٿ چيو تہ هلي ڏسان تہ شش
جي ڪهڙي حالت آهي. مهاتما ان وقت پهتو ۽ کانئس
پڇيائين ”پٽ! ڪهڙو حال آهي؟“ شش چيو مهاتما!
مان بلڪل ٺيڪ آهيان. هن ڇهن ڏينهن ۾ مون پنهنجي
آتما کي شد ڪري ڇڏيو آهي هاڻي منهنجي من ۾ ڪا
ميرائي منڊائي ڪانهي. منهنجي جيون ۾ پيار ئي پيار
آهي. ميناج ئي ميناج آهي. مهاتما چيو ”اهو سڀ
پيار ڪٿان آيو؟“ تڏهن شش چيو ”خبر هئي تہ ستين
ڏينهن موت اچڻ وارو آهي. سو دل ۾ چيم جڏهن
مرڻ وارو آهيان تہ پنهنجو سڌارو ڇو نہ ڪري وڃان.“
مهاتما چيس ”جڏهن اها توکي خبر هئي تہ ستين ڏينهن
مرندين تہ تون منو ڳالهائيندڙ ٿي وئين. پر موتکي تہ
ڪن جو پروسو ڪونهي. خبر ناهي تہ مان الاجي اڳليءَ
گهڙيءَ جيئرو رهندس يا نہ.“

جڏهن اهو وشواس ٿي وڃي ٿو تہ انسان کي هن
سنسار مان هڪ ڏينهن هلڻو آهي تہ جيون سڌري وڃي
ٿو. منش برا ڪرم نٿو ڪري.

ڪئي ماڻهو هن سنسار کي جونو چون ٿا. ڇاڪاڻ
جو هر شيءِ فنا آهي. پر اهو پاڻجي ٿا وڃن تہ هيءُ
سنسار جونو نہ آهي. سچو آهي. پڪ ڄاڻو انسان هن
سنسار ۾ مسافر ٿي آيا آهيون. انسان کي هتان هڪ

ته تون ستن ڏينهن کان پوءِ هي جڳت ڇڏڻ وارو آهين"
اهو ٻڌي شش سڌو پنهنجي گهر ويو. هو اڳي سدائين
ڪؤڙو ڳالهائيندو هو. سڀني سان تکو پوندو هو. پنهنجي
استريءَ سان، ٻارن سان، گراهڪن سان سڀني سان
تکو ڳالهائيندو هو. گار گند ڪندو هو. پر
جيئن ان ڏينهن گهر ويو ته پنهنجي استريءَ، ٻارن ۽
ٻين سڀني سان ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه مان ڳالهائڻ لڳو
سندس پتني اهو ڏسي عجب ۾ پئجي وئي. ٻار عجب
۾ پئجي ويا. مطلب جيڪو به ان شش سان گڏيو تي ته
ان سان ڏاڍي پريم سان پيو ڳالهائي. هن کي هڪ پيو
پاڻ هو. ٻنهي کي دڪان هو. هيءُ جڏهن ان ڏهاڙي
دڪان تي ويچي ويٺو تڏهن پاڻس دل ۾ خيال ڪيو
اڄ دڪان تي ڪو گراهڪ نه ايندو. چاڪاڻ ته
هيءُ هميشه گراهڪن سان تکو ڳالهائيندو آهي انڪري
هن کان گراهڪ ڪاٻه شيءِ خريد نه ڪندو آهي پر
ان ڏينهن هن گراهڪ سان اهڙو ته مٺو ڳالهايو جو گراهڪ
خوش ٿي ويو. پاڻ پاڻ جو اهو نمونو ڏسي عجب ۾
پئجي ويو. هو جيڏانهن به ويچي پيو ته هر ڪنهن سان
مٺو پيو ڳالهائي. اهڙيءَ طرح ڇهه ڏينهن گذري ويا.
اهن ڇهن ڏينهن ۾ هن جي مٺي ٻولڻ تي هر ڪنهن
کي تعجب هو. جڏهن ستون ڏينهن آيو. هن سنان پاڻي
ڪيو ۽ ستئون ٽون تي ڪنولي ٿي سمهي پيو. هاڻي

اچي ويو. سڀ ڪارخانا، سڙڪون، ٻوجداٺون اهي
سڀ ڪجهه ٺهنديون. عملي روپ اختيار ڪنديون
تڏهن ئي اسين سک ماڻي سگهنداسين. اهي ٻوجداٺون
عمل ۾ نه اينديون ته اسان سک ماڻينداسين ڪيئن؟ ان
ڪري چوان ٿو خوب ڪمايو خوب ڇوڙيو ماڻيو.
سک ماڻيو ضرور پر اهي "نيڪنيڪين" تياڳ ڀاو سان
ڀوڳيو. ماڻڻ سان گڏ تياڳڻ شبد به جڙيل آهي. ان
لفظ جو ارٿ آهي تياڳڻ - ڇڏڻ - وڏي عهدي ڀڃڻ
جي پرواه نه ڪرڻ. جو ڪجهه آهي اهو وڃائڻ.
وڃڻ جو مطلب آهي وڃائڻ دان ڏيڻ. دان ڏيڻ سان
ئي منش سنسار پار ڪري سگهي ٿو. مڪتي حاصل
ڪري سگهي ٿو. تياڳ ڀاؤ ۾ ئي سک آهي. ڪمايو،
ڪٺو ڪيو ضرور پر تياڳڻ لاءِ. تياڳ اهو ئي ڪري
سگهندو جنهن وٽ سڀ ڪجهه آهي پر جنهن وٽ
ڪجهه آهي ئي ڪونه ته هو ڇا تياڳيندو. ڀورين ڌنوان
بڻجو ۽ پوءِ تياڳڻ به سکو. ان سان اسين سنسار پار
ڪري سگهون ٿا.

هڪ لنگريءَ ۾ هڪ سادو رهندو هو. هن کي
هڪ شش به هو. سادو سدائين شش کي چوندو هو،
"سادو پاڻ وٽ ڪجهه به گڏ ڪري نه رکندا آهن.
ڌن گڏ ڪرڻ ڪا سٺي ڳالهه ڪونهي." شش چيو
توهان اڳين زماني جا آهيو. پر اڄ ڪلهه ٻنا گڏ ڪرڻ

ڏاڙهي ضرور لاڏاڻو ڪرڻو ٿي پوندو. اسان کي هتي هميشه لاءِ رهڻو نه آهي. اسان هت ڀڳوان روپي سيٺ جا منيم بڻجي آيا آهيون. منيم جو ڪم آهي سيٺ لاءِ پئسا ڪمائڻ. هتان ڪمائي ڪڍي وڃو جيترو ته وهان ڪمائي سگهو. ٻڪ ڀري ڪڍي وڃو. خالي هٿين ويندا ته سيٺ اوهان کي واپس موڪليندو ۽ چوندو "اوهان کي موڪليم ڪمائڻ لاءِ ۽ توهان آيا آهيو خالي هٿين." هو تيستائين توهان کي هيڏانهن واپس موڪليندو رهندو جيستائين اوهان هتان ڪجهه ڪمائي نه وٺي آهيو. جيستائين هتان ڪمائي نه ويندا تيستائين توهان جنم جي چڪر ۾ ڦاٿا پيا هوندا. ان ڪري اها پڪ سمجهي ڇڏيو ته اوهان کي هتان هڪ ڏاڙهي ضرور هلڻو آهي. وڃڻو آهي ته خالي هٿين نه، وڃڻو آهي. ان ڪري اوهان ڪرمي بڻجو. نيڪ ڪرم ڪريو.

ٻئي ويد جي هن منتر ۾ ٽين ڳالهه چيل آهي ته "تياڳ ڀاؤ سان ڀوڳيو. هن سنسار کي ايترو ته سندر بڻايو آهي. ايترو سک سمپتي، عيش آرام جو سامان ڏنو آهي. هر پرڪار جي وستو موجود ڪري ڏني آهي. ان کي تو ڀوڳيو ماڻيو. ولد ڀڳوان سک ماڻڻ لاءِ منع ڪئي ڪري. هو اهو به نٿو چوي ته تون هتي موجود شين جو نرادر ڪري ڇڏي ڏي. هو ته چوي ٿو ماڻڻ جي اجازت ڏئي ٿو. "ڀڳتيئا" شبد ۾ سڀ ڪجهه

شبدن جو ٻڌو جن اٺجبين ها. تياڳڻ سان ئي انسان پار پهچي ٿو. تياڳڻ ۾ ئي سک آهي.

هن "**نيڪتين**" شبد جي پٺيان هڪ سندر سنسار آهي. مهان سڀيتا آهي. تپ ۽ تياڳ جو ڀاؤ منش کي سکي رکڻ لاءِ آهي. ان ڪري اسان جي رشين منين جو اسان لاءِ جو جوڙجڪ ٺاهيو اهو تپ ۽ تياڳ جو ودان آهي. ڀارت جيڪو گيان منش کي ڏنو آهي. اهو تپ ۽ تياڳ سيکاري ٿو. ان ودان موجب جيون کي چئن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. (١) برهمچريه (٢) گرهست-آشرم (٣) وانپرست (٤) سنياس.

برهمچريه تپ جو آشرم آهي. گرهست تپ ۽ تياڳ ٻنهي جي لاءِ آهي. ان گرهست ۾ داخل ٿيندي ئي پتيءَ جي دل ۾ پتنيءَ جي لاءِ ۽ پتنيءَ جي دل ۾ پتيءَ جي لاءِ تياڳ جي ڀاونا پيدا ٿي وڃي ٿي. ٻئي هڪ ٻئي جي سک لاءِ تياڳ جي ڀاونا رکن ٿا. جڏهن سنتان ٿئي ٿي تڏهن ماءُ پيءُ پنهنجي سنتان جي سک لاءِ سڀ ڪجهه تياڳي ٿا ڇڏين. انهن لاءِ وڏي ۾ وڏي قرباني ڏيڻ لاءِ به تيار رهن ٿا. ان ڪري اهو آشرم تپ ۽ تياڳ جو آشرم آهي. گرهست ۾ رهندي منش ۾ جي گهٽتائون ڀلون وغيره ٿي وڃن ٿيون انهن کي دور ڪرڻ لاءِ وانپرست آشرم ۾ تپ ڪرڻو پوندو آهي. جيئن اسين چوٿين يعني سنياس آشرم لاءِ تيار

جي ڪم نٿو هلي. هڪ ڏهاڙي ساڌوءَ چيو هيءَ
نگري چڱي ڪانهي ٻئي جڳهه تي هل. ٻئي اتان روانا
ٿي ويا. رستي ۾ هڪ ندي آئي. ان تي پل ڪونه
هئي. هڪ ٻيڙي بيٺي هئي. ٻئي اچي پهتا. ٻيڙيءَ
واري کي چيائون ته اسان کي هن پار وٺي هل. ٻيڙيءَ
واري چيو ٻه-ٻه آنا هر هڪ کي ڏيڻا پوندا. ساڌوءَ
وٽ پئسا ڪونه هئا. پر شش وٽ ڪجهه پئسا هئا.
جي هن ان وقت ڪونه ٻڌايا. ساڌوءَ شش نديءَ جي
ڪناري وٽ چپ ڪري ويهي رهيا. شام ٿيڻ تي
هئي. ٻيڙيءَ وارو گهر واپس وڃي رهيو هو. هن ٻنهي
کي چيو "هت رات جو شينهن پاڻي پيئڻ ايندو آهي
۽ ٻڪ أي ٻڪ توهان کي کائي ويندو. ان ڪري چئن
آنن ڏيڻ جو موه ڇڏيو. هاڻي ٻه چار آنا ڏيو. شش
شينهن جي ڳالهه ٻڌي ڏڄي ويو. هن يڪدم کيسي ۾ ٻڌل
پئسن مان چار آنا ڪڍي ٻيڙيءَ واري کي ڏنا ۽ ٻئي
هو نديءَ جي ٻيءَ پر پهچي ويا. پار پهچي شش ساڌوءَ
کي چيو "گرو مهراج! اوهان چيو ٿي ڌن گڏ نه ڪرڻ
گهرجي. جيڪڏهن ڪجهه پئسا بچائي نه رکان ها ته
اسين ٻئي شينهن جو کاڄ بڻجي وڃون ها." ساڌوءَ
چيو "ڏسجي اها ڳالهه آهي ته تون شينهن جي وات
مان تڏهن بچيو آهين جو تو پئسن جو تياڳ ڪيو.
جيڪڏهن تون چئن آنن جو تياڳ نه ڪرين ها ته ضرور

مون چيو "هائو پٽ! اڄ مون سان ٻار ساڻ آهن. ڏس هيءُ منهنجو رڻبير آهي. هي ٻڌوار آهي. اهي منهنجا ٻالڪ آهن. اڳ ۾ اهي منهنجا ٻار هئا هاڻي سڀ منهنجا ٻالڪ آهن. سارو سنسار منهنجن ٻارن جو آهي. ٻڌاءِ پوءِ مونکي ٻارن جي ياد ڇو نه ايندي؟"

سنياسيءَ جو لفظ ٻڌو وسيع وڏو رهي ٿو. سارو سنسار سنياسيءَ جو پرِوار آهي. اسانجو اهو ڪٽنب ڪهڙو نه سندر وڏان ٿهل آهي. جنهن کي اڄ ٻاجهي وسا آهيون. ان وڏان ۾ تپ ۽ تياڳ آهي. هوس ڪرڻ - سک ڀوڳڻ ۽ تياڳ جي ڀاونا ڏاڙهي آهي. سو اوهان پنهنجي سڀڙ کي تندرست رکو. خوب ڪمايو، ڏن ڪنو ڪريو؛ گڏو گڏ تياڳ جي ڀاونا به رکو. دان پُنُ ڪريو.

ڪلجُگ ۾ دان هڪ مکيه ساڌن آهي. ٻيو ڪجهه ڪريو يا نه پر دان ضرور ڪريو. ان سان منش جو ڀلو ٿي ٿيندو. اهو ڏسڻو آهي ته دان ڪنهن کي ڪجي؟ دان سپاتر کي ڪرڻ گهرجي. اسانجي ديش ۾ دان ته گهڻا ئي ڪندا آهن پر اهي صحيح نمولي نه ڪندا آهن. بنا سمجهي سوچي ڏنل دان مان خرابي پيدا ٿئي ٿي. اسان جي ديش ۾ دان ۽ ديا جو اُلٽو پرڀاوَ ٿئي ٿو. ديا جي اُلٽي ٿيل پرڀاو جي هڪ ڪهاڻي ٻڌايان ٿو.

سوراشٽر ۾ هڪ وڏو ڏيوان رهندو هو. پر ڪنجوس

ٽي سگهون. سنياس آشرم وري تپ ۽ تياڳ جو آشرم آهي. اوهان چوندا گرهست ۾ تپ ۽ تياڳ جو آشرم آهي ۽ سنياس ۾ تپ ۽ تياڳ جو آشرم آهي؟ برابر آهي. گرهست ۾ تپ ۽ تياڳ جي ڀاونا صرف پنهنجي پريوار تائين محدود آهي. سنياس ۾ اها وسيع ٿيندي وڃي ٿي سارو سنسار ان جو ڪٽنب آهي. سنڌس تياڳ جي ڀاونا هڪ ڪٽنب تائين محدود نٿي رهي.

جڏهن مان ساڍو ٽيهن، ٽورن ڏينهن ۾ سماڌي ويس آئسي شري پرڪاش چندر مهاجن مونکي پنهنجي گهر وٺي ويو. اتي هن ٻين سان ويهه ٻٽيهه ماڻهن کي گهرايو هو. پوڄن جو وقت ٿيو ته هن منهنجي اڳيان کير جو گلاس آڻي رکيو ۽ چيو ”سوامي! معاف ڪندا جو مان اوهان کي اڄ ٻهريون دفعو سوامي چوان ٿو. هن کان اڳ ۾ مان اوهان کي مامو ڪري چوندو هوس. ان ڪري معافي ٿو گهران. ان ڪري اُن کي ٻيو نه سمجهندا. اوهان ٻڌايو ته اوهانکي پنهنجي ٻالڪ جي ياد نٿي اچي؟“ مون چيو ”پٽڙا، ياد ڇو نه ايندي آهي؟ ٻارن جي ياد ته اُن کي به ايندي آهي جنهن جي پرسان ٻار نه هوندا آهن. منهنجا ٻار ته سدائين منهنجي پرسان هوندا آهن.“ تڏهن هن چيو ”ڀلا ٻڌايو اڄ به اهي توهان سان گڏ رهن ٿا ۽ سدائين اوهان سان گڏ هوندا آهن؟“

ڪنهي ٽڪجي پيو. ڪلاڪ ٻه گذريو ته اهو ڍنگ ٿي پڄي ويو. اهڙيءَ طرح سڀ بيزار ٿي پڇي ويا. آخر ڀرستين جي وري سڀا گڏ ٿي هاڻي فيصلو ڪيو ويو ته پنجن روپين جي بدران ۲۵ روپيه ڏنا ويندا ۽ اهو به شرط وڌو ويو ته جيڪو هن پلنگ تي سمهندو انکي نوڙيءَ سان، پلنگ سان گڏ ٻڌو ويندو. اُن ڪان پوءِ اُتي هڪ پهلوان آيو. رات جو ٻوان کي اُن پلنگ سان رسي ٻڌي سمهاريو ويو. سندس همت به ٻڌا ويا. ٿوري دير ڪان پوءِ هو هاءِ گهوڙا ڪرڻ لڳو. هاڻي هن کي اُن بند مان ڇڏائي به ڪير؟ نيٺ هن واڪا ڪري چيو "اي ديا جا ٻرهمي! مونکي هن بند مان ڇڏايو. مونکي پنجويهه روپيه نه گهرجن." ڀرستين جهٽ پٽ هن کي ڏيڍ روپيه جي اِسٽيمپ تي لکيل اڱريسٽ ڏيکاري. اُن موجب ٿوکي هن پلنگ تي ساري رات سمهڻو ٿي پوندو. هو هيو جانٺو جوان سو پلنگ سوڌو ٻڌو ٻوڙندو راجا جي محل ٻاهران وڃي پهتو ۽ نچايو نچايو چوڻ لڳو. راجا محل کان ٻاهر آيو. پڇيائين "ڪهڙي ڳالهه آهي؟" هن ڪيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي. راجا حڪم ڪيو ته هن کي آزاد ڪيو وڃي. صبح ٿيو، ڀرستين کي ڪوٺايو ويو. ڀرستين راجا کي ٻڌايو ته اسين ڌمڳهڻ رکيا ڀرست جا ڀرستي آهيون وغيره وغيره ....

بي حد درجي جو هو. ڪيس ڪابه سمتان ڪانه هئي. سندس مرڻ جو وقت آيو. هو گهٻرائجي ويو. هو ان ڪٽولي تي ليٽيو پيو هو ۽ ائين سوچي رهيو هو مونکي هتان لاڏاڻو ڪرڻو آهي پر منهنجي مرڻ کان پوءِ هنن منگهڻن جو ڇا ٿيندو جيڪي منهنجي پلنگ ۾ پيا آهن؟ منهنجي جيئري ته ڪين منهنجو رت ملي پيو پر منهنجي مرڻ کان پوءِ اهي ته بکايل رهندا. هن کي اهڙن منگهڻن تي وڏي ديا آئي. مرڻ کان اڳ هن هڪ ”منگهڻ رکيا ٽرسٽ“ ٺاهي. اُن جا ٽي ٽرسٽي مقرر ڪيا ويا. هنن کي چيائين ته منهنجي مرڻ کان پوءِ هڪ ٻه منگهڻ بک وگهي نه مرڻ گهرجي. هو گذاري ويو. اُن کان پوءِ ٽرسٽين جي سڀا گڏ ٿي سوال اٿيو ته ان ڳالهه لاءِ ڇا ڪيو وڃي. نيٺ فيصلو ڪيو ويو ته اخبارن ۾ هڪ مشهوري وجهائجي ته جيڪو شخص هن جي پلنگ تي سمهندو ان کي هر رات لاءِ پنج روپيه ڏنا ويندا. اخبار ۾ مشهوري ڇپجي وئي. ماڻهو خوش ٿيا. عرضدارن عرضيون موڪليون. هڪ ڪميشن مقرر ڪري انٽرويو ورتا ويا. چار پنج جاڻا جوان آيا ۽ پلنگ تي واري سان سميا. پهرين اڌ ڪلاڪ ۾ ته ڪجهه ڪونه ٿيو پر اڌ ڪلاڪ کان پوءِ منگهڻن جي سٽا حملو ڪيو. هاڻي پهريون جوان بدن کنهڻ لڳو. ڪڏهن هڪ هنڌ ته ڪڏهن ٻئي هنڌ. نيٺ پٽ کنهي

حڪم ٽرت واپس ورتو وڃي پر هن نه مڃيو. ۽ پوءِ
شولاپور ۾ آريه جي ڪانفرنس ٿي. اُن جو شري آڻي
سڀاپتي هو. اُتي هڪ فيصلو ٿيو ته. اُتي مهاتما نارائڻ
سواميءَ کي سنڌس وفد موڪليو وڃي. اُهو وڃي
نظام کي چوي ته اُهو حڪم واپس وٺي جي نه وٺي
ته ستياگره ڪيو وڃي. نيٺ ستياگره شروع ٿيو. ستيا-
گره جي اڳواڻي ڀهرين اُن ڪئي. اُن کان پوءِ چانڊ
ڪرڻ شاردا ڪئي نيون اڳوان مان هوس. ڏاڍي زور
سان اُهو ستياگره هليو. ٢٥ هزار ستياگرهي جيل ۾
پهچي ويا. جن سان گڏ مهاتما نارائڻ سوامي ۽ راجگرو
ڌورينڌر شاستري هو.

هر هڪ ستياگرهيءَ کي جيل ۾ چار شيون مليل هيون.
هڪ تڏو هيٺ وڇائڻ لاءِ. هڪ ڪمبل پائڻ لاءِ. هڪ
ٿاسرو جنهن ۾ اسين ڀوڄن به ڪندا هئاسين ۽ رات جو
اُن کان وهاڻي جو ڪم به وٺندا هئاسين. هڪ لوٽو
پاڻي پيئڻ لاءِ هو. ڏاڍي مزي سان پئي رهياسين.
جيل جي هر هڪ وارڊ ۾ اسان سماج ٺاهي ڇڏي هئي.
اُن جو منتري به چونڊيو هيوسين. پر اُن جو خزانچي
ڪو نه چونڊيو هيوسين، ڇاڪاڻ ته پئسو ڪو نه هو.
پرڀات جو ۽ شام جو آريه سماج جو ستسنگ ٿيندو هو.
هوُن ڪندا هئاسين ۽ سنڌيا ڪندا هئاسين. ڀڄن پاٺ ۽
وياکيان ڪندا هئاسين. سڀ ڌارمڪ ڪم اُتي ڪندا

مترو! اِها نه ديا آهي، نه دان. اِها آهي اُلٽي ڳالهه. اُن ڪري دان اهڙو ڪريو جڏهن مان ڪڏهن جو پلو ٿئي.

مان هڪ دفعي مدورا ويس. اُتي پارس جو پرسڌ ميناڪشي مندر ٺهيل آهي. اُن ۾ ڪلا ۽ چٽر ڪاري ڪماليت واري آهي. اُن ۾ هڪ هزار کان هڪ گهٽ ٿنڀا آهن. هر هڪ ٿنڀي تي سندر مورتون آهن. چٽڪ پٿر تي اُڪريل مورتون آهن. پر ائين نه آهي. اُتي اُن مندر ۾ جيترو دان ۾ پئسو اچي ٿو اوترو شايد ٻئي ڪنهن مندر ۾ نه ايندو هوندو. پر اهو سارو پئسو آهي وئرٿ. مدراس سرڪار ٻئو دفعا اُن جو ڪنٽرول پنهنجي هٿ ۾ رکڻ چاهيو هو. پر اهڙي دان مان ڪو لاڀ ڪونهي. دان ڪريو نه نيڪ ڀاونا سان ڪريو دان کان وڌيڪ ٻيو ڪو پڄ ڪونهي.

هرشچندر مهاراج هڪ هنڌ چيو آهي ته مرڻ واري جو مٿر دان آهي. دان سڀني کان وڏو مٿر آهي. سر سمپتي سکه پلي ماڻهو. پر لياڳه ورتي نه ضرور ڌاريو.

هڪ ٻي ڳهٽنا آهي. اِها هن حيدرآباد جي آهي جڏهن هت نظام جو راج هو تڏهن هن حڪم ڪيو هو ته هت ڪو به هؤن يگيه نٿو ڪري سگهي. مندرن جي مرامت نٿو ڪري سگهي. اوم جو جهنڊو نٿو جهلائي سگهي نظام کي هندن جي ماڻهن جيو نه. اهڙو

نہ آهي. اِها لڇمي هتي ئي رهڻي آهي جتي نارائڻ آهي. جنهن وقت نارائڻ نہ آهي اُن وقت لڇمي بہ رهڻ واري نہ آهي. ڪيترا چون ٿا تہ هيءَ وقت (Division of labour) جو آهي. نارائڻ هڪ هنڌ ڪم ڪري تہ لڇمي ٻئي هنڌ ڪم ڪري.

چڱو ائين ڪري ڏسو. نارائڻ کي مان پاڻ وٽ ٿو رکان. لڇمي توهان وٽ. توهان وٽ لڇمي ٽڪندي ڪانہ. هوءَ پتي ورتا آهي. جتي سندس پتي رهندو اُتي اِها رهندي. جن گهرن ۾ نارائڻ اٿو رهي اُتي پريوءَ جو ناسو ڪونهي. اُتي لڇمي رهڻ واري ڪانهي. ٿوري وقت لاءِ ايندي بہ ڪٿي تہ اِها هلي بہ ويندي. هوءَ ڪنهن وٽ رهندي بہ ڪانہ. اُن ڪري اُن جو لوڀ نہ ڪريو.

”لوڀ کي ڇڏي ڪري سکي ٿجو.“

ڌن ڪمائڻ ضرور پر اُن ۾ ڦاسي نہ وڃو. اُن ڌن غريبن کي بہ ڏيو جنهن مان اُهي بہ پنهنجو سنسار هلائي سگهن. اُهي بہ سکي رهي سگهن. هيءَ ڇرندڙ ٻرندڙ سنسار آهي.

هڪ دفعي مان ملتان کان ديرو اسماعيل خان شهر ڏانهن ٿي ويس. ريل گاڏيءَ ۾ وينس پئي تہ گاڏيءَ کي وڏو جهٽڪو آيو. مون نہ سمجهيو؟ ٻين تہ سمجهيو تہ شايد گاڏي ڪنهن سان ٽڪرجي وئي. سڀ گاڏيءَ

هئاسين. ڇاڪاڻ ته اسان جيل ۾ ٿي پنهنجو سنسار رچي
ڇڏيو هو. اُتي اَٺ نَوَ مهنا رهياسين. هڪ ڏينهن اُتان
جو ڪليڪٽر ۽ جيل جو سپرينٽنڊنٽ اُتي آيا. اچڻ سان
چيائون "نڪرو هتان." اسان ڪاوڙجي پڇيو "ڪنهن ٻڌي
جيل موڪليو ٿا ڇا؟" اوهان سڀني جون سڀ ڳالهيون
لطيف مڃيون آهن. وڃو هاڻي وڃي هڙتال بند ڪريو.
مندرن جي مرامت ڪرايو. اوم جا جهنڊا جهولايو.
تڏهن اسان اُتي سڀ شيون ڦٽيون ڪري اُتان نڪتا-
سين اِهي سڀ شيون جيڪي اُتي پيارَيون ٿي لڳيون
اِهي سڀ ڇڏي خوش ٿيندا ٻاهر نڪتاسين.

مطلب هن سنسار ۾ اسانکي به ائين رهڻ گهرجي.
ڪمايو خوب ڪمايو پر جڏهن ڏيڻ جو وقت اچي وڃي
ته جيڪي به قيمتي وستو وغيره توهان وٽ آهن اُهي
ڏيڻ ۾ يعني تياڳڻ ۾ پٺتي نه پئو ۽ چئو "وٺو اِهي
ديش جي صدقي، ڌرم جي صدقي، انسانيت جي
صدقي، ٻين جي اُپڪار جي صدقي مان سڀ ڪجهه
ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. پنهنجو بليدان به ڏيڻ لاءِ تيار
آهيان." اُن کي چون ٿا سچو تياڳ. هن ويد منتر ۾
ٻيون ڳالهه چيل آهي —

"ڌن جو لوڀ نه ڪريو. گهڻي لالچ نه ڪريو اِهو
ڌن ڪنهن سان ساڻ ڪو نه هليو آهي. جو ڪجهه آهي
اُهو سڀ اِتي ئي پيو هوندو. مايا هڪ هنڌ رهڻ واري

ڪرڻو ٿا. ڪاڻ پيڻ جي شين ۾ ملاوٽ ڪرڻو ٿا. پر ڪاڻ ڳالهہ مريادا کان ٻاهر ٻري آهي. مريادا ۾ آهي نہ نيڪ آهي. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موہ ۽ اهنڪار اهي سڀ خراب نہ آهن. جيون ۾ ضروري آهن. بشرطيڪ اهي مريادا اندر هجن. نديون ڪيڏو نہ لاڀ ڏين ٿيون جيستائين ڪنارن جي اندر يعني مريادا ۾ رهن ٿيون. پر جڏهن ڪنارا ٽپي يعني مريادا ڇڏي ٻاهر اچن ٿيون تہ تباهي آڻين ٿيون. ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ کيت وغيره ناس ڪن ٿيون.

ڪام واسنا نہ هجي تہ سنسار سماپت ٿي وڃي. پر اها بہ مريادا ۾ هئڻ گهرجي. اسانجي سماج ۾ ڪام واسنا کي وواه جي مريادا ۾ ٻڌو ويو آهي. هڪ جوان ۾ ڪام واسنا پيدا ٿئي ۽ هڪ جوانڙيءَ ۾ بہ واسنا پيدا ٿئي. ٻنهي جون اکيون مليون. گهر کان ڀڳا، شولاپور پڪڙيا ويا. پر جي مريادا ۾ رهيا تہ ڇوڪري جي مائٽن ڇوڪري ڳولهي ۽ ڇوڪريءَ جي مائٽن ڇوڪرو ڳولهيو ملڻ لئي مڱڻو ٿئي ٿو، سانت سڳڻ ڏين ٿا. وواه جي تاريخ مقرر ٿئي ٿي اُن لاءِ تياريون ٿين ٿيون. لاڏا ڳيت ڳايا وڃن ٿا. مٺ مائٽ گڏ ٿين ٿا. ڪنوار گهوٽ ڏي گلن جي مالها پائي ٿي، وڏي پڙهجي ٿي، شادي ٿئي ٿي. سڀ سکي ٿين ٿا.

ڳالهہ هڪ نئي هئي. هڪ جوڙو پڪڙيو ويو ٻيو

مان لهي ڏسڻ لڳا. مان بہ لٿس. ٻيٺ خبر پيئي تہ ريلوي لائين تي پهاڙ اچي ويٺو آهي. مان اچرج ۾ هوس تہ ڪڏهن پهاڙ لڏي اچي پٽي تي ويهندو آهي؟ مان بہ ڏسڻ ويس. ڏٺم سچ پچ ريلوي لائين تي واريءَ جو پهاڙ ويٺل هو. هو. اُتي اُتان جا مڪاني ماڻهو بہ بيٺا هئا. هنن ٻڌايو ڇڏهن هت طوفان ايندو آهي تڏهن واريءَ جا پهاڙ اُڏامندا آهن. مون پڇيو ”ڪيستائين اُڏامندا رهندا آهن؟“ جيستائين برسات نہ پوندي آهي. اُهن اُڏامندڙ پهاڙن جي دوا آهي برسات. تڏهن مونکي خيال آيو تہ ڌن بہ ريتيءَ جي اُڏامندڙ پهاڙ مثل آهي. اڄ هتي تہ سڀاڻي هتي. جتي دان جي بارش ٿي ويندي آهي اُتي اِهي رڪجي ويندا آهن. اُن ڪري ڌن جو لوڀ نہ ڪريو. دان ڪريو.

لوڀ بري بلا آهي. لوڀ نہ هجي تہ ماڻهو ڪم ڪن ئي نہ. اُن لوڀ جي ڪري ڪڙمي هر هلائي ٿو، اَن پيدا ڪري ٿو، دڪاندار دڪانداري ڪن ٿا. سڙڪون ٺهن ٿيون، عمارتون اڏجن ٿيون. لوڀ نہ هجي تہ سڀ ڪم رڪجي وڃن. اُن ڪري لوڀ هڪڙو سياوڪ آهي پر جڏهن اِهو لالچ ۾ بدلجي وڃي ٿو تہ اِهو پاپ بڻجي وڃي ٿو. لوڀ مريادا اندر هئڻ گهرجي. لوڀ مريادا کان ٻاهر پاپ ليکجي ٿو. پدعي رشوت وٺون ٿا، چوري ڪريون ٿا. چور بازاري

ڇهون ڏينهن :-

منهنجون پيارئون مائرون ۽ ڀيڻو!

سنسار ۾ ڪيئن رهڻ گهرجي. اُن بابت ۾ مون اوهان کي ٻهر ويد جي چاليهن اڌ پاءُ جو ٻهريون منتر ٻڌايو ۽ اڄ به ٻڌايو ته اُن ۾ ۴ ڳالهيون آهن.

[١] ايشور ۾ ڀروسو وشواس هئڻ. اُن ۾ ٻئي طرح ايڪاگر ٿيڻ ۽ اُن ۾ پاڻ کي مگن رکڻ.

[٢] هتي هميشه لاءِ رهڻو ناهي. هي ۽ اسانجو ديش ناهي اسان هتي مسافر ٿي آيا آهيون. اسان کي پنهنجي ياترا پوري ڪري واپس وڃڻو آهي جيئن اُن طرح جيئن ريل گاڏيءَ ۾ ياترا ڪري رهيا آهيون. جڏهن اسين ريل گاڏيءَ ۾ مسافري ڪريون ٿا تڏهن اسين ڄاڻون ٿا ته اسين ٿوري وقت لاءِ هتي ويٺا آهيون. ڪوئي هتي هميشه لاءِ ڪونه ويهڻو آهي. پوءِ پاڻ ۾ جهيڙو ڇا لاءِ ڪريون. مٺو ٻوليون. ستسنگ جون ڳالهيون ڪريون. الاجي هت ڪيترو وقت گڏ ويهون. جيڪڏهن اِها ڳالهه جيون جي سفر ۾ سمجهي ٿو اُن کي ڪڏهن به اهنڪار نٿو ٿئي. ان کي هميشه موت جي يادگيري رهي ٿي.

هيءُ جوڀن هاڻي ويندو. دنيا فاني آهي ته پوءِ اهنڪار ڇا لاءِ؟ هت هميشه ڪيرائيندڙ آهي. نوڙت ۾ ٿي سگهي آهي. هان نوجوانن کي چوندو رهندو آهيان.

گرهستي جيون ۾ گهڙيو. هڪ سماج جي مريادا ٽوڙي ۽ ٻئي مريادا جو پالن ڪيو.

مريادا کان ٻاهر ڪو به ڪم ڪيو ويندو ته اهو برو ٿي ليکبو. اهڙيءَ طرح لوپ به مريادا کان ٻاهر خراب آهي. ماڻهو پاپ ڪرڻ لڳي ٿو. گهڻو لوپ پاپ جي پاڙ آهي. سنسار ۾ جيترا به پاپ ٿين ٿا اهي لوپ جي مريادا کي ٽوڙڻ ڪري ٿين ٿا. اُن ڪري لوپ کي پاپ جو ٻيءُ ڪري چون ٿا، اُن کان بچو.

ڇڏيو. جيڪو شخص ان طرح پنهنجي عهدي تي اچي وڌندو رهي ٿو سو ٻيا شخص ان تي ايرشا ڪرڻ لڳن ٿا. جو شخص ڪجهه مهنا اڳ ٻهاري، صفائي لاءِ رکيل هو اهو ٿورن ڏينهن ۾ وڏو منيم ٿي ويو هو. هاڻي ان جي خلاف ٻيا ڪن ڀرڻ لڳا ”سيٺ، اوهان ڇا ٿا ڪريو. اوهانجو وڏو منيم ٻيڻا ٿو کائي ۽ هڪ ڏينهن اوهانجو ڏيوالو ڪڍائي ڇڏيندو. سيٺ چيو، ”اها ڳالهه نه ڇئو. هو هڪ لائق انسان آهي. هن مان هر طرح خوش آهيان.“ ماڻهن چيو توهان جي مرضي. پر آخر ۾ توهانکي پڇتائڻو پوندو. پر لڳاتار سيٺ جا ڪن ڀريندا رهيا. هو چوري ڪندو رهي ٿو وغيره وغيره. شروع ۾ سيٺ ڪو ڌيان ڪونه ڏنو پر سيٺ نوڪرن کي چيو ڪا ثابتي پيش ڪريو. اتي هڪ ننڍو ڪمرو هو. منيم اتي هر روز در بند ڪري ڪجهه نه ڪجهه ڪندو رهندو هو. ٻئي ڏينهن جيئن هو پنهنجي ڪمري ۾ ويو ۽ اندران دروازو بند ڪيو ته ڪن ماڻهو پڇندا سيٺ وٽ ويا ۽ چيائونس هاڻي هلي روبرو ڏسو ته هو ڇا ٿو ڪري. سيٺ اتي اچي پهتو دروازو کڙڪائي پڇيائين اندر ڪير آهي؟ آواز آيو ”اوهان جو سيوڪ“ سيٺ چيو ”ٻاهر نڪري اچ“ منيم چيو ”در کوليان ٿو، ٿورو ترسو.“ سيٺ وري چيو ”نه نه، جلدي دروازو کول.“ اندران ساڳيو آواز

جيڪڏهن توهان حقيقت ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته هر مهني
ٻي مهني ڪنهن ميڊيڪل ڪاليج ۾ وڃي اُتي شيشي
جي ڪٻٽ ۾ ننگيل هڏائون پڃرو ڏسندا ڪريو.
ڪو ٻڙيءَ ڪان وٺي هيٺ ڪڙيءَ لاٿين. ان ٻنهيان هر منش
جي اصليت چٽيل آهي. ان ڪري هي انسان ايمان
چا لاءِ ٿو ڪرين؟ هن پڃري کي ڏس جو تنهنجو اصلي
روپ آهي. هڪ ڏينهن تو کي ۽ انهين تيڻو آهي. ان
پڃري کي ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور ڏسڻ گهرجي. اُن
ڏسڻ سان پنهنجو حقيقي روپ نظر اچي ٿو. جيڪو اُن
حقيقت کي پلجي ٿو وڃي اُن ۾ ايمان اچي ٿو وڃي.
اهنڪار ۽ آڪڙ پيدا ٿي وڃي ٿي.

اوهان کي هڪ ڳالهه ٿو ٻڌايان. هڪ غريب
جوان هو. هو پڙهيل لکيل هو. نوڪريءَ جي ڳولها ۾
هو. اُن لاءِ ٻمٻئيءَ وڃي پهتو. اُتي هڪ سيٺ جي
دڪان تي صفائي ڪرڻ لاءِ نوڪر ٿي وڃي بيٺو.
هر روز ٻهاري پائيندو هو. سيٺ کي خبر پيئي ته هو
پڙهيل جوان آهي. هن کيس خط پٽ لکائڻ لاءِ رکيو.
ڪجهه ڏينهن گذريا. سيٺ ڏٺو هي سمجهدار ٿو لڳي.
خط لکڻ لاءِ ٿورو چوان ٿو ته تمام هوشياريءَ سان خط
لکي ٿو وڃي. سيٺ کيس منيم بڻائي ڇڏيو. هو ڏاڍي
ايمانداريءَ سان ڪم ڪندو هو. ڪم ۾ اورچ هو.
سندس ڪم ۽ ايمانداري ڏسي کيس وڏو منيم بڻائي

ڪپڙا ڏسندو آهيان. جن جي ڏسڻ سان اهو ياد رهي ته مان اصل ۾ ڇا هوس. اهو ڏسان ۽ پنهنجي لاءِ وچان.” اهو ڏسي سڀ ڦڪا ۽ پشيمان ٿيا ۽ دل ۾ ميم کي ساراهڻ لڳا. ڪڏهن به اُن خلاف سيٺ کي شڪايت ڪو نه ڪيائون.

اُئين ڪرڻ سان ايمان نئون رهي. منش اهو ياد رکي ته هو ڇا آهي؟ ڪير آهي؟ هن کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي. سو اوهان پاڻ کي سڃاڻو ۽ پڪ هڪ ڏهاڙي هتان هلڻو آهي. موت اوس اچڻو آهي.

[۳] ساري سنسار جون شيون تنهنجي سک ڀوڳڻ لاءِ آهن. اهو ڀلي ڇوڙ ماڻ اُنهن جو آنند وٺ پر اِهي ليکي پاونا سان ڀوڳ. اُنهن تن اکرن ۾ ساري سنسار جي سمپتي ۽ محنت ڀريل آهي. جنهن بابت ڪافي اڳ ۾ چئي چڪو آهيان. اُن ڀاري ۾ اچ نه ٿورو ڪجهه ٻڌائيندس. ليکي ۽ پرشارٿ نه لفظ ڌيان ۾ رکو.

اٿر ويد جي هڪ منتر ۾ تن واسطي ٻڌايو ويو آهي ته سؤ هٿن سان ڪمايو ۽ هزار هٿن سان ورهايو. ماڻهو چون ٿا ته ڇا اهو ضروري آهي ته ويد جون سڀ ڳالهيون مڃون يا اُنهن تي هلون. جيترن ڳالهين تي اسين هلون ٿا اُنهن تي عملدار رهون باقي ٻين تي ٻيا هلندا. اهڙو غلط ويچار اسانجي من ۾ ويٺل آهي. ويد چوي ٿو ته تن ڪماءِ ۽ اهو خرچ نه ڪر. تن جو سواءِ هٿ جي

آيو ”ٿورو ٺرسو، جلد ٻاهر اچان ٿو.“ هاڻي سيٺ جي
من ۾ شڪ وڌيو پڪ هو اندر ڪجهه لڪائي رهيو آهي
۽ دروازو نٿو کولي. تڏهن سيٺ ڌمڪي ڏيندي چيو
”دروازو کول نه ته پوليس کي ٿو سڏ ڪرايان.“
پوليس جي ڳالهه ٻڌندي هن هڪدم دروازو کوليو
اندر ڪجهه به ڪونه هو. هڪ ڪنڊ ۾ هڪ پيٽي رکي
هئي. سيٺ ان پيٽيءَ کي کولڻ لڳو. تڏهن مينم ان
پيٽيءَ مٿان چڙهي ويٺو ۽ چيو هيءَ پيٽي نه کوليو.
اوهان کي ان مان ڪجهه به نه ملندو. سيٺ جو اڃا به
شڪ وڌيو ۽ دل ۾ پڪ ٿيس ته اندر ضرور پئسا رکيل
آهن. سيٺ چيو ”هيءَ پيٽي توکي کولڻي ئي پوندي.
مينم هٿ جوڙي چيو ”سيٺ هن ۾ ڪجهه ڪونهي.
هيءَ بند رهڻ ڏيو.“ اگر پيٽي نه کوليندين ته زبردستيءَ
هيءَ پيٽي کولائيندس. سيٺ چيو ”سڏيان ٿو نوڪرن
۽ پوليس وارن کي. مينم چيو ”اوهان ناراض ٿا ٿيو ته
هيءَ پيٽي کوليان ٿو.“ پيٽي کولائين. ان ۾ صرف ٻه
ڪپڙا پيا هئا. جيڪي ميرا، ڦاٽا ۽ ڳاٺل هئا. سيٺ چيو
”هي ڇا لاءِ آهن؟“ مينم چيو ”هي ڪپڙا پائي مان
اوهان وٽ آيو هوس ۽ اوهان ٻهاري ٻسائڻ لاءِ
نوڪر ڪري رکيو هو. ايشور جي ديا ۽ اوهان جي
ڪرپا سان منهنجو عهدو وڌندو رهيو. ان ڪري ٿوري
دير لاءِ هر روز هت هن ڪمري ۾ ايندو آهيان ۽ هي

وٽس. آئي هڪ سيٺ وٽ رسوئي ڪرڻ وياسين.
پوڄڻ پرڇجي آيو. اسان جي ٿالهين ۾ پالڪ پالڪ جون
سبزيون ۽ طعام رکيل هئا. پر سيٺ جي ٿالهيءَ ۾ هڪ
ڪٽوري هئي. جنهن ۾ پيلي رنگ جو پاڻي هو ۽ هڪ
ڦلڪو هو. رسوئي ڪئي سين. اُن کان پوءِ مون سيٺ
کان پڇيو "اوهان ڇا کائيندا آهيو؟" هن چيو "بس
اهو ئي کائيندو آهيان." مون پڇيو "صبح جو نيرن ۾
مکڻ، کير ڊبل روٽي وغيره کاڌو هوندو؟" هن چيو
"نه، اهو سڀ ڪجهه هضم نه ڪري سگهندو آهيان"
ڀلا توهان ڏهي يا لسي پيئندا هوندا؟ هن چيو "نه اُن
سان گلو خراب ٿئي ٿو. ڇاڻ مهڻ کان کنگهه اٿم" مون
پڇيو "ميوو وغيره کائيندا هوندا؟" ميوو ڪوبه نه
وڻندو آهي. نه سڪو ميوو کائيندو آهيان ڇاڪاڻ جو
اهو گرم آهي. هڪ دفعو پستا کاڌم ته، اڪيهر اچي
وئي." اجهو اهو آهي حال جو اڄڪلهه روبين جو سوامي
ڪجهه کائي نٿي سگهيو. اهڙي ڌن گڏ ڪرڻ مان
ڪهڙو لاڀ؟ اي ڌنوانو! جيڪڏهن توهان نٿا کائي
سگهو ته ٻين کي کارايو. پنهنجي پاڙيسري نوجوانن کي
کارايو. ڪين سگهارو بڻائي ديش جي لاءِ تيار ڪريو.
پر ته، اهي ڌنوان نه پاڻ کائيندا نه. ٻين کي کارائيندا.
ڪمائي ڪمائي هليا ويندا ۽ اڳلي جنم ۾ نانگ بڻبا.
نانگ بڻجي اچي اُن ڌن لي وهندا. ائين نه ڪريو.

اُن جو پهريدار نه ٿئي. اهو ماڻهو ڏنوان ڪوٺجي جيڪو ڏن ڪمائي ٿو پر خرچي نٿو صرف گڏ ڪندو رهي ٿو. جيڪو پاڻ تي خرچ نٿو ڪري سو ٻين لئي ڇا خرچ ڪندو. ڪي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي چون ٿا ته نه مان اُن پئسي مان سک وٺان ۽ نه ٻيا وٺن. مونکي ٻڌايو ته اهڙن ماڻهن ۽ بئنڪ جي چوڪيدارن ۾ ڪهڙو فرق آهي. جيئن بئنڪ ۾ پيل لکن روپين جي رکوالي اُلان جا چوڪيدار ڪن ٿا ليڪن ڏنوان به تجوڙين ۾ بند ٿيل پئسن جي رکوالي ڪن ٿا. ڏن مليو آهي ته اهو خرچ به ڪر. خبر نه آهي سارو سنسار اُن ڏن کي سڀ ڪجھ سمجهي ڇو ويٺو آهي؟ ڏن ته هڪ وسيلو آهي، هڪ ساڌن ماتر آهي جيئن اسين پنهنجي جيون جي ياترا طيءِ ڪري سگهون ۽ پنهنجي زندگيءَ جو سفر سڦل بڻائي سگهون. اُن جو اهو مطلب ڪونهي ته اسين ڏن کي اديش سمجهون ۽ هن سرير روپي موٽر ۾ پيٽرول وجهان موبل آئل وجهان، اُن کي گريس ڏيان ۽ پوءِ اُن ۾ چڙهي مقرر جڳهه (منزل) تي نه وڃان ته پوءِ هن موٽر (سرير) رکڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ته ڇا هي سرير صرف ڏسڻ لاءِ مليو آهي؟ ڪيترا ماڻهو ڏن ڪمائڻ لاءِ ئي ڪمائين ٿا. اُن کي خرچ ڪرڻ اُهي سکيا ئي ڪونه آهن. ساري حياتيءَ ۾ ڪجھ خرچ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن.

هڪ دفعي مان مهاتما هنسراج سان گڏ هڪ شهر ۾

۽ ٻڌايون آهن. اُهن کي هي ٿاءِ پاڻ تا جو اُصول ماري
ماٺ ڪري ٿو ڇڏي. اڄ ڪلهه اسانجو ديش اسانجي
جيون جي درجي کي اوچو ڪرڻ ۾ لڳل آهي. اسان
جي رهڻي اوچي ٿيڻ جو مطلب آهي ته اسان جو گهر
سٺي نموني جو ٺهيل هجي اُن جي ڊرائينگ روم سٺي
نمونگ سان سينگاريل هجي. صوفا سيٽ هجي، هيٺان
موٽر گاڏي هجي، رستا صاف ۽ پڪا هجن وغيره وغيره.
اڳي اسان رسوئي رڌڻي ۾ ڪندا هئاسين. ماني پچڻ يا
ڏيئي، پتني رسوئي تيار ڪري پهنجي سامهون آڻ
وجائي اُن تي ڪرائي ڇڏيندا هيون. هاڻي جيون
جو درجو اوچو ٿيو ويو آهي جو اها ڳالهه آڻ
تان کپي (Dining Hall) جي ميز تي اچي پهتي آهي.
جيون جو درجو ڏاهن اوچو چئجي ها جڏهن اسانجي
آتما، بڌي، من ۽ گيان اُوچي درجي تي هجي ها.
جڏهن اهي اُوچي درجي جا ٿين ته ڏهن اهنسا، نفرت
دشمني، ايمان اهي سڀ ڪري وڃن ٿا. انسان انسان
سان پيار ڪري ٿو. من اوچو ٿئي ٿو. دل وشال
ٿئي ٿي.

منش ڪير؟ اڄ ڪلهه اهو ملڻ مشڪل آهي. هڪ
دفعي هڪ فقير ڏينهن ڏٺي هٿن ۾ مشعال جهلي بازار
۾ آيو ۽ دڪان دڪان تي ويو. هر جڳهه تي چڱيءَ طرح
پيو جاچي ڏسي. هڪ شخص کانئس پڇيو "بابا توهان ڇا

اهو پاپ آهي. رگويد جو منتر آهي. ”ورهائي کائو“
جو اڪيلو کائي ٿو اهو پاپي آهي. سماج جي ڀلي لاءِ
خرچ ڪرڻ گھرجي. سڀني سماج تڏهن ٿاهي سگھنداسين
جڏهن اسين وڌي ورهائي کائينداسين.

شانڊوگيه اپنشد جي هڪ ڪٿا ٻڌايان ٿو. ڪي
ماڻهو راجا اشوپتي وٽ وڃي پهتا ان لاءِ ته ڪائنس
پئسا گھرون يا ٻئي ڪي سهوليتون وٺون يا ٻيو ڪجھه
گھرون. اهي راجا وٽ ان لاءِ پهتا ته ڪائنس برهم گيان
وٺون. هيءَ ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن تياڳ ڪرڻ
جي ڀاونا جو يڳ هو. تڏهن راجائن وٽ به برهم گيان
جي ڄاڻ هئي. هنن راجا اشوپتيءَ کي پرارٿنا ڪئي
ته اسان کي برهم گيان ڏيو. راجا چيو ”مان اڄ ڪلهه
يگيه ڪرڻ ۾ مشغول آهيان. ڀهرين توهان ان ۾ هلي
شامل ٿيو. مان اوهان کي دکشڻا ڏيندس.“ اهو ٻڌي
اهي ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳا. هنن کي سوچ
ويچار ۾ ٻوڙندو ڏسي راجا کين چيو ”منهنجو ان پوترتا
سان پيدا ڪيو ويو آهي. منهنجي راڄ ۾ ڪو چور
ڪونهي، ڪو شراب پيئڻ وارو ڪونهي؛ ڪو اهڙو گھر
ڪونهي جيڪو يگيه نه ڪندو هجي. ڪو دراچاري
ڪونهي.“ سو مون ڳالهه ڪئي.

هيءَ ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن تياڳ ڀاونا جو سڌانت
قائم هو. اڄ ڪلهه هن سنسار ۾ جيڪي ٻي انداز براهون

ٿئي. مان ائين نٿو چوان ته گهر وغيره کي سٺي نموني نه سينگاريو. يا ڪپڙو لٽو دل پسند نه پايو. پنهنجون ضرورتون ضرور پوريون ڪريو. ڀلي ڪار رکو يا هيليڪاپٽر رکو يا وماڻ رکو. مان اُن جي خلاف نه آهيان. خوب اُنتي ڪريو. پر ياد رکو جيستائين اسانجو چرتر اوچو نه ٿيو آهي تيستائين اها ٻاهري ترقي، ناس نيل ٿي سمجهو. اسانجو چرتر ڪريل آهي ته اُتي هن جو ٿي شان ڪسي کهڙي جڳهه آهي؟ اُن ڪري چوان ٿو ته راڄيه ڀلي اُن ۾ ترڪي ڪري، يوجنائون ٺاهي جيون جو درجو وڌائي، ڪارخانا کولي؛ پل ٻڌائي، ٻڌلي گهر کولي. آريه سماج اُن جيون جي درجي کي اوچو ٺاهڻ ۾ مدد ڪري جنهن سان جيون جو درجو اوچو ٿي سگهي. آريه سماج راڄنيتي کان دور رهي راڄيه کي سهڪار ڏيئي ماڻهن جي چرتر ٺاهڻ ۾ سهيوگ ڏئي ۽ ڪم ڪري. جيڪڏهن ٻيئي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلندا ته ديش جي ڀلائي ٿيندي. ماڻهو چنتائن کان دور ٿيندا. دراچار ختم ٿي ويندو. اُنکي چون ٿا ”تياڳه ڀاونا جو يگه.“

[۴] هي ڏِن ڪنهن وقت به هميشه لاءِ رهڻو ناهي.

ڪڏهن ڪنهن وقت ته ڪڏهن ڪنهن وقت.

آمريڪا جي هڪ شهر شڪاگوءَ ۾ سنه ۱۹۲۳ ۾ اُتان جي وڏن وڏن سيٺين جي سڀا گڏ ٿي. اِسٽيٽ بئنڪ جو

پيو ڏسين؟ ڪهڙي شيءِ پيو ڳولهين؟" فقير چيو "مان انسان کي ٿو ڳولهيان." شخص چيس "اهو ڇا ٿو چئين، ساري بازار ماڻهن سان ڀري پيئي آهي؛ اُنهن ۾ توکي هڪ به نظر نٿو اچي؟" تڏهن فقير چيو "هي انسان نه آهن. انسان اهو جيڪو دک سک ۾ سمان رهي. جيڪو پنجن وڪارن (ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار) جي مريادا کان ٻاهر نه رهي. جيڪو سهڻي او ستائن ۾ سمان رهي.

"ظفر آدمي اُسڪو نه جانيئيگا؛
وه هو ڪيسا هو صاحب فهم و ذڪا"
"جسي عيش ۾ يادِ خدا نه رهي؛
جسي طيش ۾ خوفِ خدا نه رهي."

انسان اهو آهي جنهن جو من پنهنجي وس ۾ آهي؛ جو مريادا کان ٻاهر نه آهي. جو نياءُ ڀاونا جي اصول
تي هلندڙ آهي. جنهن جي دل ۾ وشو پريم جي لهر
آهي ۽ جو ٻين کي پيار ڪري ٿو. اهو نه سڀ ڪڏهن
ٿي سگهندو جڏهن —

"منهنجي آتما کي جيڪا ڳالهه سٺي ٿي لڳي اها
ٻين کي به سٺي ٿي لڳي؛ اها نه ڪريان تڏهن منش
منش بڻجي ٿو. تڏهن جيون جو درجو اوچو بڻجي
ٿو. خالي ٻاهرين ڏيکاءَ سان جيون جو درجو اوچو ٿ

وڃي ٿو لڙهن اهو سائو ٿي ڄهڪڙي جي جڙ سان ڄهي ٿو. ان ڪري اُن جي لالچ نه ڪر. ٻُجهه پکي نه ٻڌج ٻين جي ڌن لي هٿ نه مار. پنهنجي ڪمائيءَ مان کاءُ.

ساهو پڻ جو منتر موڻ ڪالهه پڙهيو هو. جڏهن الاءِ ڇاٽي ڇڪو آهيان ته. تون هن سنسار ۾ پالڙي آهين. توکي هن سنسار ۾ رهڻي واپس ديولوڪ مان برهم لوڪ ۾ وڃڻو آهي. اُن الاءِ ڳالهيون پڙهيون وڃون آهن.

ديو ۽ داس ڀيڻ :- ٻرڪنيءَ جو داس نه ڀڃ. لڏيندو ديش ديولوڪ آهي. هيءَ ٻرڪرلي ڏپندو وطن لاهي. هتي تون صرف ٻاهرا ڪرڻ آيو آهين. ڪنج ڪمائڻ آيو آهين. توکي ورڻي ديولوڪ واپس وڃڻو آهي. تون پنهنجي وطن کي نه ڀلج. جيئن هڪ پاردواسي ٻئي ديش ۾ به پاردواسي ڪونائجي ٿو. سو اسين ته هن ٻرڪيءَ تي اچڻ کان اڳ ۾ ديولوڪ واسي ٿي رهڻ وارا آهيون. اُن ڪري تون ايشور جو داس ٿيءُ. ٻرڪرليءَ جو داس نه بڻج.

اڱڻي :- تون اڳتي وڌ. اُنتي ڪر. رڪجي نه بيهه. جسماني ۽ مانسڪ اُنتي ڪر. ٻارڙ کي ڏس ته ڪيتري اهڙڪار توکي قاسائي ته نه چڙهيو آهي. توکي ڪرم ڪرڻو ئي آهي. دنيا ۾ ٻه ڳالهيون آهن هڪ اُنتي ٻيو ڳراوٽ. ڪو به هڪ جڳهه تي ٿو بيهي رهي. ڇڪو رڪجي بيهي ٿو اهو ٿو پٺتي، اهو پڻ سمجهه.

چيئرمين، گئس ڪمپنيءَ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر، اناج جو وڏو واپاري وغيره ڇهه سميلن هئي. ١٩٢٣ ۾ اها سميلن ٿي. هون ١٩٤٨ ۾ يعني ٢٥ ورهين پوءِ هڪ اخبار ۾ پڙهيم ته اُنهن ڌنوانن جي ڪهڙي حالت ٿي. جيڪو اسٽيٽ بئنڪ جو مئنيجر هو اُهو پاڳل ٿي ويو. گئس ڪمپنيءَ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر جيل ۾ آهي. اناج جي واپاريءَ اپي وارات ڪئي آهي؛ ڪيترا شاهوڪار گم آهن. جيڪي ڌن ئي سڀ ڪجهه آهي ته انهين جيڪر ڇو ٿئي.

پنجاب ۾ هڪ نالي وارو واپاري هو. لالا هرڪشن لال پنجاب ۾ کيس (King of Commerce) چوندا هئا. خوب روپيا ڪمايا هئائين. وڏيون وڏيون ڪمپنيون هلايون هئائين. پوءِ سنڌس موت اپي وسيءَ ۾ هڪ هوٽل ۾ ٿيو. ته ڇا ڌن ئي سڀ ڪجهه آهي.

دولت ڇا آهي دو + لت (ٽنگ) جڏهن اها اچي ٿي ته ڇاتيءَ تي لت هڻي ٿي؛ ماڻهو اڪڙجي وڃي ٿو. هميشه مٿي پيو نهاري؛ هيٺ نٿو نهاري. جڏهن اها وڃي ٿي تڏهن اها پٺي لت پٺيءَ تي هڻندي وڃي ٿي. چيله جهڪي وڃي ٿي؛ هو مٿي نهاري ئي نٿو سگهي.

ڌن کان سواءِ به گذارو نٿو ٿئي. اُن کان سواءِ به جيون جو گاڏو نٿو هلي. پر جڏهن ڌن حد کان وڌي

جيڪو اُن جو نالو وٺي ٿو، جيڪو اُن جي ڀڳتي
ڪري ٿو. اُن کي ٻه ڏئي ٿو. ۽ جيڪو ڀڳتي نٿو
ڪري اُن کي ٻه ڏئي ٿو. جيڪو ڀڳوان کي گھٽ-
وڌ ڳالهائي ٿو اُن کي ٻه ڏئي ٿو. اڄ جي سنسار ۾
ڀڳوان جو نالو وٺڻ نسوري مورکتا ليکجي ٿي.

روس ڀڳوان کي ڪڍي ڇڏيو آهي. ته ڇا ڀڳوان
اُنان جي ماڻهن کي روٽي ڏيڻ ڇڏي ڏني آهي. ته
ڇا اُن جي اُتي روڪي ڇڏي اٿائين؟ نه هو سهنشيل
آهي. هن کي پڪ آهي ته جيڪي اڄ رستي تان هٽجي
ويا آهن نه سياڻي واپس رستي تي اچي ويندا. روس
ڀڳوان کي ديش نيڪالي ڏيئي ڇڏي آهي ته ڇا
روس جو اُن کانسواءِ گذر ٿيو؟ ڀڳوان کي ڪڍي هنن
ليمن ۽ اسٽالن جي جسمن کي شيشي ۾ بند ڪري ڇڏيو
آهي. اُني وچي مٿو ٽيڪن ٿا، هٿ جوڙن ٿا؛ اُنهن
جي پوڄا ڪن ٿا. پٿر ڪپاڙ تي سگھي ٿو پر ماتا
ڪڏهن ڪپاڙ تي سگھي ٿي؟ اڄ روس وارا ليمن
۽ اسٽالن جي معرفت ڀڳوان جي پوڄا ڪن ٿا اُن ڪري
ڇيو ويو آهي. "اِندر" اهڙي سهڻ شيلتا ڏي جهڙي
تو ۾ آهي.

جڏهن ۾ اهي چار ڳالهيون هو لکيون اُهو سڄل پاتري
ليکيو. اِهو پنهنجي پاترا کي سڄل اٽائي برهم لوڪ ۾
واپس پهچندو.

کجھ ڏينھن ٿيا پرياگ ۾ ڪنڀ جو ميلو ھو. اُتي لکين ماڻھو آيا ھئا. ھڪ وڏي ڀيڙ ھئي. مان بہ اُن ڀيڙ ۾ ڦاسي ويس. مونکي ندي جي ھن پر آريہ سماج جي اُتسوءِ ۾ وياکيان ڏيڻو ھو. اھا ڀيڙ اڳتي وڌندي ٿي ويئي. اُن ۾ ڪو بہ بيٺو نٿي. ھرڪو اڳتي وڌندو پئي ويو. جيڪڏھن ڪو رڪجي پيو تہ اُھو دٻجي ٿي ويو. جو ڪريو اُھو پيرن ھيٺان لتاڙجي ختم ٿي ٿي ويو. ھڪ ماءُ جو ٻالڪ ڪري پيو. اُھا ٻار کي ڪڍڻ لاءِ رڪجي تہ پئي ھيٺان دٻجي مري وياءِ.

سو سنسار بہ تيز رفتار سان بدلجي رھيو آھي. جيڪو بيٺو معنيٰ اُھو ختم ٿي ويو. اُن ڪري اڳتي وڌو، اُٿي ڪريو. رڪجو نہ. اُن ڪري چيو ويو آھي اگني.

ديو:- اسان ھن سنسار کي کيل سمجھون. تون بہ ھن سنسار ۾ رانديگر ٿي رھہ. اندر ڀاونا پيدا ڪر. راند ۾ جيڪڏھن ٻئي کان ڌڪ لڳندو آھي تہ اُھو ڪرود نہ ڪندو آھي، وڙھندو نہ آھي. تون بہ ائين سمجھہ تہ راند ڪري رھيو آھيان تہ پوءِ جھڳڙو وغيرہ نہ ٿيندو نہ لڙايون نہ ٿينديون وغيرہ.

اِندر:- اندر پرماتما جو نالو آھي ءِ پرماتما جو سڀني کان وڏو گڻ آھي سھن شيلتا. ڀڳوان کان سھنشيل ٻيو ڪو بہ ڪونھي. ڀڳوان سڀني کي روٽي رسائي تہ

تہ سگهي ۽ عمر وڌائي ڇڏي. هاڻي ڏسان ٿو تہ باقي
ٿورا رهيل آهي." منش چيو "مهاراج پرڀو وڏي هٿي،
ان ڪري مان پاسو وٺي بيٺو هوس. ڀڳوان پنهنجي
جهوليءَ ۾ هٿ وجهي ڏنائين ۲۵ ورهيہ ٻچيل آهن.
ڀڳوان چيو "وٺ پاڻ اهي ئي وڌيڪ ٻچا آهن تنهنجي
لاءِ ڪافي آهن." ماڻهوءَ چيو "ڀڳوان! اُهن ۲۵ ورهين
مان ڇا ٿيندو. اُن ۾ تہ منهنجي ننڍپڻ پوري ٿي
ويندي. ڪجهہ وڌيڪ سال ڏيو." ڀڳوان چيو "توهان
دير سان آيو آهين. هون وٺ وڌيڪ ٻچيل آهي اُهي
ڪونہ." منش ونڃي ڪئي. تنهن پر ۾ بيٺل ڏاند
ڀڳوان کي چيو "ڀڳوان! اوهان مونکي وڏي عمر
بخشي آهي، مان ايتري ڪيڏاهن ڪندس؟" ڀڳوان
چيو "توکي ساري عمر سامان ٻوٽو آهي، گاڏي
ڪاهڻي پوندي. هر هلائڻو پوندو." ڏاند پڇيو "پلا
مونکي کائڻ لاءِ ڇا ملندو؟" ڀڳوان چيو "کائڻ لاءِ گاهہ
ملندو." ڏاند چيو "ڪم ايڏو ڀاري ۽ کاڌو صرف
ايترو. مان اوهان جي آگيا مڃان ٿو. جيڪو ڪم ملندو
اُهو ڪندس ۽ کائڻ لاءِ جيڪي ملندو اُهو کائيندس.
پر ڀڳوان مونتي هڪ دايا ڪريو: منهنجي عمر مان
۲۵ ورهيہ گهٽائي هن منش کي ڏيو. ڀڳوان اِها ڳالهہ
مڃي، منش کي چيو "هان وٺ هيءَ ٻيا ۲۵ ورهيہ
هاڻي ۵۰ ورهيہ عمر تو لاءِ پوري آهي." منش چيو

ياترا جي باري ۾ مون اِهو ٻڌو آهي ته پاڻ سان
جو ڪجهه رکو اُهو گهٽ ۾ گهٽ هجي. ايترو رکو جيترو
پاڻ ڪم آڻي سگهجي. جيترو وڌيڪ سامان هوندو
اوترو ڪشٽ وڌيڪ ٿيندو ۽ اِهو پڻ ٻڌايو اٿم ته ياترا
۾ سک ئي ملندو، ائين نه سمجهڻ گهرجي. ياترا ۾ سک
دک ٻئي آهن؛ اُن ۾ سک به آهن.

پر اڄ جو انسان، انسان نه رهيو آهي. اُهو ڪيئن
اُن لاءِ هڪ ڪٿا ٻڌايان ٿو.

جڏهن پرماتما سنسار خلقيو. سڀ جيو جنتو ٿي
ويا، ماڻهو به ٿي ويو. تڏهن هن ٻين سڀني کي پاڻ
وٽ گهرايو. اچو ته توهان کي پنهنجي پنهنجي عمر
ورهائي ڏيان. سڀ گڏ ٿيا. ڀيڙ لڳي ويئي. پکي به
هئا، جيت جنتو به هئا؛ جانور به هئا. سمنڊ ۾ رهڻ وارا
جيو به هئا. ماڻهو به هئا. جڏهن منش آيو پهتو ته
هن ڏٺو ڪافي ڀيڙ لڳل آهي. ڀيڙ ۾ وڃڻ کان گهبرائڻ
لڳو. هڪ پاسي ٿي بيهي رهيو. سوچيائين جڏهن ڀيڙ
گهٽجي ويندي تڏهن هو ڀڳوان وٽ ويندو. ڀڳوان
سڀني کي پنهنجي الڳ الڳ عمر ورهائي ڏني. هاڻي
ڀيڙ گهٽجي ويئي، باقي ٿورا ڀراٽي وڃي رهيا. تڏهن
منش اڳتي وڌي آيو. اُن وقت منش کان سواءِ ٻيا
ٽي هئا، ڏاند، ڪتو ۽ اُلو. منش جڏهن ڀڳوان اڳيان
آيو ته ڀڳوان چيس "ايترو دير سان ڇو آيو آهين.؟ مان

ڀڳوان ائين ڪيو ۽ منش کي چيو تہ توکي هاڻي هڪ
سؤ ورهيہ برابر ملندا راضي آهين نہ؟ منش چيو" نيڪ
آهي؛ اوهان جي مهرباني." سڀ ملندا ويا. انسان جنم
ورتو. ٻار پيدا ٿيو. ساري گهر ۾ آنند ڪيو ويو.
واڌايون مليون. ڀاءُ؛ ڀيڻ، ڀيڻي، ڀڻيءُ؛ ماسي، ماسڙ؛
چاچو، چاچي؛ سڀ کيس گود ونهاري کارائڻ پيارڻ
لڳا. اُن لاءِ نرس رکي ويئي. ٿورو وڏو ٿيو تہ اسڪول
وڃڻ لڳو. اُن کان پوءِ ڪاليج ويو. اُتان پوءِ ماءُ پيءُ
کيس انگلنڊ موڪلي ڏنو. آنند ۾ جيون گذرندو رهيو.
نہ غم نہ ڳڻتي، نہ ڏکڻ نہ ونڍڻ. لکي پڙهي وڏو ٿيو.
۲۵ ورهيہ عمر جا گذري ويا. گهر ۾ واپس آيو. پيءُ
چيو" هاڻي تون وڏو ٿيو آهين؛ شادي ڪر. زندو-
داري ڪري ڪماءِ. جوان پٽ ڪمائڻ شروع ڪيو.
ٻار ٻہ ٿيس. سارو ڏينهن دڪان تي يا آفيس ۾ ڪم
ڪندو رهيو. دڪان تي يا آفيس ۾ ڪم پورو نہ ٿئي
تہ گهر ۾ پورو ڪرڻ لڳو. ڪم جي بوجهہ ڪري
ٿڪجي ٿڪجي گهر اچي. پتني چويس" اڄ سارو ڏينهن
ٻارن لڏنگ ڪيو. هڪ کي کنگهہ آهي، ٻئي کي بخار
آهي. مونءِ تي پيٽ ۾ تڪليف آهي. اُنهن کي ڊاڪٽر
وٽ وٺي وڃڻو آهي. اڄ تہ راشن بہ پورو ٿي ويو آهي.
سڀ سامان وٺي اچڻو آهي. پيءُ ٻارن کي وٺي ڊاڪٽر
وٽ ويو. بازار مان سارو سامان خريد ڪيو. گهر آيو.

"اِها ڪٿي پوري ٿيندي، ڪجهه وڌيڪ ديا ڪريو."
اُتي ٻيئل ڪتي چيو "ڀڳوان! مونکي اوهان هيڏي
وڏي عمر نه ڏني پر مونکي ڪرڻو ڇا آهي؟" ڀڳوان
چيو "توکي وفادار رهي مالڪ جي جاءِ جڳهه وغيره
جي چوڪيداري ڪرڻي پوندي." ڪتي پڇيو "کائڻ
لاءِ ڇا ملندو؟" ڀڳوان چيو "روٽي ۽ کير. جيڪڏهن
تنهنجو مالڪ توتي مهربان آهي ته توکي کير ۽ ٻل ملائي
پيار سان توکي روٽي کارائيندو پر جيڪڏهن برو مالڪ
آهي ته اُهو توکي پرهان ئي روٽيءَ ٽڪر ڦٽو ڪندو
رهندو." مونکي اوهان جي آڳيا اکين تي آهي پر
مونتي هڪ ڪرپا ڪريو؛ منهنجي عمر مان ٢٥ ورهيه
گهٽائي هن منش کي ڏيو. مونکي ايڏي عمر نه گهرجي
ڀڳوان منش کي چيو "هاڻي ته خوش ٿئين؟ تنهنجي
عمر ٧٥ ورهيه ٿي چڪي." منش چيو "اوهان جي
وڏي ديا آهي، پر ٢٥ ورهيه پيا به ڏيو ته ڏاڍو چڱو."
تڏهن پسرم ٻيئل اُلوءَ چيو "ڀڳوان مونکي ڇا ڪرڻو
آهي؟" ڀڳوان چيو "توکي سارو ڏينهن گهر مان نڪرڻ
جي اجازت نه ملندي ۽ ساري رات جاڳڻو پوندو. رات
جو توکي هڪ اُجڙيل وڻ تي ويهي آواز ڪرڻا پوندا."
اُلوءَ چيو "کائڻ لاءِ ڇا ملندو؟" ڀڳوان چيو "جيڪو
ڪجهه هٿ ملي ويندو اُهو کائج." جا آڳيا. پسر
منهنجي عمر مان ٢٥ ورهيه گهٽائي هن منش کي ڏيو.

کي ڦيرائي ڇڏيو، ڏاند، ڪتي ۽ اُلوءَ جي جيون ۾.
هيءَ به ڪا زندگي آهي؟

جا ڳالهه مان خراب سمجهان ٿو. اُنکي ٻيا به خراب سمجهن ٿا. اي مسافر! اُن ڳالهه کي نه ڀلج. هن ڌرمشالا ۾ رهي همت ڪر ۽ ڪرم ڪر. پنهنجي ياترا جا ڏهاڙا پورا ڪري جيئن تون هتان موٽي واپس برهم لوڪ ۾ وڃين. منش جو جيون گذاري سگهين. انسان ڪيئن ٿو بڻجي اهو توهان کي سڀاڻي ٻڌائيندس. سڀاڻي پويون ڏينهن آهي.

پارن کي سنڀاريو. پاڻ ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. فائيل پيا رجسٽر ڏسڻ ۾.

هي وواه ڇا آهي؟ گرهستي پار ڪٽيو آهي. ٢٠ ورهيه پيا ۾ پورا ٿي ويا پوجهه پوئيندي پوئيندي. پيلا ائين گذرندا ٻه ڇوڙ. ڇاڪاڻ جو اهي پيا ٢٥ ورهيه ڏاند ڪان عمر ۾ وڏا هئاسين. هاڻي سندس عمر ٥٠ ورهيه ٿي ويئي. رٽائر ٿيو ۽ دڪان تي پنهنجي پٽ کي ويهاريائين. پاڻ ديک ڀال ڪرڻ لڳو. جيڪو نوڪري ۽ مان جي رٽائر ٿئي ته نئون دڪان کولي پيا گهه. جي رکوالي ڪري. جيڪڏهن سنئي نهن ماڻي هوندس ته سندس سيوا ڪندي پر جي ملي ويس ڇڏيندي ته پريان ڦٽي ڪندس روٽي ۽ ٽڪر. ڇاڪاڻ ته اها عمر هن وڏي آهي هن ڪٽي ڪان. هاڻي ٢٥ ورهيه ٿيا ۽ پورا ٿي ويا بعدي ٧٥ ورهين جو ٿيو. پيو ٿي ويو. روڳي ٿي ويو. دمڪشي ٿي پيس، ڪمر جهڪي ويس، نظر گهٽجي ويس. ساري رات کنگهڻ ۾ ختم ٿي ويئي ۽ کنگهه جي آواز تي پين جي ننڊ به حرام ٿي ويئي. ڪنهن ڪجهه ڪائڻ لاءِ ڏنس ته اُن تي گذر ڪيو ڇڏي. ڇاڪاڻ ته اها عمر هن اُلو پکيءَ ڪان ورتي هئي. جيڪي مليو جتان مليو سو کاڌو ۽ سندس جيون ۾ ائين گذري ويو.

ٻڌو ۽ اسان کي منش جو جيون ڏنو آهي اسان اُن

سورج وانگيان لڳسوئي ٻڌجي ھن سنسار ۾ ھلندو رھندس." اُن ٻُڌن کي پوري ڪرڻ لاءِ اسانکي سورج جي خاصيتن کي سمجھڻ گھرجي. سوريہ جي سڀ کان وڏي خاصيت اِھا آھي جو ھو پنھنجي گھيري اندر ڦري ٿو ۽ نہ اُن کان ٻاھر. سج جڏھن کان وجود ۾ آيو آھي، اُن کي ڪئي ڪروڙين ورھيہ ٿي ويا آھن. تہ بہ ھو پنھنجي گھيري کان ٻاھر نہ ويو آھي. ھو ڦرندي سڀني گرھن، اُپگرھن ۽ نکشترن ۽ تارن، ستارن کي پاڻ ڏانھن چڪمڪي ڪشش سان ڇڪي لڳاتار گرمي ۽ پرڪاش ڏيندو رھيو آھي. اھڙيءَ طرح مان بہ پنھنجي جيون ۾ محڪم رھندس. ڪڏھن انسانيت کان ٻاھر نہ نڪرندس.

اگر سوريہ پنھنجي گھيري کان ٻاھر نڪري ويو تہ ھڪ ڪن ۾ پرليہ اچي ويندي. سڀ نکيترَ ۽ گرھ ۽ تارا پاڻ ۾ ٽڪرجي ٽڪرا ٿي پوندا. اھڙيءَ طرح انسان جڏھن انسانيت جي حدن کان ٻاھر ويندو تہ اُھو آس-پاس وارن ماڻھن جي بہ ستياناس ڪندو. اُن ڪري پاڻ کي ھر وقت ڏسڻ گھرجي تہ ڪٿي پاڻ انسانيت جون حدون ڇڏي ڪيڏانھن وڃان تہ نٿو؟ ڪجھہ بيو تہ نہ ٻڌجي ويو آھيان. سدائين پاڻ کي انسان بڻائڻ جو يتن ڪريو. پورا انسان بڻجو.

اوھان ڪنھن ڏاند کان پڇندا "تون ڇا آھين؟"

ستون ڏينهن :-

منهنجون پيارئون مائئون ۽ ڀيڻو!

اڄ ستون ڏينهن آهي. گذريل ڇهن ڏينهن کان اوهان کي ٻڌايو آهي تہ هن سنسار ۾ ڪيئن رهجي اسين کهڙو ڪم ڪريون جنهن سان اسين انسان بڻجي سگهون. انسان بڻجڻ لاءِ اڄ ٻڌ چوٿو آهي. رگويد جي ڏهين منڊل جي ٥٣ سوڪت جو ڇهون منتر آهي :—

”هي منش! تون انسان بڻج ۽ ساري ديالسي انسانيت کي زنده رک ۽ اُن لاءِ تون پاڪ پتر ڄڻ ساڌنا ڪر. اُها ساڌنا آهي :- (اوم تتسؤ تتون) هن سنسار ۾ تون سوريہ جيان پنهنجي جيون بڻاءِ.

جيڪڏهن اسانکي منش بڻجڻو آهي، سچو انسان ٿيڻو آهي تہ اسانکي جيون جو آدرش سج کي بڻائڻ گهرجي. اسانجي وڏن هن سج کي ڏسي راشٽر جهنڊو بڻايو ۽ اُن تي سورج جو چٽر قائم رکيو. اُن وقت ۾ جڏهن هڪ ٻالڪ گروءِ وٽ سکيا وٺڻ لاءِ ويندو هو. گرو شروع ۾ شش کي چوندو هو ”تنهنجي سکيا ۽ تنهنجي جيون جو آدرش سج ٿئي، تون سورج جيان بڻج.“ تڏهن شش يجرويد جي ٻئي اڌياءَ جو منتر پڙهي ٿو. جنهن جو مطلب آهي. اي گرو! ٻڌو، مان ساري عمر سج جي پيروي ڪندو رهندس. اُن ڪان پوءِ اهو ٻالڪ جيڪا پرتگيا ڪندو هو، اِها هيءَ آهي ”مان

ڪري ٿي مٿس سوريه کي پنهنجي اڳيان آدرش رکي
صحيح رستي تان هيٺ نه ڪر، نه ٿڙڪ.

سج ۾ ٻيا به گڻ آهن. هو چمڪي ٿو، لڳاتار چمڪي ٿو. ڪيترا دفعا سندس اڳيان بادل اچن ٿا، طوفان اچن ٿا، ڪڏهن زوردار طوفان ۽ بادلن جي ڪارڻ گهٽائن ۾ ڏينهن جو ٢ ٻجي به اونده انڌڪار هوندو آهي. ٿي پاڙٽي پوندي آهي. پر انهن بادلن جي اونده هٽڻ کان پوءِ سج برابر چٽو نظر ايندو آهي جيئن اڳ هو. سج انهن بادلن پٺيان به چمڪي رهيو آهي. هن پنهنجو گڻ ڪونه ڇڏيو آهي ۽ نه ڇڏيندو ئي. اهڙي طرح مٿس کي به گهرجي هو سوريه جيان چمڪندو رهجي اُن چمڪ کي آپدائن، مصيبتن، دکن ۽ ڪشٽن جا بادل ڀلي اچي گهيرو ڪن پر اُن کي پنهنجي چمڪ ڇڏڻ نه گهرجي. سوريه کي آدرش بڻائي اُنهن ڪشٽن جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ۽ دل ۾ چوندو رهجي "مان سدائين سوريه جيان چمڪندو رهان."

سوريه جي چمڪ اندر پرڪاش آهي. مان به پنهنجي اندر پيدا ڪريان. جيئن سورج ڀاڻا چمڪي ٿو ۽ ٻين کي پرڪاش ڏئي ٿو ۽ انڌڪار کي دور ڪري ٿو تيئن مان به هن سنسار ۾ گيان جي جوتيءَ کي ڦهلائيندو رهان. اگيانين کي گيان ڏيندو رهان. پرڪاش هڪ پڇ ۽ انڌڪار هڪ پاپ آهي. اوهان ڏٺو هوندو ته..

تہ هو جواب ڏيندو ”مان ڏاند آهيان.“ گهوڙي کان پڇندا تہ هو چوندو گهوڙو آهيان. گڏه کان پڇندا تہ چوندو ”مان گڏه آهيان.“ طوطو ٻار کي طوطو ٿي چوندو. جهرڪي ٻار کي جهرڪي ئي چوندي.

پر جڏهن تون مڻش کان پڇندين تہ ”اي مڻش! تون ڪير آهين؟“ تہ اهو ڪڏهن نہ چوندو تہ هو مڻش آهي. هو الڳ - الڳ جواب ڏيندو. ڪو چوندو مان بنگالي آهيان، ڪو چوندو مان پنجابي آهيان؛ ڪو چوندو مان عيسائي آهيان؛ ڪو چوندو پارسي آهيان. ڪنهن ٻئي کان پڇندين تہ چوندو مان مسلمان آهيان. ڪو چوندو آمريڪن آهيان؛ ڪو انگريز ڪو آسٽريلين ڪو چيني؛ ڪو جپاني؛ ڪو روسي، ٻار کي چوندو. پر ڪو ائين نہ چوندو تہ مان انسان آهيان. تڏهن مڻش آهي ڪٿي؟

ڪجهہ ڏينهن اڳم بمبئيءَ ۾ فساد ٿيا هئا. جڏهن جهڳڙا چالو هئا تہ هڪ هوٽل ۾ ٻہ آسٽريلين رهيل هئا. ساڻن گڏ هڪ ٻالڪ بہ هو. هن ٻازار ۾ ماڻهن کي جهڳڙو ڪندو ڏٺو هو تڏهن هن پڇيو ”اهي ماڻهو ڇو ٿا وڙهن؟“ تڏهن آسٽريلين ٻيءَ چيو ”اهي انسان نہ آهن، انسانيت کان ٻاهر آهن.“ هن سنسار ۾ لڙائي جهڳڙن جو مکيہ ڪارڻ اهو آهي جو اسين انسان ٿي نہ رهيا آهيون. انسانيت کان ٻاهر اسڪري ويا آهيون. اُن

وڃاڪيان ڏيندو رهيو. جڏهن وڃاڪيان پورو ڪيائين
تڏهن ڊاڪٽر پنڊت کان پڇيو "اوهان ڪٿي رهندا
آهيو؟" ليکرام چيو "هو آنءِ جي آريه سماج مندر ۾
رهندو آهي. ڊاڪٽر سائنس آريه سماج مندر ۾ هلڻ
لاءِ ارادو ڏيکاريو. پنڊت چيو انهي ضرور اچجو. ان
رات جو ۹ بجي ٽائيم مقرر ڪيو ويو. ماڻهن دل ۾ چيو
تہ اج پنڊت جو خير ڪونهي - اج آريه سماج مندر
لٽجي ويندو ۽ پنڊت ليکراج بہ. اُن ڊاڪٽر سماج
جي مندر ۾ پهچي پنڊت کان پڇيو "پنڊتجي اوهان
پنهنجي اُپديش ۾ چيو هو "جيڪو جهڙي ڪري ٿو
اهڙي ڀوڳي ٿو. تہ ڇا اهو برابر آهي؟"

پنڊت چيو "جيڪو بہ ڪرم ڪري ٿو پوءِ اهو
سنو آهي يا برو اُن جو نتيجو اُن کي اوس ملڻو آهي.
اُن کان ڪو بہ ڇٽي نٿو سگهي." پنڊت کان اُن
ڊاڪٽر پڇيو "مان تہ ڪئي ڏاڍا هنيا آهن، ماڻهو
لٽيا آهن ۽ خون ڪيا آهن تہ ڇا مونکي بہ اُن لاءِ
ڀوڳڻو پوندو؟ پنڊت چيو "ضرور. اُن کان ڀوڳڻ بنان
رهي نہ سگهبو". ڊاڪٽر چيو "اهو ڪيئن؟"
پنڊت چيو "هاڻي بہ پاڻ سنڀالي وٺ. خراب ڪرم
ڪرڻ ڇڏي ڏي - شڀ ڪرم ڪر. اُنهن شڀ ڪرمن
ڪرڻ سان اَشڀ ڪرم مٽجي ويندا" ڊاڪٽر چيو
"پنڊت، مان تيار آهيان تہ ڇا اوهان مونکي پاڻ سان

اڪثري رات جي انڌيري ۾ ئي برا ڪم ڪيا ويندا آهن چور چوري رات جو ڪندا آهن. ڊاڪو رات جو ڌاڙا هڻندا آهن. پر ڊاڪو ڏينهن جو به ڌاڙا هڻندا آهن. جيتوڻيڪ اهي ٿوڙهيل هوندا آهن. صرف سندن گاڏيءَ جي ڪانٽي ڦيرائي ڇڏڻ جي ضرورت آهي ته پوءِ اهي ڊاڪو به بدلجي سگهن ٿا ڊاڪو پڻو يا قرار ڪرڻ ڇڏي سگهن ٿا پر ڪو انهن کي ڦيرائڻ وارو هجي. رشي والميڪ جي جيون جو ڪانٽو بدلايو ويو ته هو مهرشي اٿجي پيو.

پنڊت ليکرام جي جيون ۾ به اهڙي گهٽنا ٿي. ڪرنال ۾ بازار جي چوسول تي هڪ دفعي هو وياکيان ڏئي رهيو هو. ته اتي هڪ وڏو ڊاڪو آيو. هو پنهنجن ٢٠-٢٥ ساٿين سان گڏ پهچي ويو هو. ان ڊاڪوءَ ڏٺو ته اتي کيترائي شخص ميڙاڪو ڪري ويٺا آهن ۽ سوچيائين انهن مان خوب مال هٿ لڳندو. هو اتي پنهنجن ساٿين سان گڏ ويهي رهيو. ماڻهن ڊاڪن ۽ ان جي سردار کي ڏٺو. اهي گهبرائجي ويا ۽ ٻچي ويا. دل ۾ چيائون اڄ خير ڪونهي. هيڏانهن ليکرام جو ليڪچر چالو هو. ماڻهو هڪ هڪ ٿي اتان کسڪي رهيا هيا ته جيئن گهر يا دڪان تي وڃي ٻار ٻچائي سگهجي. آهستي آهستي اتان سڀ ماڻهو هليا ويا. اتي صرف اهي ٢٥ ڊاڪو ئي وڃي رهيا. پنڊت ليکرام

آهن. هو ڄڻا ڊاڪوءَ جي ڪوٺڙيءَ ڏانهن ويا. هن کان پڇيائين ته، تون ڏاڍن هٿن جو ڪم ڇڏي ڇو نٿو سگهين؟ ڊاڪوءَ چيو "پڇو ڪين." سپر صاحب چيس "ڀڳوان توکي اهڙو مٺو ڪنٺ ڏنو آهي. اُن جو تون فائدو نٿو وٺين؟" ڊاڪوءَ پوءِ سپر صاحب کي انجام ڏنو ته، هو ڏاڍا نه هلندو ۽ نه ٻيو ڪو ڏوهه جو ڪم ڪندو. سپر صاحب کيس جيل مان آزاد ڪرايو. هاڻي اُهو عوام ۾ پنهنجي سريلي ڪنٺ سان نئين چيتنا ۽ جاڳرتا آڻي رهيو هو. هڪ دفعي هڪ شاديءَ جي اُتسو ۾ مهمان ٿي آيل ڄڻا پاڻيءَ سان منهنجي ملاقات ٿي ويئي. مون کانئس پڇيو "هاڻي تو ڏاڍا هٿ ڇڏيا آهن؟" هن چيو "مون ڪڏهن جو اهو ڦرمار جو ڪم ڇڏي ڏنو آهي. پر عجب اهو آهي جو اهو ڏنڊو هاڻي وڏيڪ پرڦيل لڪيل ڪرڻ لڳا آهن. منهنجي ڪا ضرورت نه رهي آهي."

ڪريل ۾ ڪريل انسان به وقت اچڻ تي بدلجي سگهي ٿو. سچ ۾ روشني آهي. هو پنهنجو پرڪاش چوڌاري ڦهلائي ٿو. تون به اُن وانگر گيان جو پرڪاش ڦهلاءِ جيئن ديش مان فرقيوار ڀاونا، پرانتڪ پڻو، تنگ دلي، ٺڳي ۽ وڪارن جو انڌيرو دور ٿي وڃي.

ويد ۾ هر جڳهه اهو ئي چيل آهي. انسان پنهنج

ڏٿا ڪندا؟" پنڊت چيو "ضرور توهان هر روز پرڀات
جو سنان ڪري اچ مان هگيه ڪري توکي پاڻ سان گڏ
ڪندس. پنڊت ليکرام سان اهو وارتالاپ ڪري اهو
ڊاڪو پنهنجي ڏيري ڏي ويو. اتي وڃي هن پنهنجن
سائين کي چيو "مون فيصلو ڪيو آهي ته مان هن
کان پوءِ ڌاڙن ۽ قهر جو ڪم ڇڏي ڏيندس ۽
اوهان سائين جي جيڪا مرضي هجي اها ڪريو.
سائين چيو "جيئن اوهان کي اهو خراب ڌنڌو ڇڏي
تا ڏيو ته پوءِ اسان به ڇو نه اهو ڌنڌو ڇڏي ڏيون.

پرڀات ٿي. سڀ ڊاڪو سماج مندر ۾ پهتا. پنڊت
ليکرام انهن کي تياري ڪري ڇڏي هئي. اُتي اچڻ وقت
هگيه شروع ٿيو. سينئي انتظار ڪيو ته اهي وري ڊاڪو
ٿي نه رهندا. ڌاڙا نه هڻندا. اُن ڊاڪوءَ جو نالو هو
مهلا ۽ اُن کان پوءِ مغلا هڪ انسان بڻجي ويو. انسانيت
جي روپ ۾ اچي ويو ۽ اُن آريه سماج جو پرچارڪ
بڻجي ويو. ۽ پوءِ هن اُن علائقي ۾ ٢٧ آريه سماجون
برپا ٿي ويون.

اهڙو پيو ڊاڪو جڳا نالي هو. پنجاب جي جيل ۾
جنم ٽيپ مليل هئس. ايشور ڪيس هٿ ڪندڙ ڏنو هو.
سندس آواز ۾ تاثير هو. اُن وقت پنجاب جو مکيه وزير
پيمسين سچر هو. هڪ ڀيري هو اهو جيل ڏسڻ ويو.
سچر صاحب کي سڏ ٻڌڻي ۾ جڳا ڊاڪوءَ ۾ ڪي گڻ

يجر ويد ۾ چيل آهي اسين هر روز ٻگهه ڪندي
هن منتر جو اُچارڻ ڪريون ٿا ۽ چئون ٿا مهنجي اگني
جاڳ ۽ جاڳي مهنجي آهوتي سويڪار ڪر.

اِها اگني سڀني ۾ هوندي آهي اُن کي وڌيڪ
تکو ۽ تيز ڪريو. اُن کي جاڳايو. اُن سان اُتساهه وڌي
ٿو. آشا پيدا ٿيئي ٿي. اڄ ڪلهه ڪيئي نوجوان
پنهنجي جوانيءَ ۾ ٻڍا ٿي وڃن ٿا. ڪا ڳالهه پڇيو ”ڪريو
خبر، ڪهڙو حال آهي؟“ جواب ملندو ”پيو وقت
ڪٽجي.“ ٻُڌندا ته اهو جواب نراسائيءَ کان خالي نه
آهي. اُن آشا جي اگني وسامي آهي. اُتساهه جي اگني
ٿڌي ٿي چڪي آهي. اهي جيئرو رهندي به مرده
جوان آهن. اُن ڪري نوجوان آشاوادي بڻجو. جوشيلا
بڻجو. اُتساهي بڻجو.

سج جي پوتر روشني جڏهن گندين گهٽين ۽ گلين
۾ پهچي ٿي ته اُتي جي اپوتر بدبوءِ وغيره کي ختم
ڪري اُتي شدتا آڻي ٿي ڇڏي. اُن ڪري تون به
سج جو آدرش پنهنجي اکيان رکي سنسار جي اپوترتا
ي دور ڪر. پاڻ پوتر ٿي رهه.

هڪ ٻيو واقعو ٻڌايان ٿو. پوليس کي خبر ملي ته
ڪ گهوٽڙي ۾ بي قائدي شراب ٺهي ٿو. اتي شراب
ون ٺهيون آهن. پوليس اُتي پهتي- رات جي وقت
وليس وڃي اُتي پهتي هئي. بي قائدي شراب جا

انسان بڻج؛ انسان بڻج. ويد ۾ ڪٿي به اهو لکيل ڪونهي ته هندو بڻج، عيسائي بڻج؛ جپاني بڻج يا آمريڪن بڻج. سورج پرڪاش ڦهلائي ٿو. تون به ويد جو پرڪاش ڦهلاءِ. گيان جي جوتي جڳاءِ.

پوني ۾ رشي دياننّد هڪ دفعي وياکيان ۾ ويد جو پرچار ڪندي چيو هو "مان ويد جي آڌار تي هوائي جهاز ٺاهي سگهان ٿو." هيءُ اُن وقت جي ڳالهه آهي جڏهن هوائي جهاز ڪو نه ٺهيا هئا. سواميءَ وڌيڪ چيو "پر مان هڪ ومان ٺاهي ڇا ڪندس. مونکي ته ساري سنسار ۾ ويد جو پرڪاش ڦهلائڻو آهي جنهن مان انسان ذات کي ڪو فيض رسي."

هڪ ٻي ڳالهه ٻڌايان ٿو. اسانجي وڏن وشنو ڀڳوان جي مورتي ٺاهي. اُن ۾ چار هٿ ٺاهيائون. هڪ ۾ سنک، ٻئي ۾ چڪر؛ ٽئين ۾ گدا ؛ چوٿين ۾ پدم (ڪمل) جهلايو. سنک جو مطلب آهي جيڪڏهن هر جڳهه پاڻ کي قائم رکڻو آهي ته پرچار ڪر. پرڪاش جي به ساڳئي ڳالهه آهي. روشني ساري سنسار ۾ پهچي ٿي، سڀني کي گرمي ڏئي ٿي. جيڪڏهن گرمي نه ڏئي ته سنسار سماپت ٿي وڃي. انسان جي اندر ۾ به گرميون آهن. جنکي اگنيون چون ٿا. جڏهن انسان جون اهي ٻئي گرميون اُجهامي وڃن ٿيون تڏهن انسان جو موت ٿئي ٿو. اُن ڪري پاڻ ۾ گرمي پيدا ڪريو.

پر ته، اُنهن جوانن کي ڪو ڀاڱو گهر جي ڏئي.

هڪ سيٺ هو، وڏو واپاري هو. ڪيس وٽ ڪيترائي دڪان هئا. اهو ڏسو ته سدائين وهي کاتن جي ڪم ۾ مشغول هوندو هو. هڪ دفعي هڪ سادو هن وٽ آيو ۽ چيائينس ته چئه "اوم اوم" هن سيٺ ڪجهه ٻڌو ئي ڪونه. سادو وري چيو. چئه "رام رام" هاڻي ته هن اٿندو ڪري ڇڏيو. ساڌوءَ چيو "سيٺ اسان غريبن لاءِ ڪا سيوا هجي ته چئو" هاڻي سيٺ ڪاغذ وهين مان اک مٿي ڪڍي چيو "وڃ وڃ هتي ڪوئي ڪونهي" هتان هليو وڃ نه ته ڪنهن کي سڏ ڪرڻو پوندو. اُهي ته ڪا ڏيئي ڪيدي ڇڏيندءِ. ساڌوءَ چيو "نوڪرن کي سڏ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي مان هليو ٿو وڃان. سادو هليو ويو.

ٻئي ڏينهن اهو سادو نديءَ جي پر لي هڪ مندر وٽ ٻئي گهمبو ته ڏٺائين اهو ئي سيٺ پيرن ۾ چاکڙي پائي رنشمي ڌوتي پائي- ڳچيءَ ۾ مالها هٿن ۾ گلن جي ٽوڪري کڻي هڪ مندر ۾ اندر ويو. ان ساڌوءَ يڪدم يوگ ٻل سان پنهنجو سروپ ان سيٺ جهڙو ڻاهي ڇڏيو. سادو هاڻي سيٺ جي ڪپڙي لٿي- شڪل شبيهه ۾ هن ساڌوءَ جي شڪل شبيهه ۾ ڪو فرق ڪونه هو ۽ اتان اوهو سادو سيٺ جي روپ ۾ اصلي سيٺ جي گهر ڏانهن راهي ٿيو. دروازي تي

ٻريل گهوڙا پڪڙيائون. مال مصالح پڪڙيو ويو. ٻنهون
پڪڙيون ويئون. ڪي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا. شراب
ٽاٽي لي آٽو هو ڳوٺ وارن کي چيو ويو ته شراب جا
دلا ڪڍي هلو. رات جو شراب جا دلا ڪڍي وڃڻ لاءِ
اِهي تيار نه ٿيا. پوليس وارن سوچيو ته هاڻي ڇا ڪيو
وڃي؟ جڏهن ڪين ٻيو ڪو رستو سمجهه ۾ نه آيو ته
پوليس اُهو شراب اُتي ئي پورو ڪيو.

سڄ جو ڳڻ اهو ڪولهي. پاڻ ٻرا نه ٿيڻو. چنائون
گهٽايو، ڪشت ۽ تنگدليءَ کي ڪاٻه جڳهه نه ڏيو.
جيئن سڄ پنهنجي نير جو پنڌ نٿو ڪري تيئن اسين
ليمي ٿيڻون- هر روز ٣ ٻجه اُٿون ۽ ٻريوءَ جو جاپ
ڪريون.

”ڇو تو اهڙن امله هيرن کي وڃائين- اهي حاصل
ڪر“ اگر ڪنهن کان پڇبو ته پرڀات جو ڇو نه تو اُٿين.
ته چوندو ڪوشش ته ڏاڍي تو ڪريان پر ڪا نه ڪا
اڙچڻ اچيو ٿي ساهون بيهي. ڪڏهن ڪڏهن رات
جو ڏه ٻارهان مهمان اچيو وڃن ته اسانکي اُٿڻو پوي
تو. اُنهن لاءِ پوڄن تيار ڪرڻو وي تو. سمهندي ٻارهان
ٿيو وڃن ٿا. پڏايو پرڀات جو ٣ ٻجه ڪيئن اُٿي سگهبو

اڙي ڀلا مانس! ڇا تو وٽ هرروز مهمان اچن ٿا ۽
۽ هر روز ١١ ٻجه وڃي وڃن ٿا. مهمان ته ڪڏهن
ڪڏهن ايندا آهن. باقي ڏينهن ته نير سان اُٿيو ڪر.

اطلاع نه ملي ها ته مان ڏوڪي ۾ اچي وڃان ها. هن اصلي سيٺ کي چيو "توکي نه، انعام ملڻ گهرجي جو تون ماڻهن جا چهرا چالاڪيءَ سان مٽائي سگهين ٿو." سيٺ چيو "اهو توهان جا ٽنا چئو. مان چهرا مٽائيندڙ نه آهيان مان اصلي سيٺ آهيان. مان اوهان وٽ دانهين آيو آهيان. منهنجي سڀني نوڪرن، منيبن ۽ ٻارن منهنجي ملڪيت تي قبضو ڪيو آهي."

ڀرڪ چيو "تو ڪهڙو نه نقلي چهرو ٺاهيو آهي. ٺڳي جي چهري ٺاهڻ سان ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. آخر اهو سيٺ اتان نراس ٿي شهر جي ڪورٽ ۾ پهتو ۽ سڀني منيبن، نوڪرن ۽ پٽن وغيره تي سمنون ڪيائون. ڪيس هليو. اتي اصلي سيٺ ۽ ساڌوءَ مان ٺڳيل سيٺ به اتي آيا. جج ٻنهي جا ساڳيا منهن ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو. هاڻي سندس جي لاءِ فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. جج اصلي سيٺ کان پڇيو "ٻڌاءِ تنهنجي گهر جي ٽئين ڪمري ۾ ڪيتريون پيٽيون رکيون آهن؟" سيٺ چيو "نه چئا مان گهر جون پيٽيون ڳڻيندو آهيان؟" جج وري ڪيس چيو "ٻڌاءِ ڪمري جي ٽئين پيٽيءَ ۾ ڇا پيو آهي؟" سيٺ چيو "مونکي خبر ڪانهي، اهو نه منيم جو ڪم آهي. هاڻي جج سيٺ روپي ساڌوءَ کان پڇيو "گهر جي ٽئي ڪمري ۾ ڪيتريون پيٽيون رکيون آهن؟" ساڌوءَ ٻوڪ ٻل سان

پهچي هن دربانن کي چيو ”خبردار رهجو اڄ هن
ڳوٺ ۾ هڪ ماڻهو آيل آهي جيڪو پنهنجي چهري
کي ٻئي جي چهري جيان ڦيرائي ٺاهي سگهي ٿو. سو
هن اڄ مون وانگر پاڻ کي ٺاهيو آهي. اهو اوهان کي
دوکو ڏيئي اندر اچڻ جي ڪوشش ڪندو“ سيٺ
نوڪرن کي ان ڳالهه کان واقف ڪيو ويو. آس پاس
جي پاڙن کي به گهرائي ائين چيو ويو. ڳوٺ جي پرمکه
کي به چوائي موڪليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ حقيقي
يعني اصلي سيٺ آيو. جيئن ئي هو پنهنجي گهر اندر
وڃڻ لڳو ته ايتري ۾ پهريدارن کيس روڪيو ۽ چيو
”وڏو آيو آهي منهن جا چهرا مٽائيندڙ؟ اسان کي
سيٺ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي. هاڻي ڀڄ هتان“.
اصلي سيٺ چيو ”اڄ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟
مان توهان جو اهو ساڳيو ئي سيٺ آهيان“
پهريدار کيس ڌمڪائيندي چيو ”هتان وڃين ٿو
يا نه – نه نه نه سڌ ٿا ڪريون سيڌي ماڻهن کي. سيٺ
تعجب ۾ پئجي ويو ۽ دل ۾ چيائين ته پهريدار ڪٿي
شراب ته نه پيتو آهي؟ هن پنهنجي مڙس کي گهرايو.
آهي به مٿس کلڻ لڳا. هن جي آخر ڪنهن به نه ٻڌي.
سيٺ ڳوٺ جي پرمکه وٽ ويو. پرمکه به کيس ڏسي
سمجهي ويو ته هي منهن جا چهرا مٽائيندڙ آهي نقلي
سيٺ ٺهي آيو آهي. جيڪڏهن اسان کي اڳ ۾ اهڙو

جو لمبر ناهه. سورج جيان نيمي رهه."

پرڀات ٣ بجي کان ٦ بجي تائين ٿئي ٿي، اُن وقت اندر اُتر طرف هماليه جي گود ۾ ڪئلاش تي وڃي رشي مني يوگي، تپسوي ساڌو يوگ ٻل سان ۽ تپو ٻل جي وديا سان ٻڌي نيچ، جس ۽ ڌن جا ڪرتا ٿي چڙهن ٿا. ساڌڪ جتي ٿي آهن اُهي اُنهن کي پراپت ڪندا رهن ٿا. اُهي اُلان سڀ ڪجهه پراپ ڪاسٽ ڪندا رهن ٿا ۽ انهن هٿي پنهنجي سرير روڳي رئيو سيت تان اُنهن کي ڇڏ ديائي ٻڌي سگهون ٿا. اهڙا جيڪي مهش ستل آهن اُهي وڏو ڌن وڃائي ٿا ويهن. اُن ڪري پاڻ کي نيمي بڻايو.

آريه سماج جو هڪ نيم آهي "هر هڪ کي پنهنجي اُنتي ۾ تي سنتوش ڪري نه ويهڻ گهرجي سڀني جي اُنتي ۾ پنهنجي اُنتي ۽ سمجهڻ گهرجي اُن کان وڏيڪ سامواد، سوشلزم وڏيڪ ڇا هوندا. سڀني جي ڀلائي ۽ ۾ پنهنجي ڀلائي سمجهو. ته پوءِ اوچ نيچ جو ڪو به ڀيد نه رهندو. ڌنوان ۽ غريب جو تفاوت نه رهندو. آريه سماج جي نيمن ۾ هڪ پيو به نيم آهي. سنسار جو اُپڪار ڪرڻ هن سماج جو مکيه اُديش ٿي رهيو آهي. مهرشي ۽ هڪ جاتي لاءِ يا هندو ۽ جي ڀلائي لاءِ يا گجراتي ۽ يا هندستاني ۽ جي ڀلي لاءِ نه چيو آهي پر ساري سرشٽي ۽ جي بهتري لاءِ چيو آهي.

يڪدم ٻڌايو "ڇهه ڪاٺ جون پيٽيون ۽ ٻه ڪٻٽ."
جج پڇيو "ٽپين باڪس ۾ ڇا رکيو آهي؟" هن ڇوڪ
ٻل سان ٻڌايو "وڪٽوريا راڻيءَ جي چانديءَ جا پنج
هزار پنج سؤ روپيا نقد پنجهتر هزارن جا پروناٽ ۽
وهيون ڪاتا رکيل آهن.

جج جاچ ڪرائي. برابر اُن باڪس ۾ ايترا روپيا
وغيره رکيل هئا. جج سيٺ روپي ساڌوءَ کي اصلي
سيٺ ٺهرايو. ۽ اصلي سيٺ کي نقلي سيٺ ٺهرايو.
هاڻي اصلي سيٺ ٺراس ٿي نديءَ جي ڪناري لـي
وڃي ويٺو. ۽ ساڌو سيٺ اُتي اُن وقت ويو ۽ کيس
چيائين سيٺ چئو "اوم-اوم" چئو "رام-رام" سيٺ
چيو رام رام. ساڌوءَ سيٺ وڌيڪ چيس "غريبن لاءِ
ڪا شيوا؟" سيٺ چيو "جيڪا شيوا چئو اها ڪندس
عمر ڀر غريبن جي شيوا ڪندس." ساڌوءَ سيٺ چيس
"ڪالهه ڇا ٿي ويو هو؟ اها شيوا ڪيڏانهن گهمڻ
وئي هئي؟ هاڻي ٻڌ، مان تنهنجي ڌن تي قبضو ڪرڻ
ڪونه آيو هوس. مان صرف توکي ٻڌائڻ آيو هوس ته،
جو توکي ڏئي ٿو اهو توکان کسي به سگهي
ٿو. اُن ڌن ڏيندڙ داتار کي به ياد ڪندو رهه جنهن
توکي هيڏي مايا ڏني آهي. اهو نه وسارج. اُن کي
ياد ڪرڻ جو به وقت ڪڍ. هڪ ته پيو ٻهانو ٺاهي اُن
پرڀوءَ کي وسارڻ جو يتن نه ڪر. پرڀات جو سوير اُٿڻ

نہ ڪنھن جراح کي سڏ ڪر." اُني ڪري ڪونہ ھو. پاڻ چپاتين ڪو چاڪو ئي ڪٽي اڇ. مان خود تہ اھا ڳوڙھي ڪٽيان.

چاڪو نہ ملڻو پر راجارام تراس ٽيڪ وارو نہ ھو. ھن اِسپرٽ ڪڍيائين. اُن ڳوڙھيءَ کي صاف ڪيو ۽ اِسپرٽ پنھنجي منھن تي ھنيائين ۽ منھن اسپرٽ سان صاف ڪيو. ھن اھا ڳوڙھي پنھنجي ڏندن سان ڪٽي ٻاھر ڪڍي. اِھا آھي شيوا جي ڀاونا. جنھن کي آريہ سماج پنھنجو نيم بڻايو آھي.

اھڙيءَ طرح جڏھن بنگال ۾ سخت ڏڪار پيو تڏھن اوڏانھن سانڀن ٽن لکن جا چانور موڪليا ھئا. جڏھن بھار ۾ ڌرتي ڌڏي تڏھن مان ڪلڪتي ۾ ھوس مھاتما ھنسراج تار ڪئي تہ يڪدم بھار پھچي وڃ. مان مگھير شھر ۾ پھتس. ڏينھن جو ٢ ٻجي زلزلو ٿيو ھو. کوٽائي شروع ڪيسين. پھرين ڏينھن تہ گھٽيءَ جيترا ماڻھو نڪتا ٻير ٻئي ڏينھن ڪجھ گھٽ. ٽئين ڏينھن ھڪڙو. چوٿين ڏينھن بہ ھڪڙو. پنجين ڏينھن کان پندرھن ڏينھن تائين ڪو بہ ڪونہ نڪتو صرف لاش ئي لاش ھئا پر سورھين ڏينھن ھڪ شخص گھر جي ڪڙيل ڇت ھيٺان سلامت نڪتو. اِھو ڏسي سيٺي کي اچرج لڳو. مون اُن کان پڇيو "اڙي تون بچين ڪيئن؟" ھن ٻڌايو جڏھن ڌرتي ڌڏي تہ ڏھن مان

اخبارن ۾ مون پڙهيو آهي تہ ١٠ سالن کان مٿس
چند ئي ٻچي ويندو ۽ اُني وڃي نڪاٽو ڪندو. پر
اُن مان ڪهڙو فائدو. ڇا اُني وڃي بہ ٻگاڙو پيدا ڪرڻو
آهي؟ اُن ڪري ٻهرن ٻهرين سنسار جو ڀلو ڪري سگهو.
خلق جي خدمت ڪري سگهو. جڏهن بہ ڪٿي آپدا
آئي آهي تہ شيوا جي ڪيتر ۾ آريہ سماج ھڪدم ٽپي
پيئي آهي. ٻهريون دفعو جڏهن پليگ پيئي تہ آريہ سماج
شيوا جو ڪم هٿ ۾ ڪيو. مهاتما هنسراج شري راجارام
کي چيو "ملتان وڃ اُني پليگ پيئي آهي. جنتا جي
شيوا ڪر." راجارام ٻار سان گڏ هلڻ لاءِ مهاتما هنسراج
کان منهنجي بہ آگيا ورتي. اسان اُنسي پهتاسين. پليگ
جي زور ڪري سارو شهر خالي ٿي ويو هو. سڀ
نڪري ويا هئا باقي پليگ جا روڳي اُلي وڃي ڇڏيا
هئا. پتي پتنيءَ کي ڇڏي ويو هو. استري پتيءَ کي
ڇڏي وئي هئي. ڪو بہ ڪنهن جي ترسڻ لاءِ تيار نہ
هو. راجارام جي شيوا ڪرڻ سان هر روڳيءَ جي سڃاٽپ
ٿي وئي هئي. هڪ گهر ۾ اسين وياسين. اُني هڪ
بيمار پيو هو. پليگ جي ڳوڙهي نڪتل هيس.
راجارام ڏنو جيڪڏهن اُن ڳوڙهيءَ جو علاج ترت ڪيو
ويو تہ اُهو بچي ويندو. مونکي چيائين "وڃ ڏس ڪو
ڊاڪٽر آهي تہ کيس سڏي اچ." اُني ڊاڪٽر ڪو نہ هو
مون کيس اچي ٻڌايو. هن چيو "ڪو ڊاڪٽر ڪونهي

سنسار آهي ڇا؟ نرڪ آهي نرڪ! اُن ۾ دُک ئي دُک آهي. جڏهن کان مان ساڃو ٿيو آهيان ڪئي دُکيون ڏٺيون آهن نه مهنجو هٿ ڏسو! مان چوندو آهيان اُن ۾ ڇا ڏسان؟ اُن ۾ رت آهي، ماس آهي ۽ هڏيون آهن. ٻڌهن ۾ چوندو آهن ”ڏسو هو ٻار بيمار رهن ٿا مهنجو ڇا ٿيندو؟“ ٻڌو اُهو جيڪو اُنجو ٻڌو.

اسانجي مَن ۾ شانتي ڪانهي ۽ سکي نه آهيون. چنتا ۾ وڪوڙيل رهون ٿا. ٻڌو، سنسار سک ڀوڳڻ جو آستان ڪونهي. هي ته اُنيءَ ۽ آزمودي جو آستان آهي جتي ڪئي اُنيءَ ٿين ٿا.

مهرشي ديانند آريه سماج جو اُن لاءِ پايو وڌو ته اسين انسان بڻجون. ٻر بڻجي ويا آهيون حيوان. هر جڳهه ڳٽيون ۽ چنتائون آهن. هر جڳهه جي آريه سماج ۾ اشانتي آهي. جهڳڙا آهن پارٽي بازي آهي. لڙايون آهن. اُنهن سڀني جهڳڙن کان بچڻ چاهيو ٿا ته اُهو هڪ ئي رستو آهي انسان بڻجو. ڀڳوان جيڪي ڏنو آهي اُن جو پورو فائدو وٺو.

هڪ ڪٿا آهي. هڪ راجا گهمندي گهمندي دوريءَ تي وڃي نڪتو. سانجهي ٿي وئي. بک ۽ پياس کان وياڪل ٿي ويو. نيٺ هڪ ڪانير وٽ وڃي پهتو. راجا هن کي چيو ”مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي. ڪجهه کائڻ لاءِ ڏيو. ڪانير وٽ کائڻ لاءِ جو نر

هنجي دڪان ۾ ويٺو هوس. ڇت جو ڇپيٽر ڏنگو ٿي هيٺ ڪريو. اُن ڪري هڪ جڳهه خالي ٿيو، جيان رهي جتي مان ويٺو هوس. مونکي ڪيلن جو دڪان هو. ڪيلن تي گذر ڪندو رهيس. پيو ڏو ڏو آيو ته قدرتي زمين مان پاڻي نڪري آيو. جنهن منهنجي اُڃ پئي لاٿي. ڪيلا کائيندو رهيس. پاڻي پيئندو رهيس. سرير ڪمزور ٿيندو ويو. ڪيلا به ختم ٿي ويا هئا. سمجهم موت نزديڪ آهي. پڪ ۾ مري جان ويندي. تڏهن منهنجي مٿان کٽ کٽ جو آواز آيو. اندر مونکي ڪٿان هوا به ايندي رهي هئي. ٻاهريان آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اُميد جاڳيم ته بچي ويندس.

جاڪو راکي سائينيا مار سڪي نه ڪوءِ،
بال نه بانڪا ڪر سڪي جو جڳ بئري هوءِ.

هن کي جيئرو ڏسي مونکي بيحد خوشي ٿي. منهنجي آتما گدگد ٿي ويئي. اُن آنند جو اهو اندازو لڳائي سگهي ٿو جنهن سيوا جو آنند ورتو هوندو. جتي به آپدا آئي اُتي آريه سماج سيوا ڪرڻ کان انڪار نه ڪيو ۽ دل وجان سان تن، من ۽ ڌن جي سيوا ڪئي.

سج ٻئي کي پرڪاش ڏئي ٿو. اسان کي به ٻين کي سک ڏيڻ لاءِ جيون ٺاهڻ گهرجي. اسان کي پنهنجو جيون سج موافق ٺاهڻ گهرجي.

اڪثري گهڻا ماڻهو نراس ٿيل نظر ايندا آهن. هي

حڪم ڏنو. راجه جي ڏکڻ ۾ جيڪو چندن جو ٻيلو آهي اهو هن ڪاٺير کي ڏنو. ته جيئن عمر ڀر پنهنجو جيون سکي گذاري. ڪاٺير هاڻي اُن ٻيلي ۾ وڃي رهڻ لڳو. هر روز هو چندن جون ڪاٺيون جلائي ڪوئلا ڪري بازار ۾ وڪڻي ايندو هو. هيڏانهن راجا خيال ڪيو ته هاڻي اهو ڪاٺير ضرور ڌنوان ٿي ويو هوندو. سو اُن کي ڏسڻ جو خيال ڪيائين. جڏهن راجا اُتي آيو ته جهنگل ۾ چندن جي وڻن جو ٻيلو خلاص ڏٺائين. راجا وزير کان پڇيو "ڪٿان ٻئي هنڌ ته نه اچي ويا آهيون؟" وزير نقشو ڪڍي ڪيس ڏيکاريو. هيءُ ساڳيو هنڌ آهي. راجا ڏٺو ته ٻري باقي ڏهه پندرهن وڻ چندن جا بيٺا آهن. جن جي وچ ۾ اهو ڪاٺير اداس منهن سان ويٺو هو. راجا پڇيس "ڪهڙو خبر." ڪاٺير چيو "هيترا ڏينهن سک سان گذري ويا باقي ٿورا وڻ وڃي بچيا آهن."

راجا پڇيو "هيترا وڻ جو بيٺا هئا تن جو ڇا ٿيو." ڪاٺير چيو "ڪم اهوئي جيڪو اڳ ڪندو آيو آهيان. ڪاٺيون وڍي جلائي ڪوئلا ڪري بازار ۾ وڪڻي ايندو آهيان." راجا چيو "تو هي ڇا ڪيو؟" هاڻي اهي ڪاٺيون وڍي بنان جلائڻ جي وڪڻي اچ. ڪاٺير ائين ڪيو. بازار ۾ هڪ دڪاندار اهي ڪاٺيون ڏٺيون ۽ دل ۾ چيائين اهي اصلي چندن جون

جا ٻه ٻوڙا هئا. هن اهي ٻئي راجا کي ڏيئي ڇڏيا.
راجا اهي کائي پنهنجي بک مٽائي ۽ پاڻي پي پياس
بجهائي. تڏهن ڪاٺير کي ڏنواد ڏني ۽ ٻڌايو ته، مان
فلاڻي ديش جو راجا آهيان. ڪنهن وقت به ڪا
ضرورت پوي ته مان حاضر آهيان. اُن ڳالهه کي گهڻو
وقت گذري ويو. ڪاٺير ڪاٺيون وڍي اهي جلائي
ڪوئلا تيار ڪندو هو ۽ اُهي بازار ۾ وڪڻي ايندو
هو. ڪاٺيون وڍيندي آخر اُهو جهنگل ختم ٿي ويو.
ڪاٺير مايوس ٿي اچي گهر ويٺو تڏهن سندس پتنيءَ
ياد ڏياريس "تون چوندو هئين ته راجا منهنجو دوست
آهي. هاڻي اُن وٽ وڃ هو ضرور توکي مدد ڪندو."

ڪاٺير راجا وٽ ويو. دروازي تي بيٺل دربان
کي چيو "مونکي راجا سان ملڻو آهي." دربان ڪاٺير
کي ڦاٽل ڪپڙا ڏسي چيو "تون ان حالت ۾ راجا سان
نٿو ملي سگهين." تڏهن ڪاٺير کيس چيو "راجا مونکي
ملڻ لاءِ چيو هو." تڏهن اُتي بيٺل سپاهيءَ چيو "ٿي
سگهي ٿو راجا کيس چيو به هجي." سو راجا کي اُن ڳالهه
کان واقف ڪيو ويو. راجا کين چيو "پهرين اُن کي
سنان ڪرائي نوان ڪپڙا پارائي اندر وٺي اچو."

نوان ڪپڙا پائي ڪاٺير راجا سان ملڻ ويو. راجا کيس
سڃاتو ۽ کانئس اچڻ جو ڪارڻ پڇيو. تڏهن ڪاٺير
پنهنجي روزگار نه هئڻ جي سربستي ڳالهه ٻڌائي. راجا

دور پهاڙي کي پري هئڻ دن ڪناري آ گيا
چل نهي تو اس جيوني ۾ پڙا پڇتائيگا.

وقت اجايو نه وڃاءِ. اهڙو قيمتي وقت وري موٽي نه ايندءِ. اُن ڪري اُن جو پورو پورو لاڀ حاصل ڪر. ڀوساگر تري پار پوڻ جو يتن ڪر.

هڪ هنڌ اُتسو ٿي رهيو هو. اُتي هڪ ستار وڄائڻ وارو آيو. تمام سٺي ستار وڄائيندڙ هو. هن سڀا جي پرڌان کان ٿورو وقت ستار وڄائڻ جي آگيا گهري. پرڌان چيو "تون دير سان آيو آهين. پروگرام سماپت ٿيڻ تي آهي. تنهنجي وينتي ڪرڻ تي پندرهن منٽن کان وڌيڪ وقت نه ڏيئي سگهندس.

ستار وڄائيندڙ چيو "ٺيڪ آهي." هاڻي هو اسٽيج تي آيو. ستار ٺيڪ ڪرڻ لڳو. هر تار جو سُر ٺيڪ ڪرڻ لڳو. ستار جون ڪليون ڦيريندو رهيو. پنج منٽ گذريا ڏهه منٽ گذريا. چوڏهه منٽ گذري ويا. تڏهن سڀاپتيءَ چيو "باقي هڪ منٽ وڃي رهيو آهي." ستار وارو تارن جي ڪلي اڃا به ڦيريندو رهيو. پندرهن منٽ اُئين ئي گذري ويا.

جيون جي ستار وڄائڻ وارا! توهان جي ستار ڪڏهن سُر ۾ ايندي؟ يا ساري حياتي ڪليون ئي ڦيريندا رهندا! وقت تمام ٿورو آهي. اُهو اجايو نه وڃايو. ڪڏهن چئو ٿا ڪم گهڻو آهي. ڪڏهن چئو ٿا

ڪاٺيون آهن. دڪاندار ڪاٺير کان پڇيو ته هنن ڪاٺين جو گهڻو وٺندين؟"

ڪاٺير چيو "جيڪو مناسب سمجهين اهو ڏي." دڪاندار چيو "هڪ روپيو ڏيندس. ڪاٺير جڏهن ٻڌو ته عجب مان چيو "هڪ روپيو!" ڇاڪاڻ ته کيس خبر هئي ته اڳي انهن ڪاٺين جا ڪوئلا ڪٽي ايندو هوس ته صرف چار آنا ملندا هئا. ٻئي دڪاندار هن کي انهن جا ٻه روپيا ڏنا. چندن جي سڳنڌ بازار ۾ ڦهلجي ويئي. ٽئين دڪاندار کيس پنج روپيا ڏنا. ڪاٺير کي وڌيڪ عجب لڳو. ايتري ۾ چوٿين دڪاندار ڏهه روپيا ڏنس. ڪاٺير جڏهن ڏهه روپيا ٻڌا ته ڪاٺين جي ڀري هيٺ رکي ۽ مٿو مٺن ۾ وجهي ويهي رهيو. ۽ اندر ۾ چوڻ لڳو "اڙي مون ايتريءَ ٻها واريون ڪاٺيون ائين جلائي هيڏو سارو جهنگل ناس ڪري ڇڏيو. افسوس!"

ٺيڪ اهڙيءَ طرح اسين ٻه ڀڳوان جي ڏنل هنن سواسن روپي چندن کي اڻڄاڻائيءَ ۾ جلائي ڪوئلا ڪري اجايو پيا ناس ڪريون. ڀڳوان اسانکي امولڪ سواس ڏنا آهن. جن جو ڪو ملهه ڪونهي. اڄ تائين انهن کي تو ڪوئلا ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ٻس پاڻ سنڀال. باقي جيڪي سواس اڃا آهن انهن جو ملهه ڳڻ ڪر.

ٻيت خراب آهي. ڪڏهن زڪام جي شڪايت ڪريو ٿا. خالي ڪليون نه موڙيندا رهو. ستار نه وڄايو.

هنن سڀن ڏينهن ۾ اها ئي ڳالهه پيش ڪئي آهي ته

”سنسار ۾ ڪيئن رهڻ گهرجي.“

جيڪڏهن اوهان اُن جو آنند وٺڻ چاهيو ٿا ته ونو نه نه ائين ئي رهجي ويندا. اُن ڪري مون چيو آهي

”اي انسان جاڳ.“

✱ سماپت ✱